
من شهر ۾ هڪ شهر هو

[ناول]



جيا جادواڻي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هن شهر ۾ هڪ شهر هو

[ناول]

جيا جادواڻي

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد - 2019ع

ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر_167

ڪتاب جو نالو: هن شهر ۾ هڪ شهر هو

موضوع: ناول

ليکڪا: © جيا جادواڻي

ڇاپو: پهريون

سال: 2019ع

ٽائيٽل، ڇپائي ۽ ڪمپوزنگ:

انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد

ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر،

حيدرچوڪ، حيدرآباد، سنڌ. فون: 022_2728541

استاڪسٽ:

حيدرآباد: ڪويتا بڪ شاپ، ذوالفقار بڪ ڊپو، ڪويتا بڪ هائوس، نڪشن هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال،
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بڪ اسٽال، ڪاشف بڪ هائي حيدرچوڪ، ڪنگ پن بڪ شاپ - پريس ڪلب

ڪراچي: ايس. اي بڪ ڪارنر (اردو بازار)، رائل بڪ هائوس، توحيد ايجنسيز اردو بازار ڪتاب گھر، ڪتابواڙ بڪ اسٽور،
نشون نيا پبلڪيشنز ڪتاب گھر، سچل گوٺ ٽوپاشاھ: سليم برادرز بڪ اسٽال، مسجد روڊ (03123637001)

عمرڪوٽ: المزيز بڪ ڊپو، ٽر ڪتاب گھر، ڪهرو: مهراڻ ڪتاب گھر 0235879713، پٽ شاھ: شاھ لطيف بوڪ اسٽال، درگاھ پٽ شاھ
سکر: عزيز ڪتاب گھر، الفتح نيوز ايجنسي، ماڻ پبليڪيشن بڪ اسٽال، شڪارپور: گل ڪتاب گھر، وسيم ڪتاب گھر

خيرپورميرس: تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بڪ اسٽال، ميرپور ماٿيلو: هائوس آف ناولٽي،

لاڙڪاڻو: رابيل ڪتاب گھر ميهڙ: ساحر ڪتاب گھر (ڪوندي) 03468948535، دادو: ممتاز بڪ ڊپو

ساڪرو: المهراڻ ادبي ڪتاب گھر، بدين: مرجومل بڪ ڊپو، محمد هاشم بڪ اسٽال - پريس ڪلب

ٽنڊي: ٽر ڪتاب گھر، سجاول: سنڌ ڪتاب گھر، ڏگڙي: اڪرام بڪ ڊپو (03442930628)

اسلام آباد: سعيد بڪ بئنڪ،

ISBN: 978-969-717-015-9

HIN SHAHAR MAEN HIK SHAHAR HO

[Novel]

By © Jaya Jadwani

Edition: First

Year: 2019

Title design & Composing & Printing:

Intel Communications, Hyderchowk, Hyderabad.

Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber,

Court Road, Hyderchowk, Hyderabad-Sindh.

Tel: +92 22-2728541

www.kavitapublications.com

email: mlmintel@yahoo.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

نند جويري دادا کي

هيءَ سرشتي هڪ سرڪل آهي
جتان هلندا آهيون
اُتي ئي پهچندا آهيون
جتان شروع ڪندا آهيون
اُتي ئي ختم
جن کان ونندا آهيون
اُنهن کي موٽائي ڏيندا آهيون
مون ۾ هي احساس
جنهن کان ورتا
ڪجهه پنهنجا مِلائي
مان اُنهيءَ کي واپس ڪيان ٿي.

ـ جيا جادواڻي

• فهرست

ـ اداري پاران	موهن مدهوش	7
ـ مهاڳ	شوڪت حسين شورو	8
ـ پريم جون آڃاتيون گهرايون ۽ جيون جي حقيقت	جيا جادواڻي	14

هِن شهر ۾ هڪ شهرُ هو

اُسات	19
تلاش	45
پِيڙا	82
پريم	109

• اداري پاران

جنهن شخصيت تي 50 کان وڌيڪ شاگردن مونوگراف ۽ ايم. فل لاءِ مقالا لکيا هجن، اها کا ننڍي شخصيت ته کانه هوندي. هاڻي اهڙي هستي جيڪا پنهنجي ذات ۾ فلاسافر ۽ جنهن جي سوچ ۽ فڪر ۾ گهرائي ۽ تخيل ۾ اڏام... ان شخصيت جو نالو اتو- جيا جادواڻي.

1 ـ مئي 1959ع تي مڌيه پرديش جي شهر ڪوتما ۾ جنم ونندڙ جيا جادواڻي پنهنجي 60 سالہ زندگيءَ ۾ ڪهاڻي، ناول ۽ شاعريءَ جا مقبول ڪتاب ڏنا آهن، جيڪي هندي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل آهن. ان کانسواءِ سنڌس ڪيترين ئي لکٽين جا انگريزي، اردو، پنجابي، سنڌي، عربي، اُڙيا، مراٹي ۽ بنگالي ٻولين ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪا آهن، انهن مان هڪ ناول جو نالو آهي: "هن شهر ۾ هڪ شهر هو"، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ناول جو ڪردار "نند" 30 سالن کانپوءِ جڏهن پنهنجي شهر شڪارپور واپس موٽي ٿو ته سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي وڃي ٿي ۽ ڪيس ہالپٽ جون گهڙيون شدت سان ياد اچن ٿيون. هو پنهنجن وڃڻن جا ڪردار ياد ڪرڻ لڳي ٿو. هُو ڏاڍيءَ جي موت تي رودالين جي رودن جي ذڪر سان گڏ نوڪرن سان راند روند جا قصا ۽ گهوڙي سواري جا احوال ڪري ٿو. گهر جي ملازمہ 'زيني' جي اُڪير بہ وڏي ڪمال جي ڏيکاري ٿو. آخر ۾ تجسس وچان پنهنجي پريميڪا "سنڌوءَ" جي گهر وڃي پهچي ٿو. جنهن جي ڏيءَ کي هو پاڻ سان گڏ آندل مٺائي پيش ڪري ٿو ۽ هن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏي ٿو..... بالڪونيءَ مان جڏهن سندس نظر سنڌوءَ تي پوي ٿي ته سندس ڪيفيت ڪنهيئر ٿي وڃي ٿي ۽ هو آلين اکين سان ڏسو ساهہ پري واپس موٽي وڃي ٿو.

هن ناول جو اصل مسودو (Manuscript) سنڌ ۾ پياري دوست رکيل مورائي وٽ پهتو. جنهن ناول جي گهڻي تعريف ڪندي مونکي ڇپرائڻ لاءِ آماده ڪري ورتو. سنڌي ادب جي نالياري ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري جا لک قرب، جنهن مهاڳ لکي وڏا وڙ ڪيا. آخر ۾ جيا، شوڪت، ڊولٹ راهي ۽ رکيل جو آپاري آهيان، جن هن ڪتاب جي اهميت کي اُجاگر ڪيو آهي. خيال رکجو! هن ناول کي پڙهڻ سان توهان جي قميص جو ڪالر مٿي نہ ڪجي وڃي.

موهن مدهوش

18ـ نومبر، 2019ع
حيدرآباد، سنڌ

•

مهاڳ

جيا جادواڻي هنديءَ جي نامور ناول نگار ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره آهي. سنڌي پڙهندڙن جي لاءِ هن جو نالو نئون ڪونهي. ڪجهه سالن کان هوءَ سنڌيءَ ۾ به چپجندي رهي آهي. هن کان اڳ ۾ سندس ناول "مٿو پاڻي کارو پاڻي" سنڌيءَ ۾ چپجي مڃتا ماڻي چڪو آهي. ان ناول جو پهريون حصو سنڌ جي تاريخ سان جڙيل آهي. سندس هي تازو ناول "هن شهر ۾ هڪ شهر هو" سنڌ ۽ سنڌ جي هڪ شهر سان جُڙيل آهي. البت ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ سنڌين جي شروعاتي زندگيءَ جي ڏکين گهڙين جون جهلڪيون پڻ آهن.

هيستائين جيا جادواڻي جي ڪهاڻين ۽ ناولن جو مکيه عنصر آتم ڪٿا رهيو آهي. "مٿو پاڻي کارو پاڻي" ناول ۾ هن پنهنجي پاران لکيو آهي ته "جيڪڏهن هڪ ست ۾ چوان ته منهنجو سمورو لکڻ منهنجي آتم جو اظهار آهي، جيڪو خود کان شروع ٿيو پوءِ ان ۾ ٻيا به شامل ٿيندا ويا." جيا جي تخليقي اظهار ۾ آتم جي تلاش جاري آهي. سندس چوڻ موجب هن خود کي ئي لکيو آهي، "هن شهر ۾ هڪ شهر هو" آتم ڪٿا جو ئي انش لڳي ٿو پر اها آتم ڪٿا جيا جادواڻيءَ جي ڪانهي، ڪنهن ٻئي شخص جي آهي جنهن ۾ ناول نگار پاڻ کي ٽورو پري بيهاريو آهي. برابر هن ناول ۾ جيا جادواڻي اسان کي نٽي ملي، پر هن جي لکڻ جو شاعراڻو اسلوب، جادوئي اثر رکندڙ بيانيه (narrative) جنهن ۾ فلسفي جي نفيس اُٽت آهي، هانءُ ۾ پيهي ويندڙ ۽ چيندڙ جملا جيا جادواڻيءَ جا ئي آهن.

"هن شهر ۾ هڪ شهر هو" ناول ان پيار جي ڳولا آهي جيڪو ناول جي مکيہ ڪردار نند کي ننڍي ڄمار ۾ هوا وانگر ڇهي ويو هو. پهرئين پيار جو اهو ڇهاءُ ڪڏهن نہ منجندڙ مهڪ جيان هن جي من ۾ واسو ڪري ويهي رهيو. ڪيترائي سال گذري ويا، پر اهو ڇهاءُ ۽ ان جي مهڪ هن کي ڇڪيندا رهيا موٽي اچڻ لاءِ. هن جڏهن بہ ڪوشش ڪئي سرحد پار وڃڻ لاءِ رستو بند مليو. پوءِ اوچتو ڪنهن ڀائي اهو رستو هن لاءِ کلي ويو ۽ هو ان ڏرتيءَ تي موٽي آيو جتي سندس جنم ٿيو هو. جهاز مان لهندي ئي هن سڀ کان پهرين جهڪي ڏرتيءَ کي پرٽام ڪيو ۽ مٽو ٽيڪي ان جو ڇهاءُ محسوس ڪيو. ڏرتيءَ جو ڇهاءُ ۽ پهرئين پيار جو ڇهاءُ هن لاءِ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ ڪونہ هئا. هن جو پيار ان ڏرتيءَ سان ئي واڳيل هو جنهن کي ڇڏي هو سرحد پار هليو ويو هو. تڏهن هن جي ڄمار ڏهہ سال هئي. ان ڄمار جي ٻار کي چوندا جو اختيار ڪونہ هو. پر پوءِ بہ هو سڄي ڄمار پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ۽ پهرئين پيار سنڌوءَ کي ڇڏي اچڻ تي شرمسار رهيو.

"مان توکي ڏسڻ لاءِ گهٽو پرتي کان آيو آهيان –
ڪٿي لڪ ۽ پاڻ بچائڻ جو شرمناڪ وقت هو ان
ڪري توکي ڇڏي هليو آيس."

سڄي ناول ۾ ساروٽين جا اڻ ڪٽ پر تڻل سلسلا آهن، جيڪي سنڌ ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويا آهن ۽ نند کي پوئتي گهليندا وڃن ٿا. حال کان ماضيءَ طرف ۽ ماضيءَ کان موٽي حال ڏانهن. انهن ۾ ننڍپڻ جون ڪي ڏُنڌليون، ڪي ڇٽيون تصويرون آهن شڪارپور جون، سندن گهر جون ۽ گهر ۾ موت جون، جيڪي هن پهريون پيرو ڏٺيون هيون ـ پڙ ڏاڏي جسودا جو موت، رودن پٽڪي ڪرڻ وارين ماين جا پار ڪڍي روئڻ، ڏاڏيءَ جي پيرن تي رکڻ لاءِ ٻارن کي ڏنل ناريل ۽ گلن جا هار، چندن جي ڪاٺين جي چتا تي ڏاڏيءَ جو انتم سنسڪار، پيءُ سان گڏ ريل ۾ بمبئي وڃڻ ۽ اتان ڏاڏيءَ جون هاڏيون گنگا ڪٽي وڃڻ... ٻيون بہ

نِڑيل پکڑيل يادگيريون آهن ان عمر جون پر سپ کان چيندڙ ساروٹيون ان پيار جون آهن جنهن جو چيڙ من مان ختم ٿئي ئي نٿو.

"اسين سپ پنهنجو پنهنجو پريم ڪٿي گهمي رهيا آهيون... پنهنجي پنهنجي پيڙا، جنهن کي ڏيڻ چاهيون ٿا پر ونڊي ڪير؟"

جيڪو سندس پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي گلي سان لڳائي ها. تنهن کي ته هو چڏي هليو ويو هو ساڻ ساڻ شڪارپور کي ۽ چڏي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ جڏهن هو پريل گهر ٽانگي تي ڪٽي ريلوي اسٽيشن تي اچي لٿا هئا. نند کي پليٽفارم تي اهو پاڻيءَ وارو ۽ ياد آهي جيڪو 'هندو پاڻي... مسلم پاڻي' جا هوڪا ڏيندو پئي ويو. پاڻي ته ساڳيو هو پاڻيءَ جو رنگ ۽ ساڳيو هو ذائقو ۽ ساڳيو هو پر سچل جي چواڻي "مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا..." ماٺهن پاڻيءَ کي ۽ مذهبن جي نالي ۾ ڏار ڏار ڪري ورهائي چڏيو هو. شايد پاڻيءَ کي پنهنجي ورهائجڻ تي ڪاوڙ لڳي ۽ ان ڪاوڙ ورهاڱي جي مها پرلئه آڻي ماٺهن کي پري پري تائين لوڙهي ڏکي اڇلائي چڏيو. هڪڙا ورهاڱي جي ٻوڏ ۾ لڙهي ويا، ٻيا اهي هئا جن سوچيو 'اسين بچي وياسين.' پر بچي اهي ۽ ڪٽي ويا هئا! انهن جي پيرن کي ته پنهنجي ڌرتيءَ تي موجود هوندي اکوڙي چڏيو ويو هو.

"جن سنڌ چڏي انهن چا حاصل ڪيو... يا جيڪي هتي رهجي ويا، انهن چا وڃايو... سنڌ ۽ انهن کي وڃايو آهي... چا سنڌ ڪنهن کي ياد ڪندي آهي؟ چا هوءَ ۽ ڪڏهن اداس ٿيندي آهي؟ اهوئي ته پڇڻ آيو آهيان مان! چا ٻين کي رئارڻ وارا پاڻ ۽ روئيندا آهن؟"

انهن چيندڙ سوالن جا جواب ڪنهن وٽ ڪونه آهن. خود سنڌ ۾ سنڌ ۾ رهجي ويل سنڌي وائڙا آهن. هنن لاءِ اهي سوال "اکر اڃيان ايري واڳون ٽي وريام" (قاضي قادن)، جيان آهن. غلطيون ٻنهي ڌرين کان ٿيون.

صدين کان صوفي فلسفي پائيچاري، رواداري، سهپ واري راهہ تي هلڻ وارن سنڌي هندن ۽ مسلمانن جڏهن صوفيت تي سياست کي مٿيرو ڪيو تہ هڪ راهہ مان بہ راهون ٿي ويون. ريل جي پٽڑين وانگر گڏ گڏ هلندڙ پر جدا جدا. هيڪڙائي وارو تصور ٿتي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. گهڻي دير ٿي وئي. معافي تلافي سان ڪو فرق تہ پوڻو ڪونهي. البت پنهنجي من کي پريائڻ لاءِ ڪڏهن ان جي ضرورت پئي ٿي.

"شڪارپور هڪ شهر نہ ذهني ڪيفيت آهي.
شڪارپور هڪ جسم ئي نہ روح بہ آهي... هن روح
کي پاڪي پائي هليو وڃڻ جي معافي ٿو گهران...."

ان ذهني ڪيفيت کي ڪٽي جيئندڙ 'نند' پري کان هلي پنهنجي شهر شڪارپور کي پاڪي پائي معافي گهرڻ اچي ٿو. پر هڪ وڏو صدمو هن جي آجيان ڪرڻ لاءِ موجود آهي. هي اهو شڪارپور شهر تہ ڪونهي جنهن ۾ سندس زندگيءَ جا ڏهہ سال گذريا هئا.

"اڄ... اڄ ڏسان ٿو تہ هي ڪو بيو شهر آهي... انهيءَ
شڪارپور کي هن علائقي جو پئرس چيو ويندو هو
روڊ رستا خوشبودار پاڻيءَ سان ڏوتا ويندا هئا.
ٽائون پلاننگ ۽ بلڊنگس جي معاملي ۾ هيءَ هڪ
هاڪارو شهر هو... هاڻي شڪارپور ۾ داخل ٿيندي
ئي ڪچري جا ڍير ڏسڻ ۾ اچن ٿا. روڊن جي حالت
ڪافي خراب آهي. اڪڙجي ويا آهن... جڳهہ جڳهہ
پاڻي پريل آهي، اهي چؤواڻا بہ ساڳيا نہ رهيا آهن،
جن کي مان چڏي آيو هوس..."

هو شڪارپور جي تباهيءَ جي صدين جو بار دل تي کڻي جڏهن پنهنجو گهر ڏسڻ وڃي ٿو تہ ڪيس در تان ئي موٽايو وڃي ٿو! پنهنجي ماءُ جي پراڻي ساهيڙي ۽ سندن ڪپڙا ڈوئندڙ مائي زينيءَ جي گهر جو در هن لاءِ ڪليل آهي. نند مائي زينيءَ جي هنج ۾ پنهنجو منهن رکي روئڻ لڳي

ٿو. هوءَ بہ کيس ٻانهن ۾ پري روئي رهي آهي. احساس جي ان تصوير کي جيا جادواٽيءَ ڪنهن چترڪار جي ڪمال مهارت سان چٽيو آهي.

"هڪ بند ٽٽو هو. ڪيترين ئي نديون اندر دفن هونديون آهن... اسان کي خبر ئي نہ پوندي آهي.. هن جي اکين جي ڪنڊن مان سنڊو ڦٽي رهي هئي... مان وهي رهيو هوس... اسان جا لفظ تيزيءَ سان وهندڙ نديءَ ۾ وهي رهيا هئا... 'وڃ وارا تہ نہ موٽندا آهن، گوئمان، تون موٽي آئين...'

'مان تہ پنهنجي سنڊ کان پري ڪڏهن وڃي نہ سگهيس!' زينيءَ سان گڏ ماني کائيندي لڙڪن جي نديءَ ۾ وهندي هو سوچي ٿو 'غلطيون وڏا ڪندا آهن، پوءِ ڪٿو اسان کي پوندو آهي. اسان بہ تہ گلاس الڳ ڪري رکيا هئا. اڄ اسين سڀ پڇ الڳ ٿي ويا آهيون.' "

سڄي ڪالهہ اها آهي تہ ناول کي پڙهندي جيا جادواٽي جي استائيل جي جادوءَ ايترو منڊي چڏيو آهي جو من چاهي ٿو تہ رڳو جيا جي جملن کي ئي ورجائيندو لکندو رهان. "هن شهر ۾ هڪ شهر هو" درد جي هڪ اهڙي ندي آهي جنهن ۾ مون پاڻ کي وهندي محسوس ڪيو آهي.

جلاوطني جي پيڙا تہ اهو جلاوطن ٿيل شخص ئي ڄاڻندو ۽ پوڳيندو آهي. جيا جادواٽي ناول جي ڪردار نند جي ان جلاوطنيءَ واري احساس ۽ من جي ڪيفيتن کي جنهن دردمنديءَ سان چٽيو آهي، اهو لاثاني ۽ لافاني آهي. جيا جادواٽي جو پيءُ، ماءُ سميت سڄو ڪٽنب توڙي مٽ مائٽ جلاوطنيءَ جي جنهن باهہ مان سڙي نڪتا هوندا ان جو ڪجهہ سيڪ تہ جيا کي بہ آيو هوندو. جلاوطني هڪ اهڙُ ناسور آهي جنهن جا اهجاڻ (Symptoms) جسم جي ڪنهن عضوي ۾ ڪونہ هوندا آهن. پر جلاوطن ٿيل شخص جو روح ان روگ ۾ ورتل هوندو آهي. روح جي روگ جو ڪو علاج تہ آهي ڪونہ. پنهنجي جنم پومي، پنهنجي شهر کي وري

ڏسڻ سان جلاوطن روح کي سکون ملندو هوندو يا ڇُٽل ڦٽ وري اٽلي پوندا هوندا! شهر هجي يا ويڳائجي ويل پيار ان کي رڳو هڪ پيرو موٽي اچي ڏسڻ سان ڪٽارسس ٿي سگهندو هجي! ڪٽارسس جي گوريءَ سان زخمي ٽيل روح درد کان آجو ٿي سگهي. ان جي پڪ ڪانهي. ڪيئن ٻه هجي، اها ٻه ته من جي چاهنا آهي. هو جنهن شهر مان جلاوطن ٿي پنهنجي پيار کي ٻه چڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو ان کي 32 سالن جي لمبي عصي کان پوءِ هڪ پيرو وري اچي ڏسي ته سهي. ڪجهه ساڳيو ٻه آهي يا سڀ ڪجهه ئي بدلجي ويو آهي. اها هڪ پيرو وري ڏسڻ جي اُڄ "هن شهر ۾ هڪ شهر هو" جهڙي ناول جي تخليق جو ڪارڻ بڻي آهي.

هي ناول درد جو هڪ طويل نظم آهي جنهن کي نثر ۾ شاعريءَ جي گڏيل ڏات جنم ڏنو آهي. جيا جادواٽيءَ جو نثر ۾ سندس شاعري حيرت انگيز طور رَلي ملي ويا آهن. اهڙي ريت جو ناول ۾ سندس خوبصورت اسلوب جي رنگن جي مهڪ پرجي وئي آهي.

> "هڪ شهر اسان جي رڳن ۾ رت ٿهي وهندو رهيو...
> پنهنجون ڪيتريون يادگيريون اسان جي آتما ۾
> سنياڻي رکندو آهي... ڪيئن اسان جي ساهن ۾
> گيت بڻجي پڑاڏو بڻجي من جي گهاٽين ۾ گونجندو
> آهي..."

"هن شهر ۾ هڪ شهر هو" ناول پڙهندڙ جي ساهن ۾ وچوڑي جي درد جو گيت بڻجي پڑاڏو بڻجي، من جي گهاٽين ۾ گونجندو رهندو ـ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ته هِن ناول پڙهڻ کان پوءِ ائين ئي محسوس ٿيو آهي.

18ـسيپٽمبر، 2019ع
جامشورو سنڌ

ـ شوڪت حسين شورو

•

پريم جون آجاتيون گهرايون
۽ جيون جي حقيقت

يوروپي ڪاويه پرمپرا مجيندي آهي ته اسين پنهنجو پاڻ نه لکندا آهيون. بلڪ ڪجهه اڻ ڏٺيون شڪتيون آهن. جيڪي اسان کان لکائيندڙيون آهن. هومر جي 'اوڊيسي' جي شروعات ۾ انهيءَ 'منگلاچار' سان ٿئي ٿي ته هي ديوي! مون تي ڪرپا ڪر. مونکي ڪجهه ٻڌاءِ. اهڙيون نوَ ديويون مجيون ويندڙيون آهن. ڏيان ڏيڻ جي ڳالهه اِها آهي ته ڪنهن به اديب/فنڪار تي سيئي ديويون مهربان نه ٿيندڙيون آهن. ڪنهن تي پريم جي ديوي مهربان ٿيندي آهي. ڪنهن تي ڪلا جي. ڪنهن تي ڪا بي. چوندا آهن هومر تي سڀ کان ديالو ديوي. جنهنجو نالو 'ڪلايوپي' هو مهربان هئي. تنهنڪري ئي هو ايڏو وڏو مها ڪاويه لکي سگهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪوئي اديب لکڻ کانپوءِ چوندو ۾ آهي. 'هي مون نه لکيو آهي. بلڪ ڪنهن لکل طاقت مون کان لکايو آهي.'' مان اُنهن مان هڪ آهيان.

ڪجهه اهڙيون اڻ ڏٺل شڪتيون آهن. جيڪي اسانجي ئي اندر لکل هونديون آهن. اسين صرف اُنهن کي سڏيندا آهيون. ڪرپا ڏيڻ نه ڏيڻ اُنهن جي هٿ ۾ آهي. ها. پر اُن جي قابل هئڻ هڪ ضروري شرط آهي. چوندا ۾ آهن نه اِلهام لاءِ عبادت ضروري آهي. ڪيرڪي گارد لکڻ کي 'اجاتل جي سامهون پرارٿنا' چوندو هو.

هونءَ تہ رچنائون اسان جي 'آتم' جو ئي وستار آهن. پر اُن ۾ ڪنهن بئي کي بہ جڳهہ ڏيڻي پوندي آهي. ٿورو پاڻ پڻتي سُري. ٿورو 'اُها' خاص جڳهہ خالي ڪري. جتي هن مهل تائين 'تون' ئي هئين. هن ناول ۾ مون اِهو ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. 'جيا' کي ٿورو پري بيهاريو آهي ۽ جنهن جي هيءَ ڪٿا آهي. ڪوشش ڪئي آهي تہ اُهو ئي سامهون ڏسڻ ۾ اچي. پر هُن جي اندر بہ سلسليوار ڪهاڻي نٿي هلي. بلڪ ڪجهہ 'درشيہ' آهن. جيڪي بعض وقت هلن پيا ٿا. بعض وقت بيهي ٿا رهن. جيون جي ڪتاب جا اِهي لمحا ئي جيوَن جو پورو داستان ٻڌائيندا آهن. اسان جي هٿ جو سمورو داستان. هنن لمحن کي گهٽائي ڇڏ تہ جيون خالي توتاري. جيڪا شور تہ گهٽو مچائيندي آهي پر اندر کو سُر نہ هوندو اٿس. هونءَ بہ اسين پنهنجي اندر لهي ڪا ڪهاڻي ڳولهڻ جي ڪوشش نہ ڪندا آهيون. بلڪ اُهي 'لمحا' ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. جن کي اسين جيئڻ مهل بہ الفاظ نہ ڏيئي سگهيا هئاسين. اڄ تہ کو سوال ئي ڪونهي. اسين اُنهن جي ويجهو وڃي وري وري هٿ سان ڇهي ڏسندا آهيون... 'اڇا! ڇا تون اُهوئي آهين؟' ڪنهن لمحي هوا ڪيون پٽي اسان کي ڏسي مشڪندو آهي. تہ ڪڏهن اسان کي ڏسي هن جي اک پرجي ايندي آهي.

اسان جي ٻاهر جيتري وڏي دنيا آهي. اوترا گهٽا ڀائلاگس آهن. پر اسان جي اندر جي مُٺ پر جڳهہ ۾ خاموشي آهي. اُن خاموشيءَ کي ئي الفاظ ڏيڻ لاءِ اسين لکندا آهيون. اُن خاموشيءَ کي ڳولهڻ لاءِ ئي اسين هر هر چوندا / لکندا آهيون. لفظ پريم ۽ ڪامنا اسان کي ڪويتا ۽ فلسفي ڏانهن وٺي ويندا آهن. سڀ ڪلائون آخرڪار اِنسان جي 'آتم' جي کوجنا ئي آهن ۽ هن کوجنا ۾ ڪهاڻي رڪاوٽ آهي. ان رڪاوٽ کي پار ڪري ئي اندر ليئو پائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن درشيہ (ظاهر) کي سمجهڻو آهي تہ درشيہ کان پار ادرشيہ (پوشيده) ۾ وڃڻو پوندو. هيءَ سنسار اڻ ڏٺي جو اڻ سمجهيل داستان آهي. اسان جي ۽ سنسار جي وچ ۾ هڪ پردو آهي ۽ شيون بلڪل اُهڙيون ڏسڻ ۾ نہ ايندیون آهن. جيئن اُهي حقيقت ۾ آهن. جيئن ڪنهن پاردرسي (شفاف) ڪاچ جي هن پار ڏسجي. حقيقت نہ. حقيقت جو جهرمرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر اِهو حقيقت بہ تہ آهي. هونءَ بہ

اسان جي ۾ حقيقت جي وچ ۾ ٻولي ۽ اسان جي وچ ۾ لفظ ۽ ارٿ جي وچ ۾ هڪ پردو هوندو آهي. اُن پردي کي پار ڪرڻ جي ڪوشش هر ايماندار پائڪ ڪندو آهي. دراصل اُن پردي کي پار ڪرڻ کان پوءِ ئي اصلي سفر شروع ٿيندو آهي. پاڻ کي سچائڻ جو اصلي سفر. تڏهن ته هڪ ئي پاوَ کي هر ماڻهو الڳ محسوس ڪندو الڳ ڏنگ سان چوندو آهي. الڳ ڏنگ سان جيئندو آهي. جيوَن جو اصلي ارٿ اسين ڳولهيندا ته گهٽو آهيون. پر ڪڏهن پورو سمجهي نه سگهندا آهيون. چو جو پورٽتا (تڪميل) هڪ پرم ئي ته آهي.

ڪڏهن ڪڏهن لکيل به ٻئي تائين نه پهچندو آهي. مون لکيو پريم. تو پڙهيو پيڙا. مون لکيو ديهه جو اُتسو تو پڙهيو سيڪس. ته فرق وڏو آهي. اِنڪري ئي اسان جي يُگ جا مهان دارشنڪ، مهان چنتڪ، سندن دور ۾ نه سمجهيا ويا. هو ايترو مٿي کان پيا ڳالهائين، جتي عام ماڻهوءَ جي پهچ نه هئي. وري به هڪ اديب جي هر ڪوشش ٻئي تائين پهچڻ جي هوندي آهي.

زندگي ڪا اڪيلي شيءِ ڪانهي. هيءَ ماڻهن ۽ حالتن سان گڏجي ٺهندي آهي، جيئن هڪ ندي ۾ ڪيترين ئي ندين جو پاڻي سمايل هوندو آهي. تيئن پنهنجي اُڄ ۾ ٻين جون به اُجون شامل هونديون آهن. هڪ ماڻهوءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو شامل هوندا آهن. هڪ شهر ۾ ڪيترا ئي ٻيا شهر. گهٽو وقت گذرڻ بعد جڏهن اسين اُن ئي شهر ۾ پاڻ کي ڳولهڻ نڪرندا آهيون ته سمجهه ۾ ايندو آ، نه ئي شهر اُهو آ، نه اسين پاڻ. وري به 'ڪجهه' ته اُهوئي آ، اسان جي اندر جو 'ڪجهه'، جنهن کي تمام گهٽي ڪوشش کان پوءِ به اسين ميٽي نه سگهيا آهيون.

دڪ پريم جو ئي هڪ حصو آهي. جيئن پريم به پريم جو ئي هڪ حصو آهي. جيئن اسين قدرت جو ئي هڪ حصو آهيون. ڪڏهن ڪڏهن هي پريم جيوَن جي اجاتين گهراين ۾ به اسان کي وٺي ويندو آهي، جتي اسين پاڻ کي، پاڻ به سچائي نه سگهندا آهيون.

هستيواد ۾ انسان جي آزاديءَ تي گهرو چنتن ڪيو ويو آهي. ماڻهو چو آزاد نه آهي، چو جو هن جو جيوَن ڪيترن ئي ٻين سان ٻڌل آهي، جيڪي هن جي اردگرد آهن. اسين ٻين کان آزاد ٿي به وجون نه اسان جو

پنهنجو جيوَن ئي اسان جي پنهنجي غلامي نهي ٿو وڃي ۽ ٿورا، صرف ٿورا ماڻهو هن جيوَن جي غلاميءَ کان آزادي چاهيندا آهن. پابلو نيرودا جي ڪويتا جون ٻ سٽون آهن:

'ڪا شيءِ اسان کي موت کان نٽي بچائي،
پيار گهٽ ۾ گهٽ اسان کي زندگيءَ کان بچائي ونٽي.'

ڪوي زندگيءَ کان بچائڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. 'پيار زندگي ڏيئي ڇڏي' نٽو چوي. چو جو جيئن مون مٽي چيو. زندگي پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ غلامي آهي. ان ڪري ئي ماڻهوءَ جي سڃي اُميد پريم سان ئي هوندي آهي، چو جو پريم پرم آزادي آهي. حالانڪ هڪ ماڻهوءَ جي جيوَن ۾ اهڙيون اهڙيون خالي جڳهيون هونديون آهن، جن کي پريم ٻ پري نٽو سگهي. 'پٽڪڻ' اُنهن خالي جڳهين کي 'ڳولهڻ' آهي. بنا پٽڪڻ جي ڇا ڪڏهن ٻ ڪجهه مليو آهي؟

صوفين جي زندگي ڏسجي ته اُنهن سيني کي پريم ڪيو. مرد کي، عورت کي. ويندي غلاميءَ کي ٻ پريم ڪيو ۽ نيٺ آزاد ٿي ويا. جتي گهُرٽو ڪجهه ٻ نه آهي، بس پاڻ ڏيٽو آهي. پاڻ ڏيئي، پاڻ کان مڪت ٿيڻ. زگائي وِسڪيءَ جي ڪويتا جي هڪ سٽ آهي:

'پريم اسان کي آزاد ڪندو آهي، وقت اسان جي هتيا.'

ته ڇا اسين 'وقت' کان بچڻ لاءِ پريم جي گود ۾ وڃي ڪرندا آهيون؟

ڪنهن لمحي هن ناول کي لکڻ جو ٻج منهنجي اندر ڪريو مان نيٺ سان ٻڌائي نٽي سگهان. شايد سالن بعد پنهنجي شهر موٽي اُن کي ڏسڻ جي خيال يا لڳ ڀڳ هڪ غائب پريم جي ننڍي داستان لکڻ جي چاهنا مون کان هيءَ ڪم ڪرايو.

هن ۾ ٻيون ٻ گهڻيون ڳالهيون اڃي سگهن ٿيون، پر مان اوترو ئي رکيو جيترو ڪنهن بزرگ جي يادگيرين ۾ آهي، جيئن ته مان مٽي ئي چئي آئي آهيان. هڪ دوري مون هن کان برابر ٻڌائي رکي آهي.

هن ناول ۾ خاموشي وڌيڪ آهي، ڊائلاگس گهٽ آهن. ٻاهر جو سنسار متجي ويو آهي پر اندر اُهوئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ خاص

وقت جي ٽڪر تي اسان بيهجي ويندا آهيون ۽ ٻاهر سنسار پنهنجي رفتار سان هلندو رهندو آهي. سنسار جو سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ ڪم آهي پريم جي کوجنا، بلڪل اُها ئي، جيڪا اسان پهريون دفعو محسوس ڪئي هئي. پر ڇا اِهو ممڪن آهي؟ اسين پوري ڪوشش ڪندا آهيون تہ اِها ڳالهہ سمجهي سگهون تہ هي ممڪن نہ آهي، پر جيڪڏهن پريم کي ڪا سمجهہ هجي ها تہ ڇا 'پريم' 'پريم' هجي ها؟

مون کي لڳاتار پڙهڻ وارن پائڪن کي شايد مان هن ناول ۾ اوتري نہ ملان، پر ڪٿي نہ ڪٿي جڏهن درشيہ (منظر) اوجهل ٿي ويندا آهن، ادرشيہ (اڻ ڏٺي) جا پاڇا مون کي پاڻ جهڙا لڳڻ لڳندا آهن ۽ مان اُنهن سان گڏ هلڻ لڳندي آهيان. ڪيترن ئي ٻاهہ ٻين حادثن کان بچائي، مون هن ناول کي اندر جي گهٽين ۾ هلايو آهي. ڇو جو اصلي حادثا اندر گهٽجندا آهن، ٻاهر تہ انهن جو انجام ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

هر پيري هڪ نئين ڪتاب ڏيڻ مهل مون کي عجيب گهبراهٽ ٿيندي آهي تہ نہ جاڻ پائڪن جي اُميد تي ڪري اُترنديس يا نہ؟ حالانڪہ گهبراهٽ غير ضروري آهي، ڇو جو هر حساس پائڪ ڪتاب جي اڻ ڏٺل گهٽين ۾ پاڻ کي ئي ڳولهڻ لهندو آهي. هي ناول بہ مان توهان جي حساس هٿن ۾ وڏي اعتبار سان ڏيان ٿي، جيئن توهين هن ۾ لکيل لفظن اندر لڪل ارٿن جو پڙاڏو پنهنجي اندر محسوس ڪري سگهو.

ڊولڻ راهي ۽ رکيل مورائيءَ ياءِ جو شڪريو... شڪريو... شڪريو...

جيا جادواڻي

رائپور

اُساٽ

جيئن ئي ڪراچي ايئرپورٽ جي جهلڪ مونکي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي... منهنجي جسم جو سمورو رت منهنجي لوندڙين تي دستڪ ڏيڻ لڳو... عجيب جوش سان پرجي مان پنهنجي وندو سيٽ کان ٽورو مٿيرو ٽيس ۽ جهاز جي دريءَ سان پنهنجو چهرو لڳائي چؤطرف ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس... جتي جتي اکيون وجي پيون سگهن، مون وڃڻ ڏنو ۽ هر شيءِ کي اکين سان چُهڻ لڳس.... ننڍيون ننڍيون شيون تيزيءَ سان گذري رهيون هيون. جڏ ته جادوءَ جي زور سان هوا ۾ ٽي اُڏاٽيون... ۽ مان به اُنهن کي اُڏامندو ڏسان ٿو. جيستائين تون ڇهين نٽو جادو جادوءَ وانگر ئي محسوس ٽيندو آهي. هڪ پيرو چُهي ڏس ته هُو حقيقت پنيان وجي لڪندو آهي ۽ حقيقت جو هر رنگ ته پسند پوندو ناهي نہ؟.... ٽورو جادو ضروي آهي جيئڻ جي لاءِ... جيئن هي ڪوڙو پيالو پي سگهجي. ڪيترا رنگ آهن جيوَن جا ۽ ڪيترا مان ڏسي سگهيو آهيان، خبر نہ آهي پر مان هر رنگ سان حيرت زده آهيان. هر رنگ پيارو آهي. هنن رنگن ۾ ئي ته جيوَن جو جادو لڪل آهي. مون پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪندو محسوس ڪيو شايد هڪ ساهه. هڪ ياد... هڪ آهه... هڪ چاهه... مان توکي ڏسڻ لاءِ گهڻو پري کان آيو آهيان... گهڻو پري کان... تو سوچيو به نہ هوندو... ته مان واپس ايندس... سوچڻ سمجهڻ جو اهو وقت هيو به ڪونہ. بس وجي ڪٽي لڪڻ ۽ پاڻ بچائڻ جو شرمناڪ وقت هو. تڏهن به توکي چڏي مان هليو آيس. مان ڪيڏانهن به نہ وڃڻ چاهيندو هوس، مان ڪڏهن به نہ وڃڻ چاهيندو هوس. جڏهن هو مونکي ونڊي پيا وڃن، مان

ورائي ورائي پيو پنتي ڏسان. ڪاش! ڪوئي هجي، جيڪو مونکي روڪي وٺي.

ڪوئي وعدو ته نہ هو اسانجي وچ ۾... اسانجي وچ ۾ ڪجھ به ڪونہ ٿيو هو... هر ڳالھ ڪٽي اڻ ٽيل درج هئي ۽ اسان اُن کي اڻ ٽيل ئي ڇڏي ڏنو بس اِهائي ڳالھ مونکي سالن کان کائي پئي ٿي.... ڇا اسين اڻ ٽيل جا پنا کولي سگھون پيا؟ ڇا مان اُتي رهي سگھان پيو؟ رهي پوان ها ته ڇا هن بيچئنيءَ کان چوٽڪارو ملي ها، جيڪا پوين سالن ۾ مون محسوس ڪئي آهي؟ منهنجي اندر سئلاب اُٿڻ لڳو ته مون اُن کي اندر ئي دٻائي ڇڏيو. ڪجھ بيتابيون هميشہ ڪجھ اڻ اظهاريل رهڻ جي قسمت تي روئي، اندر ڪنهن ڇڪردار طوفان جيان ٻاهر اچڻ جا رستا ڳولهيندیون آهن. نڪا ملن، ٻاهر اچڻ جا رستا هر وقت نڪا ملن. اُهي بيتابيون اُتي ئي پنهنجا مڙا پيون پيچنديون آهن.

فلمن ۾ مان طوفان جا نظارا ڏسندو آهيان ته لڳندو آهي، منهنجي اندر ۾ اهائي حالت آهي، وري به ڪجھ شيون لفظن ۾ بيان نٿيون ڪري سگھجن، نہ نظارن ۾. ڪنهن ٻاهرئين وسيلي سان ته بلڪل نہ. پر هن وقت مان اندر جو طوفان نہ ٻاهريون نظارو ڏسڻ چاهيان ٿو. هن نظاري کي منهنجون اکيون گھٽي قرب سان چهن ٿيون. اندران ڪجھ ٻاهر اچڻ چاهي ٿو. مون درين جون حدُون ڏٺيون... ۽ سوچيو اجايو هوائي جهاز ۾ بند دريون ٺاهيون ويون آهن.... هوا کي اندر اچڻ ڏيڻ گھرجي... پوري زور سان، جيئن اسان سيني کي اُڏائي سگھي... خاص ڪري مون کي پولار ۾ ڦهلائي ڇڏي.. نِرِيار... ننگو... نِروڪار.... سُڪل پنن جيان... هوائن جي مزاج تي آهستي آهستي لڏندو... ۽ مان بلڪل اُتي ئي ڪرڻ پسند ڪندس... هن جي ڪُلهي تي... بي آواز.... جتي هن جون چوٽيون جهوليندیون آهن.... دل جي قريب... ۽ خاموش اُتي ئي اٽڪي پوندس... سندس خوشبوءِ سان لبريز... پنهنجي هن خيال تي مون مُرڪي ڏنو.

مٿي ڪٽبن ۾ منهنجي ننڍڙي بئگ پيئي آهي.... مون سامان گھٽ ۾ گھٽ آڻڻ چاهيو ٿي، جيئن مان پاڻ وڌيڪ ۾ وڌيڪ اچي سگھان. جڻ

ڪو مون کي ڪٽڻ لاءِ سنيري ٻيٽو آهي. ڳالهه ڪنهن ٻئي جي تياريءَ جي نه آهي. ڳالهه صرف ايتري آهي ته جڏهن توهين پاڻ اندران پڄي راس ٿيندا آهيو تڏهن توهان ٽڪجي به پوندا آهيو ۽ چاهيندا آهيو ڪوئي توهان کي چاٽي کائي چڏي. پڇڻ پنهنجي بار سان جهڪڻ به ته آهي. هاڻي مان هن جي در تي پاڻ کي رکي چڏڻ چاهيان ٿو.

مان ڪراچيءَ جي شاندار ايئرپورٽ کي ڏسي رهيو آهيان... پري پري ٻيٽل ڪجهه جهاز... سجيل ڏجيل يونيفارم ۾ اُتان جا چست ڪارڪن... ايندڙ ويندڙ ماڻهو... سامان ڪڍڻ واريون ننڍيون گاڏيون... ٻيو به ڪيترو ڪجهه...؟ جهاز جا ڦيٽا رَن وي سان ٽڪرائين ٿا ۽ 'ڪٽ' سان منهنجو رت منهنجي مٿي تي چڙهي ٿو وڃي. ڪجهه ماڻهو جيڪي اُنهن جي سامهون ڪليل آهي، ان کي بند ڪري رهيا آهن. هو جتي پنهنجي ياترا ختم ڪري رهيا آهن. دراصل مان اُتان ئي شروع ڪري رهيو آهيان. مان پنهنجي جذباتي جوش کي سنيالڻ ٿو... ٿوري نرميءَ سان، ٿورو پيار سان... پيار...؟ ان جي ڳولها ۾ ته آيو آهيان هتي... مان هن سمنڊ تي پُل ٺاهڻ آيو آهيان.... هيءَ سمنڊ جيڪو اسانجي ۽ن دنيائن جي وچ ۾ ٺاهيو ويو آهي. هن ۾ نه ڇاڻ ڪيترين رت سان ڀڏل هاڻيون تري رهيون آهن... هن سمنڊ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو آهي.... مان اِن ۾ ڪجهه گل ڦٽا ڪرڻ چاهيان ٿو... مان پنهنجي اُجايل خوابن جي خشڪ گلي ۾ ڪجهه ڦڙا پاڻيءَ جا وجهڻ چاهيان ٿو.

پلين بيهجي ويو آهي سيٽ بيلٽ پهرين ئي ڪلڻ لڳا آهن. ڪنڊن جي ڏکن کولڻ جا آواز اڇڻ لڳا آهن. هن مهل تائين آرام سان ويٺل مسافرن ۾ هڪ قسم جي هڙبڙي پرجي ويئي آهي. مان به اُتان ٿو... شايد منهنجي چهري تي ڪجهه لهي آيو آهي. مون ڏٺو... پاسي واري مسافر جي مُشڪندڙ نظر مون تي آهي... مان به هن کي ڏسي مشڪان ٿو.... اَڇي سلوار قميص ۽ ننڍي ڏاڙهي.... يُوريون اکيون... گورو رنگ...

'فرسٽ ٽائيم؟' هن پڇيو.

'دس اِز ماءِ مدرلئنڈ....' منهنجا چپ جيترا ويڪرا ٿي سگهن پيا، ٿي ويا. ڪيتري خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان مان هن وقت؟ هاءِ! ڪنهن پڇيو ئي ڪونہ اڄ تائين، نہ تہ مان ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌائي سگهان ٿو هن جدائيءَ جون؟ دل ۾ آيو تہ هن کي ڇڪي ڪٽي پاڪر پايان تہ هيءُ جيڪو ڏُو ڏُو ڪندڙ جوالامُکي آهي اندر... ٿورو ناپر ۾ اچي....

'ڪيترن ورهين بعد موتي رهيا آهيو؟' هن بہ ٿوري دلچسپي ڏيکاري

مون ٿورو مختصر ۾ ٻڌايومانس.... هُو مشڪندو مون کي ڏسندو رهيو. هو ٿوري جلديءَ ۾ بہ لڳي پيو. هاٿي ٻڌڻ ٻڌائڻ جو وقت نہ رهيو آهي. هاٿي اسين ٻئي کي بس فون تي ئي ٻڌندا آهيون، هڪ ٻئي جي سامهون ويهي نہ. ڪڏهن مان لکندس هن پريم جو داستان تہ ٿي سگهي ٿو تہ هزارين پڙهن پر جڏهن چوندس، ڪوئي نہ ٻڌندو. هر ماٿهوءَ وٽ پنهنجي ڳنڙي آهي، پنهنجن ڏکن جي ڳنڙي، جنهن کي هو بہ ٽڪجي ڪٽي رکي ڇڏڻ چاهي ٿو. رکي پئجي وڃڻ چاهي ٿو. پر مون پنهنجي ڳنڙي پاڻ وٽ رکي.

ڪراچي ڇڏيندي وقت ڪونہ سوچيو هيم تہ چا ڇڏي رهيو آهيان... چا حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.... ڇڏڻ ۽ حاصل ڪرڻ، اِهي لفظ منهنجي جيوَن ۾ گهٽو پوءِ آيا.... ان کان پهرين مان سُکي هوس..... نہ جاڻڻ جو سُک... اِها ڳالهہ تہ مان اڄ تائين نہ سمجهي سگهيو آهيان، جن سنڌ ڇڏي اُنهن چا حاصل ڪيو... يا جيڪي هتي رهجي ويا، اُنهن چا وڃايو... سنڌ بہ اُنهن کي وڃايو آهي.... چا سنڌ ڪنهن کي ياد ڪندي آهي؟ چا هوءَ بہ ڪڏهن اُداس ٿيندي آهي؟ اِهوئي پڇڻ تہ آيو آهيان مان! چا ٻين کي رئارڻ وارا پاڻ بہ روئندا آهن؟ مان تہ سوچيندو ئي رهجي ويس تہ ڪوئي مون کي ڳولهڻ ايندو تہ مان اُن کي پنهنجي سيني سان لڳائي پهرين تہ ڏاڍو روئيندس.... پوءِ مُرڪي پڇندس تہ توکي منهنجي ياد اچي ويئي؟ پر ڪوئي ڪونہ آيو. تہ چا....؟ نہ، مان اڳتي نٿو سوچڻ چاهيان.

جهاز فرسٽ فلور تي لئنڊ ٿيو هو. اسانکي هيٺ لهڻو هو پنهنجو ڪئبن سامان پاڻ سان کڻي. گهٽن سان گڏ مان به لٿس... لهندي ئي سيني کان پهرين جُهکي ڏرتيءَ کي پرٽام ڪيم ۽ اُن جو چُهاءُ پنهنجي متي سان لڳايم. هلندي هلندي ماٿهو ٻيهي ڏسڻ لڳا. ڪجهه ماٿهن جي چهرن تي حيراني، ڪجهه ماٿهن جي چهرن تي سوال ۽ ڪجهه ماٿهن جي چهرن تي طنز پريل مُشڪ اچي ويئي. ڪنهن ٻئي جو فڪر ڪرڻ ڪانسواءِ مان پنهنجن گوڏن تي ويٺو رهيس، گهرا گهرا ساهه کڻندو... ڪڏهن کان... نه ڄاڻ ڪڏهن کان مان هتي اچڻ لاءِ هلان پيو ٿو... پنهنجي اندر... لڳاتار. آخرڪار توهان اُتي ئي پهچي ويندا آهيو... جتي پهچڻ چاهيندا آهيو...

مان ٿوري دير ايجا ويهڻ چاهيان پيو اُتي... ٿوري دير ايجا... جيترا ورهيه، اوترا منٽ. پر تهذيب جي تقاضا اِجازت نه پئي ڏئي... آخر اُٽيس ۽ ٻاهر طرف وڌڻ لڳس. ٻاهر کان پهرين جيڪو اندر هو... اُن کي ڏسي حيران ٻه ٿي رهيو هوس... سجيل نئڊو لائونج.... سجيل ماٿهو... سامان ٽراليءَ ۾ کڻي ٽا اچن... سڀ پنهنجو پنهنجو سامان سڃاڻي کڻي رهيا آهن... پنهنجو پنهنجو سامان؟ ڪٿي ٽا کڻي سگهون اسان پنهنجو سامان؟ ڪجهه نه ڪجهه ته ڇُٽي ويندو آهي. هڪ ٻُک مان پنهنجي اندر محسوس ڪيان ٿو. پر هلندو ٻه رهان ٿو... ڪجهه سلوار قميص ۾ ڪجهه سُوٽ ٽائيءَ ۾ گهمندڙ ماٿهو... منهنجا ماٿهو... خوشيءَ سان منهنجون اکيون پرجي آيون. من پيو ڪري.. هڪ هڪ بندي کي پکڙي پنهنجي سيني سان لڳائي وٺانس. پاڻيءَ جي اُڃ کان ٻه گهري هوندي آهي اُن ٻئي ماٿهوءَ جي اُڃ، جيڪا توکي ماريندي نه آهي، بلڪ ڏيري ڏيري پگهرائيندي رهندي آهي ۽ تون تمام گهاٽو ٿي وَهڻ لڳندو آهين. اسين ڪڏهن ٻه نه ڄاڻي سگهندا آهيون ته جيڪو وڃائجي ويو آهي، اُن جو دک ڪيون يا جيڪو بچي ويو آهي اُن تي اِطمينان. اسين هميشه وچ ۾ لُڏندا رهندا آهيون... گذريل ۽ بچيل جي وچ ۾.

جيڪي چهرا وڃائجي ويا آهن، ڇا اُهي اهڙا ئي هوندا، جيئن مان ڇڏي آيو هوس. وقت ڪيتريون صورتون متي ڇڏيندو آهي. ها، ته ڇا مان

مٿيل صورتون ئي ڏسڻ آيو آهيان؟ شايد ـ... سڀ کجهه ته نه مٽجندو آهي. صرف اَسار ئي مٽجندو آهي... مان سار ڏسڻ آيو آهيان. کيترا پيرا لڳندو به آهي، مان پاڻ کي بهلائي رهيو آهيان. ته چا ٿيو؟ ۽ اسين ٻيو چا کري رهيا آهيون هن ڏرتيءَ تي پنهنجي دل بهلائڻ کانسواءِ؟

ڪڏهن مانسروور کان عربي سمنڊ تائين پورو علائقو سنڌ ۾ ايندو هو لداخ، ڪشمير، پنجاب سڀ سنڌ جي ڏرتيءَ جا حصا هئا. قدرت جي پرساد وانگر سنڌ جو پاڻي سيني جي اُڄ مٽائيندو هو. اُن ۾ مهڪَندي سنڌ جي سنسڪرتي هئي جيڪا ويدن جي روپ ۾ سڄي سنسار ۾ ڦهليل هئي. هاڻي هيءَ سُسي ننڍو ٿي ويو آهي. گهٽا ٻيرا مان پاڻ کان پُڇندو آهيان... اهڙو چا آهي جو انسان جي پرورتيءَ ۾ آهي ۽ هُو پنهنجن پراڻن ملهن سان اڄ به جيئرو آهي؟ نه جاڻ کيتريون سنسڪرتيون ته ختم ٿي ويون آهن؟

عربي سمنڊ جي کاڙيءَ جي ڪپ تي وسيل... محمد علي جناح جو هيءُ شهر ڪراچي، سنڌ جي راڄڌاني آهي... مسجدن ۽ مقبرن کان بيپرواهه گهٽو پراڻو نه آهي هي شهر. ان کي انگريزن وسايو. جنهن وقت پاڪستان کي آزادي ملي.... اُن وقت هن جي آبادي محض پنج لک هئي. بندرگاهه هئڻ جي ڪري هتان جي آبادي تيزيءَ سان وڌندي ويئي. اُن کان مهينو کن اڳ انگريزن بلوچستان کي آزاد ڪيو هو.... جنهن جو ڪيس محمد علي جناح وڙهي ڪري کٽيو هو. بدلي ۾ بلوچستان جناح کي 67 ڪلو سون ڏنو جيڪو سندس سرير جي وزن برابر هو. 1948 ۾ بلوچستان پاڪستان جو حصو ٿيو. بلوچي، مسلمان ته هو پر پاڪستاني نه هو. انگريزن جي اڇڻ کان پهرين ٽالپر حڪمران جو راڄ هو. هندو گهوڙي جي سواري نه ڪري سگهندا هئا. هُو صرف گڏهه تي ئي ويهي سگهندا هئا.

اُن وقت جو مانَ شانَ وارو وڏو واپاري سيٺ نائون مل هوتچند پوڇواڻي هو... ٽالپرن طئه ڪيو ته هن کي مسلمان ناهڻو آهي، انهن زوريءَ مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هن تي وحشياڻا ظلم ڪيا. نائون مل مسلمان ته نه ٿيو پر مسلم راج جي خاتمي لاءِ انگريزن سان وڃي گڏيو. ان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪري سنڌ جا مسلمان اڄ ٻه هن کي غدار چوندا آهن ۽ بلوچ تالپرن کي پنهنجو سمجهندا آهن. نائون مل مسلم تالپرن جو راج ختم ڪيو جيڪي اصل ۾ سنڌ جا نہ بلڪ بلوچستان جا هئا. ڪمپنيءَ هن کي صدر جو علائقو بطور انعام ڏنو. اُن اجڙيل علائقي کي دهليءَ جي ڪناٽ پيليس وانگر نائون مل کٽي سينگاريو. پر ويندي ويندي انگريزن پوري علائقي تي قبضو ڪري ان کي واپس ورتو ۽ نائون مل کي پنج هزار روپيا معاوضو ڏنو.

سندس شاهوڪاري ختم ٿي ويئي.... جنهن جي ڪري هن جي پڙپوٽي سي.ڪي. پوجواٽيءَ گهٽي غريبيءَ جا ڏينهن گذارڻ بعد 1990 ۾ آتم گهات ڪيو. هُو بمبئيءَ ۾ شيام نواس بلڊنگ جي پاسي واري بلڊنگ ۾ رهندو هو، جتي منهنجو به فليٽ آهي. سندس پٽ ايئرفورس ۾ آفيسر هو ۽ 1962 جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو هو. سندس ڏيءُ جي شادي آمريڪا ۾ ٿي هئي. هن جي موت کان پوءِ سندس زال ستي پنهنجي ڏيءُ وٽ آمريڪا هلي ويئي.

نائون مل تي تالپرن جيترا ظلم ڪيا، اُن جو سچو سماچار هُو لکي ويو هو... جنهن جي ڪٽ ست ڪانپوءِ سنڌي ادبي بورڊ اُن کي شايع ڪرايو آهي. اصلي ڊائري سي.ڪي. پوجواٽيءَ جي بمبئيءَ ۾ رهندڙ سؤٽ وٽ آهي. جيڪا هوءَ پهرين ته ڪنهن کي ڏيڻ نہ پيئي چاهي. وري مون ٻڌو ته اُها ڊائري انٽرنيٽ تي موجود آهي.

اڄ لڳ ڀڳ ٻه ڪروڙ آدم کان به وڌيڪ آبادي وارو هيءُ شهر ڪراچي پاڪستان جي اقتصادي راڄڌاني آهي... ڏيڍ سؤ سال پهرين هتي ٽن ٻيٽن تي مهاڻن جون جهوپڙيون هونديون هيون. ان وقت هي "ڪلاچي" هو جيڪو نالو "ڪلاچي" مائيءَ جي نالي تي پيو هو. پر ڪنهن وقت ڪلاچي مائي به نہ هئي. اُن وقت هن شهر جو نالو "ديول" يعني مندر هو. اُن کان به پهرين يونان جي تواريخي ڪتابن ۾ هن ڌرتي جو نالو "ڪروڪولا" هو.

شروع ۾ ته هي بمبئيءَ جي اڌين هو پوءِ حيدرآباد جي جڳهه تي هي سنڌ جي راڄڌاني ٺهيو ۽ اُن کان پوءِ سيني کان وڏو بندرگاهه ٺهيو.. ايترو وڏو جو هتان جا وڏا ڏنڈا ۽ فئڪٽريون اتي ئي قائم ٿي ويون. هن کي ٻي بمبئي به چيو ويندو آهي.... پر بمبئيءَ جي مقابلي ۾ ڪليل ڪليل ۽ موڪرن رستن وارو شهر آهي... ڪنڈ مٿي ڪرڻ سان بمبئي وانگر ٽاوَر نه بلڪ آسمان ڏسڻ ۾ ايندو آهي... هتان جا سامونڊي ڪنارا به صاف ستڙا ۽ منظر آهن... رات جو ايتري روشني ڪئي ويندي آهي، جو پاڻي چانديءَ وانگر چمڪندو آهي... هيٺ چاندي.. مٿي تارا، رات جو هڪ بيحد رومانٽڪ نظاري جي رچنا ڪندا آهن....

هتي انگريزي عمارت سازيءَ جا بنگلا، ڍڳهيون، گول ٽنين تي بيٺل عمارتون، گاٽڪ بلندي ۽ ڊبڊبي وارا چرچ ۽ بئنڪون گهٽيئي آهن. چوندا آهن ورهاڱي کان پوءِ هي شهر ماٺهن جي گهٽائيءَ جي ڪري پنهنجي پراڻي رتبي ۽ سجاڻپ کي قائم نه رکي سگهيو. وري به هي پاڪستان جو سڀ کان ماڊرن شهر آهي... وديشي چهرا ۽ ڪارُون رستن تي اڪثر ڏسڻ ۾ ايندا آهن... شام جا نظارا ڏسڻ جهڙا هوندا آهن.

اِميگريشن ۽ ڪسٽم کان پنهنجي جان ڇڏائي، پنهنجي ننڍي اٽيچي ڪٽي، بس ۾ ويهي مان ٻاهر نڪتس. مونکي صدربزار وڃڻو آهي. مون پليٽن ۾ مسافرن کان ئي پڇيو هو ته صدر بزار ڪيئن وڃجي؟ جڏهن مونکي ٽئڪسيءَ وارن ورائي ورتو ته مون اُنهن کان پڇيو - "صدر بزار وڃڻ جو ڇا وٺندا؟" هنن چيو "پنج سؤ روپيا." مون سنڌيءَ ۾ پڇيو ته اُردوءَ ۾ جواب ملیو. مونکي هڪ جهٽڪو لڳو. مان پلجي ويو هوس ته هتي اُردوءَ وارا به آهن. هتي لڳ ڀڳ سيني جي وات مان نفيس اُردو ٻڌي سگهجي ٿي.... هيءَ بيشڪ سنڌ جي راڄڌاني آهي، پر هتان جي وڏي آبادي ۾ مهاجر، پختون، بلوچ ۽ پنجابي به آهن۽ اُنهن جي هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه جي ٻولي اُردو آهي. پنج سؤ روپيا گهڻا هئا... بارگيننگ ڪرڻ تي هُو اڍائي سؤ تي لٽا، دراصل هي به گهڻا آهن. ايئرپورٽ کان صدر بزار صرف اٺ ڪلوميٽر پري هو. مون اُتي ئي بيٺل حوالدار کي سڄي ڳالهه

اُردوءَ ۾ ٻڌائيندي چيو "هي ته تمام گھٽا آهن." هن کلي سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو...

"هيئن ڪيو پلا... هُو سامهون مني بس بيٺي اٿوَ... ٻارهن آنا ونندوَ... اُن ۾ هليا وجو."

سندس واتان سنڌي ٻڌي مان خوش ٿي ويس. مونکي نه ڄاڻ ڪڏهن جي پڙهيل هڪ ڪهاڻي ياد اچي ويئي... هڪ مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتل سنڌي پوڙهو پنهنجي ٻولي ٻڌڻ لاءِ آيل سنڌي مهمان کي گهنٽي وڄائي پاڻ وٽ سڏ ٿو ڪري. هيءَ گهنٽي دراصل چيتاوني آهي ته توهين جيڪڏهن ٻولي نٽا بچائي سگهو ته مرڻ لاءِ تيار رهو. بس وڃڻ لاءِ تيار بيٺي آهي. مون مشڪي اُن کي شڪريا چيو ۽ هٿ ملائي وڃي بس ۾ ويهي رهيس.

مون کي ياد آيو ته 1971 ۾ اوپر پاڪستان بنگلاديش نٿي ويو ته سنڌ وارن کي به جوش چڙهيو. جڏهن سنڌ جي اسيمبليءَ ۾ هڪ بل پاس ڪري سنڌي ٻوليءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻولي ناهيو ويو ته اُن جي خلاف اردو اديب اُٿي بيهي رهيا. شيخ ايازاُنهيءَ وقت سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي هو. حميد سنڌياُن وقت هڪ ماهوار مڱزن ڪيندو هو اُن ۾ شيخ ايياز جي قومي شاعري ڇپيندو هو هن مڱزن شيخ ايياز کي تهائين گھٽو پاپيولر ڪري ڇڏيو. پوءِ سرڪار هي قانون رد ڪري ڇڏيو.

مان رستي جا نظارا ڏسي رهيو آهيان... ڏسندو ڇا، پيئندو ٿو وڃان... جيئندو ٿو وڃان... جڏهن مان صدر بزار پهتس ته رات جا اَٺ وڄي رهيا هئا. چؤطرف گهماگهمي هئي... دڪانن ۾ چهل پهل... صدر بازار دهليءَ جي ڪناٽ پيليس جو هڪ ننڍو روپ آهي. پٽر جون ٽهيل بلڊنگس، اُن ۾ سيمينٽ جو استعمال گهٽ ٿيندو هو. ڪراچيءَ جون بازاريون بيحد مشهور آهن... صدر بازار، صراف بازار، زينب بازار، بوهري بازار، برٽڻ گلي... رات جو ٻارهين بجي تائين گراهڪن جا گلزار رهندا آهن... بُرقعا، هتي ٻين شهرن جي مقابلي گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن.. مڙد سلوار قميص ۽ عورتون سلوار ڪُرتيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صدر جا

ڪيترا دڪان پارت جي شهرن جي نالي تي آهن... جيئن دهلي سوئيٽ هائوس، اَمبالا سوئيٽس يا دهلي ڪباب. مان ڪافي دير اُتي ئي ويهي بازار جي رونق ڏسندو رهيس.

پوءِ هڪ حوالدار کي پڪڙيم ۽ چيومانس... "مونکي سؤ روپين تائين هڪ روم ڪپي... ڇا منهنجي مدد ڪري سگھو ٿا؟"

هن چيو "هي جيڪي لائين سان هوٽل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، سيني ۾ سؤ روپين ۾ روم ملي ويندوَ."

مان هڪ هوٽل ۾ چڙھيس. پاسپورٽ وغيره ڏيکاريومانس ته مونکي اسي روپئي ۾ هڪ روم ملي ويو. اندر ڪمري ۾ پھتس ته هندستاني هيرو هيروئنس جا پوسٽر لڳل هئا... اُنهن کي ڏسندي ئي مونکي پنهنجي هڪ دوست طارق اشرف جي ياد اچي ويئي... هو اڪثر بمبئيءَ ايندو هو. ناز سئنيما جي پاسي مان هيرو هيروئنس جا پوسٽر خريد ڪري وٺي ويندو هو...

طارق اشرف جي ڪهاڻي بہ ڪافي دلچسپ آهي. سنڈ حيدرآباد ۾ رهندي اُتان "سھڻي" نالي مئگزن ڪڍندو هو. نڪاح ڪرڻ هُو هندستان آيو هو. هتي هن جو نڪاح ته ٿي ويو. پر پوءِ اُن چوڪريءَ سان هن جي نہ بڻي ۽ طلاق بہ ٿي وئي. طلاق بعد اُها چوڪري هندستان موٽي آئي. هن ٻيو نڪاح بہ ڪري ورتو. گھڻو وقت گذرڻ بعد جڏهن طارق کي محسوس ٿيو ته چوڪريءَ سان هن ظلم ڪيو آهي ته طارق پنهنجي هڪ دوست کي چئي لکي موڪلي ان چوڪريءَ جي نالي، ۽ چوايو ته مون کان جيڪا پل ٿي هجي، معاف ڪجانءِ. دوست جڏهن چئي ڪٽي اُن چوڪريءَ وٽ ويو ته هن ٻيون بہ گھڻيون سنيالي رکيل چئيون دوست کي ڏيکاريندي چيو "هي چئيون پڑھو هيءُ ماڻھو معاف ڪرڻ لائق نہ آهي. وري بہ توهين چئو ٿا ته مان هن کي معاف ٿي ڪريان." ۽ هن سڀ چئيون ڦاڙي ڦٽيون ڪري چڏيون. عورت جي دل مرڊ جي دل کان هر حال ۾ وڏي هوندي آهي. گھڻي موڪرائي آهي اُن ۾.

مان ڪافي دير ٽڏي پاٽيءَ سان سنان ڪندو رهيس... سمورو ماضي اوچتو منهنجي سامهون اچي بيٺو آهي. سموري پاڪستان جو ماضي... سموري سنڌ جو ماضي... اُنهن پيارن شهرن جو ماضي ۽ خود منهنجو ماضي... ايترا سال مان هن کان اکيون چورائيندو رهيو آهيان. اڄ مان ڪليل اکين سان هن کي ڏسڻ چاهيان ٿو... مان چاهيان ٿو هي سڀ مون ۾ پيهي وڃي. جنمن جو ٽڪ پاٽيءَ سان گڏ وَهي رهيو آهي... هاڻي مان ڪجهہ بهتر محسوس ڪري رهيو آهيان. تيار ٿي هيٺ لٿس ته بزار بہ ڏسان ۽ ماني بہ کائي وٺان. آسي پاسي ڏسندي ڏيري ڏيري چهل قدمي ڪرڻ لڳس.

هڪ اوپن ريسٽورينٽ جي سامهون پهچي چؤطرف ڏسي ڪنهن کان پڇيم.... "چا هتي ويشنو ماني ملندي آهي؟" ٽيبل تي گلاس پيا هئا. سڀ گلاس جونا آهن، مون کي خبر آهي. جوني گلاس ۾ پاڻي پيئڻ سان پاڻ ۾ پريم وڌندو آهي، اِها هتان جي عام ميتا آهي.

"ملندو سائين...." هن مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيو. مون ڏٺو جيڪو چمچو هُو ويج جي ننڍي سپريءَ ۾ واپرائي رهيو آهي، اُهو ئي نانويج جي وڏي سپريءَ ۾ بہ....

"تورو بيهو... مان ٿورو گهمي ڦري اچان ٿو." مون جلديءَ ۾ چيو ۽ اُتان نڪري پيس. ڪاڏي جا نہ ڄاڻ ڪيترا ريسٽورينٽ منهنجي سامهون هئا، پر ڪٿي ويهڻ جو من نہ پيو ٿئي. گهٽي دير بي مقصد گهمندو رهيس ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جا آواز ٻڌندو رهيس، شور گهٽو هو... ٽرئفڪ جو... ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو... ۽ نہ ڄاڻ ڪيترن قسمن جو. هوا ۾ ڪاڏي ۽ ماڻهن جي خوشبوءِ هئي.... اُنهن جي پريم، پگهر ۽ پٺسن جي ڏي وٺ جي. مان ڪڏهن اُنهن کي پري کان ٿو ڏسان... ڪڏهن ويجهڙائپ کان...

ڪافي دير اُتي ئي گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ مان سوامي نارائڻ مندر جو رستو پڇڻ لڳس. پڇا ڳاڇا بعد مندر جي لوڪيشن جي خبر پيئي. هڪ آٽو پڪڑي اُن ۾ ويهي رهيس. پاڻ کان ٻاهر نڪري پري پري تائين وڃايل اُنهن روڊن ۽ گهٽين کي ڏسان ٿو جيڪي ڪڏهن تہ توکي گهٽو پرتي

وٹي ويندا آهن ۽ ڪڏهن گول گول گهمائيندا اُتي ئي ڇڏي ويندا آهن. جتان تو هلڻ شروع ڪيو هو. پر ڇا ڪو ٽيڪ ٽاڪ ٻڌائي سگهي ٿو ته ڪٽان هلڻ شروع ڪيو هو؟

سوامي نارائڻ مندر جي بلڊنگ ۾ سؤ سال پراڻي آهي.. هي مندر هڪ قلعي وانگر آهي... جنهنجي چؤطرف ننڍا ننڍا گهر ٺهيل آهن... جيڪي لڳ ڀڳ سؤ ته هوندا. هي ڪمرا مسافرن جي لاءِ ٺاهيا ويا آهن. رنڊڪي سان گڏ. ماڻهو چاهين ته پنهنجي ماني پاڻ ٺاهي سگهن ٿا يا لنگر ۾ ئي کائي سگهن ٿا. ڪجهه ڪمرن ۾ مندر ۾ رک رکاوَ ڪرڻ وارا ڪرمچاري ۽ رهندا آهن.

مکيه دروازي جي ويجهو سوامي نارائڻ مندر آهي... هن وقت مان سوامي نارائڻ مندر جي ڏاکڻ تي وينو آهيان.. هيءَ ڏاکڻ چڙهندي چڙهندي مان وقت جي ڏاکڻ لهندو ويس. گذريل وقت جي سڀ کان هيٺئين ڏاکي تي آهيان مان. هڪ ڏاکڻ ٽڻ کي مٽي ٿي ڪٽي وڃي... ٻي ڏاکڻ من کي هيٺ ٿي لاهيندي وڃي... عجيب حال ۾ آهيان.... ڪوئي ٻنهي پاسي ڳهلي پيو ٿو...

ڪيترائي پيرا پاڻ کان پڇيو آهي... آخر هن ڏرتيءَ ۾ اهڙو ڇا آهي جو مان ايتري چڪ محسوس ٿو ڪيان؟ ڇا؟ وڊ؟ گيان؟ پر ان کان ۽ پهرين اگيان هوندو... گيان ۽ اگيان کي ۽ ته شروعات نٿو ڇڻي سگهجي... اُن کان پهرين بد اِنتظامي هوندي. گيان ۽ اگيان جو وجود صرف بدِانتظاميءَ ۾ ئي ممڪن آهي. پر بدِانتظامي ۽ شروعات نه آهي. بدِانتظاميءَ کان پهرين ڇا هو؟

وگيان ٻڌايو آهي... ڏرتيءَ تي جيوَ جو آغاز اُتري قطب تي ٿيو. لکين ڪروڙين سال پهرين. اُن وقت اُتري قطب سنڈ جو تلڪ هو.

وگيان اِهو ۽ ٻڌائي ٿو ته ڪابه لڪير سڌي نه هوندي آهي. جيڪا لڪير سڌي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اُها ۽ ڪنهن گولاڪار جو حصو آهي. هر شيءِ جڙن طرف موٽڻ چاهيندي آهي. سنڈ ۽ گيان اگيان جي

افراتفريءَ طرف موتي رهي آهي. صحيح غلط ڪوئي نٿو ڄاڻڻ چاهي. صحيح، غلط لڳندو آهي، غلط صحيح لڳندو آهي.

اُن وقت شايد مان پنجن يا ڇهن سالن جو هوندس... اسان جو سڄو ڪٽنب پڳيءَ جي شاديءَ ۾ شڪارپور کان ڪراچيءَ آيو هو. هن مندر جي پٺيان ٺهيل مسافرخاني ۾ اسان جي رهڻ جو بندوبست هو. مهمانن جي دل جوئيءَ لاءِ هتي راس ليلا جو پروگرام رٿيو ويو هو. اُن وقت مان گول مٽول، گورو گورو ڳاڙهو ڳيرو هوندو هوس. راس ليلا ۾ ڳوان شري ڪرشڻ جي رول لاءِ اهڙو ئي ٻار کپندو هو. اُنهن منهنجي منهن تي ڪارو رنگ ٿڦي، ڪرشڻ جا ڪپڑا پائي، مرلي هٿ ۾ ڏيئي بيهاري ڇڏيو هو. مان مور مُڪٽ پائي مرلي وڄائي خوش هوس. ايندڙ ويندڙ هر ڪوئي منهنجي ڳٽن تي ٿڦڪي ڏيندو ٿي ويو ۽ مان بنسري وڄائي رهيو هوس. وڄائي ڇا، بس ڦوڪي رهيو هوس. هونئن به اڪثر مان ڏاڏي جي، هردوار مان آندل بنسري وڄائيندو هوس. جڏهن اسين سڀ ٻار ريل گاڏي راند کيڏيندا هئاسين ته بنسري مون وٽ هئڻ جي ڪري مان ئي انجڻ ٺهندو هوس. ڪجهه خاص هئڻ جو مضبوط احساس ڪنهن لمحي توهان جي اندر گهڙي ويندو آهي، اهو توهان ڀاڻ ۾ ڪڏهن ڄاڻي نه سگهندا آهيو. ماڻهو نچي رهيا هئا... پنهنجي مستيءَ ۾... ڪجهه ته هوش ۾ نچندا آهن ۽ ڪجهه ڪنهن اڻ ڄاتل طاقت جي زور سان... ڏيهه جو خيال پلجي ويندو آهي... من به پلجي ويندو آهي... ۽ ڪجهه لمحا هڪ عجيب بيهوشيءَ ۾ گذري ويندا آهن. ان ٻار جي بنسري ايجا به منهنجي ذهن ۾ موجود آهي، جنهن کي پوءِ مان ڪڏهن وڄائي نه سگهيس. وقت، ان ٻار جي بنسري ڦري ورتي.

اوچتو مون کي منهنجو دوست ياد اچي ٿو وڃي. شڪارپور ۾ اسانجي گهر جي سامهون لڏو ڇاپڙيا رهندو هو. هو مون کان به سال وڏو هو ۽ اڪثر منهنجي خوشامد ڪندو هو بنسريءَ لاءِ، جيڪا مان ڪيس ڏيئي ڇڏيندو هوس. شڪارپور ڇڏڻ جي ڪيترن ورهين بعد 1967ع ۾ جڏهن منهنجي هن سان بمبئيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي ته هو سنو سنگيتڪار ٺهي

چڪو هو. بنسريءَ جي پريم ئي هن جي راهہ روشن ڪئي هئي. هن نہ جاڻ ڪيترين فلمن ۾ ميوزڪ ڏنو. هاڻي هن جو نالو سي. لکميچند هو. هُو چئمبور ۾ ڪنهن پروگرام ۾ استيج تي اليڪٽرانڪ گٽار وڄائي رهيو هو. اسين اُتي ئي رهندا هئاسين. اُن وقت منهنجي ماءُ اُن کي سيکاڻي ورتو ۽ هن استيج تي چڙهي هن جو هٿ پڪڙي چيو....

"تون لڏو آهين نہ؟"

هو هيٺ جهڪي امان کي پيرين پيو. مونکي ياد آيو اُها بنسري اڃا تائين مون وٽ آهي. مان اُتي گهر ڏي پڳس.... بنسري ڪٽي آيس ۽ هن جي سامهون اچي رکي. هن مون کي استيج تي ئي پنهنجي گلي سان لڳائي ورتو. پوءِ مون نہ جاڻ هن کان ڪيترا استيج پروگرام ڪرايا. لڳ پڳ هر پروگرام ۾ مان هن سان گڏ هوندو هوس. وري پوءِ زندگيءَ اسان جا رستا الڳ ڪري ڇڏيا. اڄ نہ سنڌ ۾ بنسري آهي نہ ڪرشڻ جو ناچ. لتيرا سنڌ کي لڳاتار لُٽي رهيا آهن ۽ هن جو رئڻ به ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.

1843 ۾ ٽالپرن جي راج کان پوءِ جڏهن انگريزن جو راج آيو تڏهن 1844 ۾ ڪراچيءَ ۾ سوامي نارائڻ جو هي عاليشان مندر برپا ٿي سگهيو.

مان مندر ۾ متي چڙهيس ۽ لڳ پڳ سيني پڳوانن جا درشن ڪندي هيٺ لٿس... مان ڪڏهن برِان طرح جو آستڪ نہ رهيو آهيان جو مورتي پوڄا ڪيان. هڪ وقت مان سوچيندو هوس تہ ايترا پڳوان مندرن ۾ محفوظ ويٺا آهن ۽ رستن تي ماٺهو لوڏجن. ڪنجن ۽ مرن ٿا تہ ڪهڙو ارٿ آهي پڳوان جي هئڻ جو؟ پر جيون ۽ جيون ۾ آيل ماٺهن مان ئي مون سمجهيو تہ هُن تنهنجي ذميواري توکي ئي ڏيئي ڇڏي آهي. تون ئي آهين پنهنجي پاڻ جو وڏاتا. جيستائين پٽيان هلندين تيستائين پيڙ ۾ گهيٽو ۽ رڙ ئي ٿهيل هوندين. اُٺ جاڳ ۽ پنهنجو پاڻ پاڻ لک.

هيٺ آيس، ڏٺم تہ... هڪ ڪٽ تي ڪجهہ ماٺهو ويهي پاڻ ۾ ڳالهائين پيا. اُنهن جي ويجهو وڃي اُردوءَ ۾ پڇيومانِ...

"چا هتي ڪوئي سنڌي آهي؟"

"ها... اسين سڀ سنڌي آهيون." هڪ شخص سنڌيءَ ۾ چيو ته مون راحت جو هڪ ڏگهو ساهه کنيو. مان شايد پاڳل آهيان. منهنجا گهر وارا به چون پيا، مان جتي به ويندو آهيان، ڪنهن به ديش ۾ سڀ کان پهرين سنڌي ڳولهيندو آهيان ۽ مونکي هر جڳهه ملي ويندا آهن. جڏهن ڪو ڪنهن کان اُن جي ڏرتي ڦري وڃندو آهي، ته هُو سموري ڏرتيءَ کي پنهنجو گهر ٺاهي وڃندو آهي. اِهو ئي طريقو آهي ظالمن کان بدلو وٺڻ جو.

"مان بمبئيءَ مان آيو آهيان..." مون چيو ته هڪ ماڻهوءَ منهنجو هٿ پڪڙي ڪرسيءَ تي کڻي وهاريو... مان پنهنجي هٿ تي هن جي هٿ جي گرمي محسوس ڪندو رهيس... مان ٿوري دير ائين ئي ويهڻ چاهيان ٿو... هن جي پاسي ۾... چُپ... اندر ڪجهه پگهرڻ شروع ٿيو ئي هو ته اُهو ماڻهو اُٿي اندر هلي ويو. دير تائين اُن جو خالي هٿ منهنجي اندر کي ڇهاڙ جو احساس ڏيندو رهيو. جڏهن ڪنهن جي گهٽي گهٽي ضرورت تنهنجي اندر پيدا ٿي ويندي آهي ته تون اڻڄاڻ رستن تي پٽڪڻ لاءِ راضي ٿي ويندو آهين... پنهنجي هٿ کان پري مون اُنهن سيني جو چهرو ڏٺو جيڪي منهنجي اِردگرد ويٺا هئا... هن ملڪ جا چهرا به ڪجهه خاص آهن. پنهنجائپ جي ملائميت سان پريل. خالص پراڻا ماڻهو جيڪي ايڏا تائين هن شهري تهذيب سان پنهنجو تال ميل نه ويهاري سگهيا آهن. ڪنهن ڪنهن سان ملي ته هيءَ شهري تهذيب به شرم کان ڳاڙهي ٿي ويندي هوندي ۽ "هن کي ٽيڪ نٿو ڪري سگهجي" سوچي اڳتي هلي ويندي هوندي. هنن ۾ به ڪجهه انهيءَ طرح جا ريس ۾ ڇُٽي ويل ماڻهو آهن. مادرنٽي جن جو ڪجهه ڏاهي نه سگهي آهي.

اُنهن جون ڳالهيون شروع ٿي ويون. هُو "حال" جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، مان "ماضيءَ" ۾ پٽڪي رهيو آهيان. اُنهن جي اندر بدتر ٿيندڙ سياسي حالتن جون چنتائون هيون. اُنهن مان گهڻن کي لڳي پيو ته جيڪڏهن ٻارن جو مستقبل ناهٽو آهي ته اُنهن کي هتان ڪيڏو پوندو. هُو ٻاهر وڃڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ مان اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. هُو انهن ڳالهين بابت ڳالهائين پيا، جيڪي زندگيءَ

مان پيدا ٿ٥ ٿيندين آهن پر زندگي جن جي پڪڙ ڪان ڇُٽي ويندي آهي. مون کي ڇٽي ويل اُهي ڳالهيون ياد آهن، جن جو هٿ زندگيءَ زور سان پڪڙي رکيو آهي ۽ هوءَ نٽي چاهي ٿ٥ هيءُ هٿ ڪڍهن ڇٽي. هي ٿ٥ مري ڪري ٻ٥ وري جنم ونڊيون آهن.. بنا ڪنهن شور شرابي اُهي اندر پيئون هوندين آهن. ڪنهن سُڪل ۾ج جيان.... ورهين جا ورهيـ... پوءِ ڪنهن بارش جي ڏينهن سطح ڪان مٿي اچي ويندين آهن ۽ جڏهن ٻ٥ اسان اُنهن جي ٽار تي ڪو گُل ڏسندا آهيون، اوچتو بيهجي ويندا آهيون. هي گل اسان کي ياد ڏيارينڊو آهي ٿ٥ ۾ج ڪٽي ڪٽي ڪريو هو؟

سوچيان ٿو ٿ٥ جنت جهڙي ڏرتيءَ کي هنن ڪيڏو بدرنگ بدزيب ٺاهي ڇڏيو آهي، جو اسين هاٿي پاڻ ٻ٥ هن تي سڳون سان نٽا رهي سگهون؟ مان هن بيابان ۾ گل پوڻ آيو آهيان. ٿ٥ ڇا مون کان پهرين ڪوئي نـ آيو هوندو؟ آيا آهن، نـ ڄاڻ ڪيترا پِير پيغمبر، هر هر هن ڏرتيءَ تي، پر اُنهن جي لڳايل گلن کي ٻ٥ ماٹهن رت سان سنان ڪرايو آهي. ڪڍهن ڪڍهن ڪو گل هنن کان بچي ٻ٥ ويندو آهي، جيڪو بلڪل دل جي اندر لڪي نڙندو آهي. مان ڪنهن کي پنهنجو گل نـ ڏيکارينڊس.

ايتري ۾ اندران کاڏي جي ٽالهي اچي ويئي... ڪڙهي چانور ڦلڪا ۽ آلو بغير ڪجهہ چئي مان کائڻ لڳس... مون کي سچ ۾ڇ ڏاڍي ٻُک لڳي هئي... ڪجهہ بکُون ٻاهران ڏسڻ ۾ نـ ايندين آهن، پر اُنهن جون پاڻون اسان جي گهٹو اندر هوندين آهن... ٻاهران ٿ٥ اسين انهن کي وساري ٻ٥ سگهون ٿا، پر اُهي اسان کي نـ وسارينديون آهن. اُهي سختيءَ سان اسان کي پڪڙي رکنديون آهن... مان هر گرهہ کي پنهنجي اندر لهندو محسوس ڪريان ٿو. هنن جي ڳالهہ ٻولهہ جاري هئي، پر مان ڪجهہ ٻ٥ نـ ٻڌي رهيو آهيان. هيءَ ماني مان ڪيترن ورهين بعد کائي رهيو آهيان. مون پنهنجي پهرين مهمان نوازيءَ جو پورپور لطف ماڻيو.

جڏهن هُو منهنجي خالي ٽالهي کڻي ويا ٿ٥ مان اُنهن سان ڳالهائڻ لڳس ۽ پنهنجن واقفن بابت پڇڻ لڳس. اُنهن جي نئين ائڊريس نوٽ ڪئي.

صرف هڪ ائڊريس هُو نہ ٻڌائي سگھيا، جتي مون کي پاڻ پهچڻو هو. سچ تہ اهوئي آهي مان ٻئي طرح سان پڇي ٻہ نہ سگھيس. جنهن ائڊريس کي ڳولهڻ مان هندستان کان هليو آهيان، اُها تہ خود مون وٽ ٻہ نہ آهي.

مون انهن کان اُٽڻ جي اجازت گهري.

رات ساڍي يارهين بجي مان پنهنجي هوٽل تي پهتس.

هي هڪ "احمدي مسلمان" جو هوٽل آهي. پاڪستان ٺاهڻ ۾ هنن جو خاص رول هيو پر هي "الله" لفظ نٽا چئي سگھن. مسجد کي مسجد نہ عبادت گاهہ چوندا آهن، "نبي" ۽ "مئسينجر" جو جهيڙو وڌي ويو آهي. عام سُني مسلمان چوندو آهي - "جيڪڏهن توکي ڏرتي ۽ مذهب مان ڪنهن کي چونڊڻو پوي تہ تون مذهب کي چونڊجانءِ. ڏرتيءَ جي موهہ ۾ نہ پئجانءِ. ڇو جو سموري ڏرتي الله جي آهي." احمدي چوندا آهن، "ڏرتيءَ جي ملڪيت جي لالچ نہ ڪيو." نہ ڄاڻ هنن ٻنهي ڳالهين ۾ ڪهڙو فرق آهي جو انساني منطق ختم ٿي ويو.

ايترو ٽڪل هوس پر ننڊ نہ پئي اچي... نظارا اندر ان طرح ٻيا هلن جڙ تہ ڪيترين ئي فلمون گڏ ڏسي اُٽيو هجان ۽ هاٽي سيٻ رِل مِل ٿي ويو آهي. ڪنهن کي پهرين ڏسان، ڪنهن کي پوءِ؟ هن صورتحال جو ڏميوار ڪنهن کي ميجان؟ هاٽي تہ هي سُور ايترو پراٽو ٿي ويو آهي جو روڳي ٻہ گهر آيل مهمان کان هن روڳ جو ذڪر نٿو ٻڌڻ چاهي. کا ٻي ڳالهہ ڪر يار هو چئي ٿو. جنهن روڳ جو علاج خود ماڻهوءَ وٽ ئي آهي، لڳل آهن اُن جو علاج ڪرڻ ۾ سڄي دنيا جا ڊاڪٽرس ۽ فلاسافرس.

"هاٽي تون چپ ڪر." مون پاڻ کي زور سان چيو ۽ چادر مٿي تائين تاڻي ورتي.

ٻئي ڏينهن صبح ساڍي نوين بجي تيار ٿي هوٽل جي رسيپشن تي جمع پاسپورٽ واپس وٺڻ پهتس، جيئن مان پنهنجي پاڪستان "پهچ" جو اطلاع پوليس اسٽيشن ۾ درج ڪرائي سگھان. هي 1979 جو سال آهي،

جڏهن مان هتي اچي سگهيو آهيان. ان کان پهرين مون صرف اچڻ جون ڪوششون ڪيون پر فرصتن ساڻ نه ڏنو. هن ڀيري به منهنجي ويزا وندو تي ئي رجيڪٽ ٿي ويئي هئي. مان ڪامرشيل سيڪريٽري مسٽر ڪي.ڪي. سوريءَ وٽ پهتس. مون اُن کي چيو ته مونکي سوات وڃڻو آهي، ڪجهه اِمرلڊ خريد ڪرڻ. مان پاڻ سان گڏ سڄي فائيل کڻي ويو هوس، جيئن هو اعتبار ڪري سگهن ته مان واقعي بزنيس ئي ڪرڻ ويجي رهيو آهيان. مون کان سڄي پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ مان کين اعتبار جوڳو لڳس ۽ اُنهن منهنجي ايپليڪيشن لڳائي ڇڏي. مون کي ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جي ويزا ملي ويئي.

پوليس ۾ پنهنجي "پهچ" درج ڪرائڻ، پاڪستان ۾ هر هندستانيءَ لاءِ ۽ هندستان ۾ هر پاڪستانيءَ لاءِ ضروري آهي. ڪالهه ڪراچي ايئرپورٽ تي اميگريشن وارن اميگريشن فارم پرائڻ مهل ڪيترائي سوال پڇيا هئا. اُنهن مان هڪ سوال منهنجي ڏرم سان وابسته هو ته مان هندو آهيان، مسلمان آهيان يا احمدي آهيان. جنهن جي جواب ۾ مون هندو لکيو. هي سوال هر جڳهه نه، بلڪه صرف اُنهن جڳهين تي پڇيو ويندو آهي، جتان جي قوم هڪ مقرر گهيري ۾ گهمندي آهي. اهوئي سوال ازرائيل ايئرپورٽ تي به مون کان پڇيو ويو هو. منهنجي پاسپورٽ تي منهنجو جنم اِستان "شڪارپور پاڪستان" درج آهي. 1966 ۾ مان اِزرائيل ويو هوس. اُن وقت مون وٽ اِزرائيل جو پاسپورٽ نه هو. پر اسان جويلرس کي پنهنجو ڏنڊو ڪرٽو هوندو آهي ته اسين ويندا آهيون. اسان کي هڪ ڪاڳر تي ويزا ڏني ويندي هئي، اُهو ئي ڪاڳر ڏيکارٽو پوندو هو. ڪيرتي لعل مهتا ڏاڍو وڏو ڀائمنڊ مرچينٽ هو. ازرائيل ۾ رهندو هو ۽ اُتي ئي هن جي آفيس هئي. ڪيرتي لعل مهتا، مورارجي ديسائيءَ جو گهرو دوست به هو. مان اُنهيءَ ذريعي ڀائمنڊ خريد ڪندو ۽ وڪڻندو هوس. منهنجو پاسپورٽ ڏسندي اُتان جي اميگريشن آفيسر مون کان سنڊيءَ ۾ پڇيو...

"چا تون پاڪستان کان پجايل هندستاني شهري آهين؟"

سنڌيءَ ۾ هي سوال ٻڌندي ئي مان ڪجهه دير سندس منهن جي طرف ڏسندو رهيس... هونئن ته يار تنهنجو منهنجو رشتوگلي لڳڻ جو آهي، پر توجيڪو سوال ڪيو آهي، پهرين اُن جو جواب وٺ.

جڏهن مان پئدا ٿيو هوس، نه پاڪستان ٺهيو هو نه پاڪستان جو تصور ڪنهن جي دماغ ۾ هو. مان ته جنم کان هندستاني آهيان.... اُن وقت جا سڀ ماڻهو جنم کان هندستاني آهن. ٻيو ته ٻيو توهان جو سڀ کان وڏو ليڊر محمد علي جناح به هندستاني آهي. مون هن کي سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو.

هو ڪجهه دير اچرج سان منهنجو چهرو ڏسندو رهيو پوءِ نه جاڻ ڇا سوچي چيائين...

"مان به ته ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو آهيان، منهنجا ماءُ پيءُ به. منهنجو سمورو ڪٽنب سالن کان ڪراچيءَ ۾ ئي رهندو آهي. ته ڇا مان پاڻ کي هندستاني چئي سگهان ٿو؟"

"بلڪل... توهين به هندستاني آهيو ۽ اهائي ڳالهه توهان پنهنجي دل سان قبول ڪيو. توهان کي صرف اِهو ئي قبول ڪرڻو آهي ته سڀ مذهب برابر آهن. اُنهيءَ قبوليت سان ئي سڀ مذهب اُن هڪ سچ طرف وٺي ويندا آهن، جنهن کي اسين "حق" يا "حقيقي" چوندا آهيون. هونئن به اسين "جو" آهيون. "سو" آهيون. مذهب ته "چولو" آهي، جيڪو جنم کان ئي اسان کي پارايو ويندو آهي. اسان جي اڀوجهڻي ۾ ئي. ڏسو نه، جيڪي ڳالهيون وڏي اهيمت ڏيون رکن اسان جي جيون ۾ اُهي اسين پاڻ نه چونڊيندا آهيون... پنهنجا ماءُ پيءُ، پنهنجو وطن، ڌرم، قوم، زمين، ماحول، ياءُ پيٽ ڪجهه به ته نه. مان ڪيترا ئي پيرا سوچيندو آهيان، اسان کي اُنهن ڳالهين لاءِ ڏوهي سمجهيو ويو آهي، جيڪي اسان ڪيون ئي ڪونه آهن. پر اسين به ته هن چولي جي سچ کي ئي پنهنجو سچ سمجهي وينا آهيون."

هو وڏي ڌيان سان مون کي ٻڌي رهيو آهي....

"اسان يهودين کي ڇاڻي ڇڏيو. نتيجي طور هو سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا. توهان کي خبر ئي هوندي ته ڪيترا ئي يهودي ايڏا تائين

ڪلڪتي ۾ بمبئيءَ ۾ به رهندا آهن. بمبئيءَ جي هڪ علائقي ۾ يهودين جي هڪ وڏي ڪالوني آهي. اسان جي جويري بازار ۾ به يهودي پائر ايجا تائين جويلرس جو ڌنڌو ڪندا آهن. هندستان جي "آن" فلم جي هيروئن نادرا يهودي ئي ته آهي، هن جو پتي، جيڪو مسلمان هو جڏهن هندستان ڇڏي پاڪستان هليو ويو ته هن پنهنجي پتيءَ کي ئي ڇڏي ڏنو.

"اوهو... اوهان وٽ ته ڪافي شاندار جانڪاريون آهن..." هو مون کان متاثر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو آهي.

"ها... اِن ڪري جو هن جو پتي منهنجي پسنديده شاعرن مان هڪ آهي. پر افسوس پاڪستان ويندي ئي هن جي شاعري مري ويئي. سوچڻ ۾ جيئڻ جو فرق اسان جي اندر جي ڪلاڪار کي ماري ڇڏيندو آهي."

"مان چاهيان ٿو... توهين هڪ پيرو منهنجي والد صاحب سان ضرور ملو. هنن کي صرف سنڌي ايندي آهي. هُو سنڌ جي لکي پڙهڻ ۾ پيدا ٿيا آهن. هنن سان ملندؤ ته هنن جي اڪيلائپ دور ٿيندي. هنن کي خوشي ٿيندي ته هنن جي پڙهڻ مان ڪو هنن سان ملڻ آيو آهي. هنن جي روح کي راحت ملندي. ٿوري دير هُو به پنهنجي ٻولي ماٽيندا."

"توهان جا والد صاحب؟"

"ها... هُو اَسي سالن جا آهن. پنهنجي لکي پڙهڻ کي گهڻو ياد ڪندا آهن. پڙهڻ ۾ سپ هنن کي يعقوب جي نالي سان سڏيندا آهن، پر هنن جو اصلي نالو جوزف آهي. اُتي اسان جو هڪ راشن جو ننڍو دڪان هوندو هو ۽ ڇهه سائيڪلون به. جي اسين پاڙي تي ڏيندا هئاسين."

"لکي پڙهڻ ته سکر جي ويجهو آهي. اُتي سکر جو ايئرپورٽ به آهي."

"سر... مان چاهيان ٿو. اڄ جي رات توهين مون سان گڏ هلو. هونئن به جُمعي هجڻ جي ڪري اڄ سپ بند آهي. توهان جي وڏي مهرباني ٿيندي"

مان "نه" نه ڪري سگهيس. هن بس هڪ فون ڪيو منهنجو هڪ ننڍو بئگ ڪٽائي ڪار ۾ رکايو ۽ مونکي پاڻ سان پنهنجي گهر وٺي ويو.

اسين هن جي گهر پهتاسين. سندس زال دروازو کوليو. هن منهنجي واقفيت ڪرائي ته هن خوشي ظاهر ڪئي. رسمي دعا سلام بعد هو مون کي

پنهنجي والد جي ڪمري ۾ وڃي ويو. هڪ ننڍو ڪمرو ۽ هڪ هنڊ تي هڪ سنهي ڏگهي ديهه ليٽيل هئي. اسين اُن جي ويجهو وياسين... هُو آهستي آهستي اُٿي ويهي رهيو ۽ اکيون کولي اسان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"بابا، هنن سان ملو... هي سنڌي آهن... توهان سان ملڻ آيا آهن."

منهنجي ايتري سڃاڻپ ئي ڪافي آهي... مون مشڪي ڏنو. اُنهيءَ لمحي مون محسوس ڪيو لفظ خالي هوندا آهن. اسين پنهنجي اعمالن ۽ احساسن سان اُنهن ۾ معنيٰ پيرندا آهيون. ڪڏهن هڪ سنڌي لفظ اسان جي لاءِ شرم جي علامت هو. اسان ڏيري ڏيري ان ۾ پنهنجا ارٿ پريا. پنهنجو فخر ۽ ايمان پريو. پنهنجي فخر لائق زمين ۾ دٻيل اِتهاس کي ٻاهر ڪڍي، اُن کي سندس پيرن تي ٻيهاريو. هيءَ اسان جي سموري جاتيءَ جي امتحان جي گهڙي هئي. جنگ صرف ٻاهرين ئي نہ، وجود جي سڃاڻپ جي ٻہ هئي. هيءُ مقابلو اسان وڏي خودداريءَ سان ڪيو. ڳالهہ هار يا جيت جي نہ آهي، اصل ڳالهہ اِها آهي تہ اسين پنهنجي "وجود" کي سڃاڻي سگهياسين... پوري شدت سان... ۽ پنهنجي حق ۾ اُٿي بيٺاسين.

"سنڌي" لفظ ٻڌندي ئي هن جي چهري تي خوشيءَ جي لهر اچي ويئي. هُو مشڪ لڳو ۽ پوءِ پٽ جي هٿ جو سهارو وٺي اُٿي بيٺو ۽ مون سان هٿ ملايائين. بيحد نرم ۽ ٺڏو هٿ. مان ڪجهہ دير پنهنجي اندر اُن جي ملائميت محسوس ڪندو رهيس. ڪمري ۾ رکيل ڪرسيءَ تي هن کي ويهاري ڇڏيو ويو. تيستائين هن جي نونهن منهنجي لاءِ ٻہ هڪ ڪرسي کڻي آئي هئي. سنڌيءَ ۾ اسان جي گپ شپ شروع ٿي ويئي. هن ٻڌايو تہ 1947 کان پوءِ هو ڪنهن ٻہ سنڌيءَ سان نہ گڏيو آهي، نہ وري سنڌ وڃڻ جو موقعو مليو اٿس. ۽ هُو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ سڪي ويو آهي. مون ٻہ ٻڌايومانس تہ مان ٻہ اڃا تائين سنڌ نہ وڃي سگهيو آهيان. 1960 ۾ منهنجو دوست چترو ناگپال، جيڪو ريلوي ۾ نوڪري ڪندو هو، سنڌ ويو ۽ سيني سان گڏجي آيو. اُن وقت پاسپورٽ نہ ٿهندا هئا. هُو ريلوي جي "پاس" تي سڄي سنڌ گهمي آيو هو. هُو هڪ سٺو اديب ٻہ هو.

اديب لفظ تي مون وري ٻڌايومانس تہ مان ب ڪجھ لکندو پڙھندو آھيان. جيتوٽيڪ زندگيءَ ۾ مصروفيت ڪجھ وڌيڪ آھي.

1964 ۾ منھنجو دوست شيخ اياز بمبئيءَ آيو ھو. تڏھن ڪيرت باباڻيءَ ورليءَ ۾ پنھنجي گھر ھن جي لاءِ ھڪ مشاعرو رکايو ھو. 35_30 ماڻھو ويٺا ھئا. سيني پنھنجي پنھنجي ڪويتا پڙھي. شيخ اياز ب پڙھي. اسين سڀ ساھتيڪار ڪميونسٽ ئي ھئاسين. پر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪارڊ ھولڊر صرف گوبند مالھي ھو. اھو ئي ڪارڊ اندر ڪمار گجرال وٽ ب ھو. ھُو ب ڪراچيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ليڈر ھو. ھن کي ب لکڻ جو شوق ھو. پنجابي وغيره ب ڪجھ لکندو ھو.

"ساھتيڪار وڙھندا ب آھن؟" ھن ڪِلي پڇيو.

"اسين سڀ پنھنجا ننڍا ننڍا جھيڙا ڪندا رھندا آھيون ۽ اسان کي لڳندو آھي تہ اسين ڪو مھان ڪم ڪري رھيا آھيون...." مون ڪلي چيو.

"ھي مھان ڪم ڪونھي ڇا؟ منھنجو مطلب... لکڻ...."

"جيڪڏھن ھي سڄ پڄ ڪنھن کي اندران مٿي ٿو تہ بلڪل مھان ڪم آھي. اسين اِنسان ڳالھيون تہ ڪرانتيءَ جون ڪندا آھيون. پر پاڻ کي ٿورو ب مٿڻ نہ ڇاھيندا آھيون."

"پوءِ لکڻ جو سبب ڇا آھي آخر؟ ايتري مشقت ڇو؟"

"لکڻ جو سبب تہ اِھوئي آھي... نئين نظريي جي چونڊ ۽ پراڻي نظريي کي خارج ڪرڻ. اھوئي ھڪ اديب جو ڪم آھي."

"پر گھٽو ڪري تہ ماڻھو پنھنجي ئي نظريي جا غلام ھوندا آھن... خاص ڪري توھانجا اديب...."

"اديب جيڪو نظريي جو غلام ھجي. اسڪولي ڪتاب تہ لکي سگھي ٿو. ادب جو "ا" ب نٿو لکي سگھي. خودمختياري ڪٽي ٻاھر نہ ماڻھوءَ جي اندر ھوندي آھي... پر اديب ڪھڙو ب ھجي. ھڪ مھان رچنا ڪڏھن ب پنھنجي پاڻ کي دوکو نہ ڏيندي آھي. ھاڻي مان توھان کي پنھنجي پياري ۽ پسنديده ليکڪ اومس اوز بابت ڪجھ چوڻ چاھيان ٿو.

1939 ۾ هن جو جنم يروشلم ۾ ٿيو هو. هن جي چاچي کي سڄي فئملي‌ءَ سوڌو گولي هٽي ماري ڇڏيو ويو. ڇو جو هُو سڀ يهودي هئا. عربي فوجي هنن جي شهر کي گهيري رکندا هئا. قتلِ عام متل هوندو هو. اِنڪري هُو عربن جي خلاف ٿي ويو هو ۽ اُنهن کي ختم ڪري ڇڏڻ جا خواب ڏسندو هو. پر پوءِ هن کي سمجهه ۾ اچي ويو ته جنوني ۽ نفرتي ٿيڻ سولو آهي. اِنسان ٿيڻ ڏکيو آهي ۽ هن جي لکڻ جو طريقو بدلجي ويو. ازرائيل جا ماڻهو هن تي ناراض ٿيا ته ائين ڪري هُو اُنهن جي تحريڪ کي نقصان پهچائي رهيو آهي. پر اُنهن جي ناراضگي ۾ هن کي نه مٽي سگهي. مان هن جي لکيل هڪ ڪهاڻي توهان کي ٻڌايان ٿو.

هڪ رات هڪ شهر ۾ ڌاڌو ڪوهيڙو هو. ايترو جو هٿ کي هٿ نه پيو ڏسجي. هڪ ماڻهوءَ کي اسپتال مان فون آيو ته تنهنجو پٽ مرڻ ڪنڊيءَ تي آهي. جلدي اچ. هو گهر کان ٻاهر نڪتو ته ٻاهر ته بيتحاشا اوندهه ۽ ڪوهيڙو هو. نه ڪائي ٽئڪسي، نه ڪائي رڪشا. هن مدد لاءِ ٻاڌايو. ڪافي دير کان پوءِ هن جي ڪنڌ تي ڪنهن هٿ رکيو ۽ چيو "هلو مان ٿو وٺي هلانءَ." رستي ۾ اُهوئي اجنبي اُن کي پيو رستو ٻڌائي. چوي ته ڪابي هلٽو آهي ته هُو ڪابي مڙي پيو وڃي. چوي ساڃي ته ساڃي يا ڪڏهن ڇئي. هتي سنيالي لهجانءِ. هتي ڏاڪڻ هوندءِ. ڏسڻ ۾ نه ايندءِ. پر ڏيان سان لهجانءِ. ان طرح هن اجنبيءَ سڄو شهر پار ڪرائي هن کي هاسپيٽل پهچايو. اُتي پهچي ماڻهوءَ اُن اجنبيءَ کان پڇيو "ايترو ڪوهيڙو آهي. ايتري اوندهه. تو رستو ڪيئن ڳولهيو؟ توکي پڻ نه ٿيو؟" اجنبيءَ جواب ڏنو "مون کي ڪوهيڙي اوندهه سان ڪا تڪليف نه ٿيندي آهي ڇو جو مان انڌو آهيان."

جڏهن به ڪوئي مون کان پڇندو آهي، "ساهتيه ۽ ڪتابن جو جيون سان ڇا رشتو آهي" ته مون کي هيءَ ڪهاڻي ياد اچي ويندي آهي. ڪتاب اُنهيءَ طرح ئي آهن. زندگيءَ جي اوندهه ۽ ڪوهيڙي کان نه ڊڄي. اسان کي اسان جي منزل تائين پهچائي ڇڏيندا آهن..."

ٿوري دير لاءِ اسين سڀ چپ ٿي ويا آهيون...

اسان نہ جاڻ ڪيتريون ڪهاڻيون هڪ ٻئي سان شيئر ڪيون. ڪهاڻين جو آغاز بہ سنڌ ۾ ئي ٿيو هو. شڪارپوري واپاري ايران، عراق، بغداد ۽ پنهنجي آس پاس جي علائقي ۾ واپار جي سلسلي ۾ ايندا ويندا هئا. هُو پاڻ سان گڏ ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ ڪهاڻيون ڪٿي ويندا هئا. "عريبين نائيٽس" اولهہ کي ڏسڻ جو هڪ انوکو جهروڪو آهي.

"منهنجي اُٽڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي..."

"مون کي هڪ پنهنجي رچنا ٻڌايو نہ؟" هن وڏي نيزاريءَ سان چيو. ڪجهہ لمحا مان سوچيندو رهيس....

"مون 'ساڌ ٻيلي' تي هڪ ڪويتا لکي آهي. اُها مان توهان کي ٻڌايان ٿو...

"پوترتا تنهنجي آتما هئي
۽ مان
هاڻ پوتر نہ رهيس
مان جڏهن جڏهن تو وٽ اچان ٿو
مون کي لڳي ٿو
مان پنهنجي ئي مرده شرير ۾
داخل ٿي رهيو آهيان
او ـ سنڌ پُتر ساڌ ٻيلا!
ياد ڪر
جڏهن مان تو وٽ آيس
مون چيو گلن کي 'نڙي پئو'
ڏونڙي پيا
بنا ڪرن آسمان کي ڏسي
مون مورن کي چيو 'نچو'
۽ هُو نچڻ لڳا
اهڙي ڪوشش مان هر پيري ڪندو آهيان
اچان ٿو جڏهن جڏهن تو وٽ

هارجي موتندو آهيان
هن احساس سان پرجي
ته هڪ مڙدو
ٻئي مڙدي سان
وِيچار ڪري موٽيو آهي."

ڪجھ منٽ اسان جي وچ ۾ خاموشي رهي. هن پوءِ به ڪجھ نہ چيو نہ ڄاڻ هن کي منهنجي رڃنا ڪيئن لڳي؟ هن ڪيترو سمجھيو. ڇئي نٿو سگھان. هونئن به جيڪي پيڙائون رڃنائن کي جنم ڏينديون آهن. اُنهن کي گھٽا ماڻھو سمجھندا آهن؟

تيستائين هن جي نونهن اسان جي لاءِ ڪائڻ پيئڻ جون شيون کڻي آئي. اسين سڀ اُن ۾ مصروف ڏسجڻ جو ناٽڪ ڪرڻ لڳاسين. سچ ته، اِهو ئي هو اسان جي اندر جي پاڻين کي ڪنهن بي طرح لوڏائي ڇڏيو هو. اسين جنهن کي اڄ تائين ڏسي نہ سگھيا هئاسين، اُهي يادگيريون به موقعو ڏسي مٿي سطح تي تري آيون هيون.

آخرڪار مون اُنهن سيني کان اِجازت گھري. هُو سڀ مون کي در تائين ڇڏڻ آيا. مون هن سان هٿ ملائڻ چاهيو ته هن آهستي مون کي پنهنجي گلي لڳايو...

"توسان ڳالهائي ڏاڍو سنو لڳو. هن مھل تائين مان آرسيءَ جي سامهون پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائيندو هوس. پر ڪنهن آرسيءَ ۾ ماڻھوءَ ۾ گھڻو فرق هوندو آهي. آرسيءَ ۾ مان پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو پرائو لڳندو هوس. پر تنهنجين اکين ۾ ڏسي لڳو مان بلڪل تو جھڙو آهيان ۽... ۽... تنهنجي اکين ۾ درد جو هڪ رنگ آهي... ايڏا هلڪو آهي... هن کي گھاتو ٽيڙ ڏي... هن کي پچڙ ڏي... وري ڪڏهن هن پاسي اچين ته ملجانءِ ضرور."

"اِنشاءَالله..." منهنجي واتان نڪتو ۽ مان اُتان نڪري آيس. نڪرندي نڪرندي منهنجو من به پرجي آيو هو...

مان اُنهن جي گھر کان موٽي رهيو آهيان. مان گھڻو پري کان موٽي رهيو آهيان. پاڪستان پوليس کي پنهنجي "پھچ" جو سماچار ڏيئي

موتي رهيو آهيان. مان دراصل زور سان رڙ ڪرڻ چاهيان ٿو..."بڊ... مان موتي آيو آهيان." پر مان خاموش رهيس.

جڏهن مان پاڪستان اچي رهيو هوس، گهر وارا منع ڪري رهيا هئا ته ڇا رکيو آهي اُتي هاڻي، جنهن کي ڏسڻ وڃي رهيو آهين؟ شاهي باغ اُجهڙي چڪو آهي، جتي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽي سوَ قسم گلن جا هوندا هئا. ساڌ ٻيلي ۾ هاڻي مور نٿا نچن. هاڻي اُتي اُهي گهرا رنگ ٻه نٿا ڏسجن. ڪڏهن رنگ ته ڪڏهن جهنڊا، پاڻ ۾ وڙهي ٻه ٽا پون، ڪوئي زور سان ٿو چوي.. آربر... آربر... ۽ ماڻهن جا مشيني جسم آربر پورو ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. اُنهن کي پنهنجي رتو رت آتما ڏسڻ ۾ ئي نٿي اچي. سامي۽ جي سلوڪن جو به ڪو ملهه نه رهيو آهي. اُهي ڪنهن کي سمجهه ۾ به نٿا اچن. ڪجهه ماڻهو هن کي دفنائي ٿا چڏين، ڪجهه ساڙي ٿا چڏين. اڄ تائين ساڙڻ ۽ دفنائڻ جو جهيڙو هلي رهيو آهي. ملٽري آهي.. دهشت آهي... پوءِ آهي... گولين جي گونج ۽ بمن جا ڌماڪا آهن... پلجي وجو پراڻو سيڊ ڪجهه به باقي نه بچيل آهي. خالي پتيون ۽ چتيون... گهر پلي اُهي ئي آهن، پر در اُهي نه رهيا آهن. ڪجهه ماڻهو هئا جيڪي يا ته چڏي هليا ويا آهن يا بدلجي ويا آهن... ڪجهه پنهنجي سفر تي نڪري ويا آهن... اُنهن جي يادگيرين مان سڀ ڪجهه صاف ٿي چڪو آهي. اُنهن کوريين سليٽن تي هاڻي "سائو" ٿو لکيو وڃي. ڪٿي ڪٿي ڳولهيندو ڦرندين؟ ۽ ڪوئي ملي به ويو ته هن کي ڏسي توکي تڪليف ٿيندي. جڏهن هُو توکي نه سڃاڻندو... پنهنجي سوچ جي دنيا کان ٻاهر اڄ ۽ اسان ٻاهي ته ورتو آهي هتي به سڀ ڪجهه پنهنجي محنت ۽ لگن سان. جيڪي اُتي رهجي ويا هئا، ڏسو وڃي اُنهن جي حالت. هاڻي تائين اِسٽرگل ڪري رهيا آهن...

مان ڪجهه نه چئي سگهيس، جيڪي رهجي ويا هئا، اُنهن وٽ ئي وڃي رهيو آهيان... ڪجهه ڏيڻ يا وٺڻ نه... بس اُنهن سان ملڻ... ۽ مون کي پروسو نه آهي ته هو مونکي پلجي ويا هوندا. ڳولهي ته مان به هتي رهيو آهيان... اُتي به ڳولهي ونندس... خبر ناهي ته جيڪو ڳولهي رهيو آهيان، ملي ويندو پر...؟ مان هن "پر" جي پَرن تي ويهي آيو آهيان. هلڪا آهن ڏاڍا، ڪِري به سگهان ٿو... پر؟

تلاش

ايا تائين مان جئرام گنگواڻيءَ کي ڳولهي رهيو آهيان. ڪراچيءَ ۾ هُو اڪيلو منهنجو واقف آهي. هن جي ائڊريس ته بدلجي ويئي آهي، پر فون نمبر نه. مون هن کي فون ملايو ته ملي ويو...

"اڙي..." منهنجو نالو ٻڌندي ئي هن خوشيءَ مان چيو...

"پلي آيا... سدا آيا... آجيان ٿو ڪيان..." خوش مزاج آواز ۾ پنهنجي نئين ائڊريس ڏيندي چيائين... "هليا اچو... توهان سان ملي خوشي ٿيندي"

هُن جي ان وارم ويلڪم تي مونکي خوشي ٿي. ٿورو سڪون به مليو ته مان پنهنجو سفر جاري رکي سگهان ٿو.

هتي اچڻ کان پهرين مون گهڻن ماڻهن کان نه جاڻ ڪيترين ڳالهيون پڇي ورتيون هيون، ڪيترين جانڪارين ڪٿين ڪري ورتيون هيون. هڪ هڪ بلڊنگ ۾ حويليءَ ۾ رهڻ وارن گهڻن ڪتنبن جون تمام ڊيٽيلس مون وٽ هيون. ٺيڪ سان سوچيان پيو ته حاصل ٿيل جانڪارين سان هڪ ڏنڊلي تصوير ٺهي پئي. پر جيڪو مون وٽ هو منهنجو ننڍو ٻالپڻ جو ٽڪر... اُن جي تصوير ايتري حقيقي هئي جو آڏرين سان ڇهڻ سان نه صرف ڪوسو ٿڏو ۾ اُن جو ڪنبڻ محسوس پيو ٿئي بلڪ اُن جي اندر جي هڪ قدرتي ڪشش مونکي پاڻ طرف ڇڪي رهي هئي. ڪنهن ڪمبخت چيو آهي ته اسين زندگي جي ڪري مڪت ٿيندا آهيون... مان ته ماضيءَ تي تيرن سان زخمي پيو آهيان... پيشم پتامهه وانگر... ته ڇا مان نه جي سگهيو آهيان اڄ تائين...

جئرام گنگواڻيءَ سان ڇهه مهنا پهرين ئي ته مليو هوس... جڏهن هو بمبئيءَ ۾ اسان جي دڪان تي هيري جي مُنڊي ونڊ آيو هو... جڏهن هُو پهتو هو... اُن وقت اسان جي دڪان تي سورهن سترهن ڇٽا ڪم ڪري رهيا هئا... ايڏا مان هن سان ڳالهايان ئي پيو ته بابا اچي ويو. مون جڏهن بابا کي چيو ته هيءُ شخص شڪارپور مان آيو آهي ته بابا جي چهري جو رنگ متجي ويو. بابا هن کي پنهنجي گلي سان لڳائي ورتو. بابا جون اکيون پرجي آيون. پاڻ کي سنياليندي بابا فورن دڪان جي سيني ڪم ڪندڙن جي حُتي ڪري ڇڏي ته اوهين اڄ گهر وڃي عيش ڪيو. اڄ مان پنهنجي دوست سان ڳالهيون ڪندس. پوءِ اسين سڀ جئرام گنگواڻيءَ کي گهيري ويهي رهياسين ۽ نه ڇاڙ گهڻي دير شڪارپور جون خبرون ٻڌندا رهياسين.

هن جي اکين سان اُهو سڀ ڏسڻ لڳاسين. جنهن کي ڇڏي آيا هئاسين. هڪ هڪ گهٽي، هڪ هڪ رستي جو احوال پڇڻ لڳاسين. پنهنجي پاڙي، پاڙي جي ماڻهن جو احوال. هڪ شهر ڪيئن اسان جي رڳن ۾ رت ٿهي وَهندو رهيو... پنهنجون ڪيتريون يادگيريون اسان جي آتما ۾ سنياليو رکندو آهي... ڪيئن اسان جي ساهه ۾ گيت ٻڌجي، پڙاڏو ٻڌجي من جي گهاٽين ۾ گونجندو آهي... اسين ڪڏهن نه ڇاڻي سگهندا آهيون... بابا پنهنجين يادگيرين تي دير تائين احساس جو پاڻي چٽيندا رهيا. ۽ مون پنهنجي هڪ اِڇا کي تيزيءَ سان پنهنجي اندر پيدا ٿيندي ڏٺو ته ڪجهه مان به ڇڏي آيو آهيان ۽ اڄ تائين ڪنهن سان ڳالهه به نه ڪري سگهيو آهيان. مون کي به هن سان گڏجڻو آهي، ڪنهن به صورت ۾.

شام جو جڏهن جئرام گنگواڻيءَ وڃي پيو... مون هن کي گلي سان لڳائيندي چيو... "جڏهن مان اُتي ايندس... توهين سڃاڻي ونڊندوَ" هن ڪِلي منهنجي مٿي تي هٿ رکيو هو.

"توکي سموري سنڊ سڃاڻي ويندي. ماءُ پنهنجي ٻارن کي ڪڏهن نه وساريندي آهي... اچي ته ڏس. هيءَ وٺ منهنجي ائڊريس ۽ فون نمبر."

۽ هن پنهنجي ائڊريس لکي مون کي ڏيئي ڇڏي هئي.

مان آڻو ۾ ويهي جئرام گنگواڻيءَ جي گهر وڃي رهيو آهيان. رستي ۾ "شاهه عبداللطيف" اسڪول ڏسڻ ۾ آيو. بلڊنگ گهڻي پراڻي هئي. مان آڻو روڪي هيٺ لٿس. هيڊ ماستر سان ڳالهايم. هن ٻڌايو ته هي سڄو اسڪول سنڌي ميڊيم ئي هيو پهرين. هاڻي سنڌي ڪوئي پڙهڻ ئي نٿو چاهي ۽ اسان سنڌيءَ کي صرف هڪ سبجيڪٽ جيان ئي رکيو آهي. هُو مون کان "هند" بابت پڇا ڳاڇا ڪندو رهيو ۽ مان هن کان "سنڌ" بابت. آڻو واري جو ڏيان رکي مون کي اُتان اُٿاريو.

مان جڏهن جئرام گنگواڻيءَ جي گهر پهتس... ڏينهن جا ٻارهن وڃي رهيا هئا...

"اڇو سائين... اڇو..." مون کي ڏسندي ئي هو نِڙي پيو...

"مون کي خبر هئي توهين ضرور ايندؤ... پنهنجي متيءَ سان رشتو ايترو سولائيءَ سان نه ٽٽندو آهي..." هن مونکي پنهنجي گلي سان لڳائي ورتو ۽ منهنجي پُٺي ٽپورڙ لڳو. هن جي گلي لڳندي ئي مون هڪ گهرو ساهه کنيو ته پنهنجي ماڻهوءَ جي مهڪ ناسُن ۾ پرجندي ويئي... هيءَ سنڌ جي مهڪ آهي... منهنجي متيءَ جي مهڪ.

هن پنهنجي زال ۽ ٻارن سان واقفيت ڪرائي... ڳالهه ٻولهه مان خبر پيئي ته جئرام جي سس ۽ منهنجي ماءُ هڪ ئي حويليءَ ۾ رهندیون هيون. رشتا ائين ئي ڦهلجندا آهن... اندر ئي اندر ٻاڙن جيان... ڪڏهن ڪڏهن ته بنا ٻاڻيءَ ٻاڻ جي... هڪ پاڙهند ۾ ۽ هڪ پاڙ سنڌ ۾... ٻنهي هڪ ٻئي جي ٻانهن پکڙي ورتي آهي. هن مون کي ويهاريو ۽ کائڻ پيئڻ جو انتظام ڪرڻ ۾ لڳي ويو. پوءِ مان هن جي زال سان ڳالهائڻ لڳس...

شڪارپور ۾ دونومل ڪتاريا جو گهر منهنجن ناناڻن سان گڏيل هو. دونومل ۽ هن جو ٻاءُ گڏوگڏ ڪپڙي جو دڪان بوتن بزار ۾ هلائيندا هئا. اُنهن جي دڪان جي سامهون ٻيا سيڪ دڪان ننڍا هوندا هئا. دوني مل کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئي. هُن جو هڪ پٽ منهنجي عمر جو هو ۽ مون سان گڏ ئي پڙهندو هو. منهنجي ماءُ اُنهيءَ حويليءَ جي ڌيءُ هئي ۽ دوني مل جي زال ۽ پاپيءَ سان امان جي واقفيت هئي. 1947 ۾ دونو مل بمبئيءَ

اچي ويو. هن جو پاءُ اُتي ئي رهجي ويو. وري دوني مل جي پائتيءَ جو جئرام گنگواٽيءَ سان وهاڻ ٽيو. هي سڀ ڳالهيون مونکي جئرام جي زال ٻڌايون. مون کيس شڪارپور ۾ هن جي پيڪن جون ڳالهيون ٻڌايون. هُوءَ ڏيان سان ٻڌي رهي هئي. دوني مل جي ڪٽنب جي ڪهاڻي هڪ اُڪڙيل سنڌي پريوار جي ڪهاڻي آهي. جيئن هُو شڪارپور ۾ منهنجي ناناڻن جا پاڙيسري هئا، انهيءَ طرح بمبئي چئمبور ۾ اسان جا پاڙيسري هئا. هند ۾ دوني مل ڪافي تڪليفون ڏٺيون. لڏپلاڻ وقت شڪارپور وارو دڪان، جيڪو مسواڙ تي هو. چو جو اُن وقت مالڪاٽو حق ۽ گُڊوِل جو پروسيس نہ ٿيندو هو ان ڪري هن کي اُهو دڪان خالي ڪرڻ خاطر سڄو مال ڏاڍي سستي اگهه ۾ وڪڻڻو پيو.

هندن کي ملڪ کان ٻاهر ويڙهو هو سو هُو مسلمانن کي پنهنجو مال تمام سستي اگهه تي وڪڻي رهيا هئا. دوني مل جي مالي حالت ڪمزور ٿي ويئي هئي. هُو هتي بيروزگار پٽڪڻ لڳو. پر هُو شيردل شخص هو. حالتن کان بنا گهبرائي روزي روٽيءَ لاءِ گهر مان آلوءَ ٽڪي ۽ چولا ٺهرائي ڪئمپ بازار ۾ وڪڻڻ لڳو. هن جو وڏو پٽ لوڪومل ترين ۾ نارنگيون وڪڻڻ لڳو. ٻيو پٽ لَکي پڙهائيءَ ۾ هوشيار هو اِسڪول کان پوءِ هُو به وڏي پاءُ سان ڪم ڪندو هو. ننڍو پٽ به پنهنجي پاءُ سان ڪم ڪندو هو. ڪيترن ئي روزي روٽيءَ لاءِ هندو ڏرم ڇڏي عيسائيت قبولي. ان طرح جون ڪيتريون ئي ڳالهيون اسان ڪندا رهياسين.

جئرام جي گهر وارن بمبئي نہ ڏٺي هئي. بمبئيءَ صرف جئرام آيو هو. جئرام انجنيئرنگ لنڊن مان پاس ڪئي هئي. ان ڪري هن وٽ انگريزي پاسپورٽ هو. انگريزي پاسپورٽ هڻڻ جي ڪري هُو سال ۾ ٻه پيرا بمبئيءَ سولائيءَ سان اچي ويندو هو.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ جئرام جي وڏي ڏيءُ جيڪا لڳ ڀڳ ٻارهن سالن جي هئي، اِسڪول کان واپس آئي. اندر ايندي ئي هن مونکي نمسڪار ڪيو ۽ ڊريس متي وري آئي. جئرام ٻڌايو تہ هن جي ڏيءُ کي پوري سڪمني ياد آهي ۽ هن کيس مون کي ٻڌائڻ لاءِ چيو. مون کي لڳو

جئرام احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهي ۽ مون کي يقين ڏيارڻ چاهي ٿو ته پاڪستان ۾ رهندي به مان پڪو هندو آهيان. ڪراچيءَ ۾ جئرام جو ڏندو وياج جو آهي ۽ هُو ٽرانسپورٽ وارن کي "پناڻي وياج" تي پئسو ڏيندو هو. هُو ڏهه ٽڪا مهيني جا وياج وٺندو هو. هن ڏنڈي ۾ هن جي رقم ٻُڏي ۽ ويندي هئي پر هُو ڪنهن سان جهيڙو نه ڪندو هو.

ڳالهين ڳالهين ۾ مون هن کي چيو "هتي چا ٿو ڪرين؟ نڪر هتان."

"جيڪو هتي ملي رهيو آهي، ڪٽي ملندو؟"

"چا ٿو مليئي؟"

"ڏهه ٽڪا وياج..."

"ٻُڌندا نه اٿيئي ڏوکڙ؟"

"ٻُڌي ۽ ويندا آهن پر ڪٽي سٽي ٽي چار ٽڪا ملي ويندا آهن."

"ڪيس ڪندو آهين اُنهن تي؟"

"اڙي نه، انهن جي وچ ۾ ئي رهڻو آهي. مان چوندو آهيانِ، 'الله ڏيئي ته مون کي به ڏيئي ڇڏجانءِ....' هتي رهي ڪير ٿو؟ لُڇا، لالچي ۽ لاچار..."

جئرام جي گهر رات جي ماني کائڻ وقت هڪ شخص ٻيو به هو جيڪو محفل جو مرڪز هو. علي احمد بروهي صاحب، جيڪو برابر ادب سان واسطو رکندو هو ۽ لطيف نالي جي مئگزن ڪڍندو هو. جڏهن هُو ڳالهائيندو هو ته سڀ چپ ٿي ويندا هئا. هن جي لفظن ۾ عقل ۽ طنز جو ميل هو. جواني جي ڏينهن ۾ هُو به نيويءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. نيويءَ ۾ خلاصين جي بلوي واري حادثي ۾، جنهن ۾ اٺ سوَ ماڻهو پکڙيا ويا هئا، هي به هو. اُنهن کي بمبئيءَ جي ماهيم جيل ۾ رکيو ويو هو. هُو پاڻ ۾ ست پائر هئا. هن جو وڏو پاءُ اي ڪي بروهي رام جيٺملاڻيءَ جو دوست هو. هندستان ۾ پاڪستان جو راجدوت هو. هُو ان وقت پاڪستان جي هڪ وڏي وزارت جو خاص آفيسر هو.

سنڌي ساهتيه ۾ علي احمد بروهيءَ جو نالو خاص عزت سان ورتو ويندو آهي. اُن رات هن گهڻيون ڳالهيون ڪيون. هن چيو ته ورهاڱي ۾

ڪلا جون ڪيتريون ئي صنفون هندستان هليون ويون. اُهو وڏو ۾ رئيس طبقو به هليو ويو جيڪو نه صرف ڪلا جو قدردان هو بلڪ اُن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش به ڪندو هو. اُنهن سان ئي تهذيبي پسمنظر آباد هو. جيڪي هتي رهجي ويا هئا، اُهي پئسي ۾ نه صرف غريب هئا بلڪ ويچار جي سطح تي به غريب هئا. وري هتان جو سياسي پسمنظر؟ هتي رهجي ويو بس سنڌي لٽريچر، چو جو هتي سنڌي گهٽا هئا. هاڻي هتي ٻين ڪجهه ٻولين ۾، جيئن ته بلوچي، پشتو، پنجابي، اُردو، انهن سيني ۾ اسان جي سنڌي ڏاڍي شاهوڪار ٻولي آهي پر سڄو پڻشن ۾ باهه سياست ۾ ضايع ٿي رهي آهي. هن 1980 ۾ لکيل هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيو ـ "ساهه مُٺ ۾" جنهن جو ليکڪ آهي ماٽڪ. هن کي پڙهندي وقت سچ ۾ ساهه مُٺ ۾ ٿو اچي وڃي. هن اِهو به ٻڌايو ته تاشقند جي هڪ گهٽيءَ جو نالو شڪارپور اسٽريٽ آهي.

هن وقت منهنجي سامهون به دؤر آهن. 1947 کان پهرين ۽ 1947 کان پوءِ. پهرين راج طاقتور هو يعني انگريز، پوءِ مذهب ٿي ويو. حقيقت به اها آهي ته ملڪ جو ورهاڱو مذهب جي آڌار تي ٿيو آهي، اِن ڪري پاڪستان جي لاءِ اِهو لازمي آهي ته هُو پنهنجي حڪومت مذهبي ميتائن جي آڌار تي هلائي. اِها ئي ڳالهه هندستان جي لاءِ به ضروري آهي. مان بن دؤرن جي وچ ۾ بيٺو آهيان.

اسين چانهن پي رهيا هئاسين ته ايتري ۾ هن جي وڏي پاءُ پرمانند جو فون اچي ويو. هن گهٽي اِسرار سان اسان سيني کي رات جي مانيءَ جي نينڊ ڏني. پرمانند ڪراچي هاءِ ڪورٽ جو وڪيل هو. پرمانند جو ساهتيه ڏانهن خاص رجحان نه هو پر شيخ اياز سان هن جي دوستي هئي. رات جو اسان سپ اُتي پهتاسين. هن وڏي گرم جوشيءَ سان منهنجي آجيان ڪئي. گهٽيون ڳالهيون ٿيون. جڏهن هن پنهنجي پيءُ ڏاڏي جا نالا ٻڌايا ته مون سيني کي سچاڻي ورتو. هن ٻڌايو ته توهان جي ۽ اسان جي زمين آسي پاسي ۾ آهي...

"ڏسو زمينون اڃا اُتي ئي آهن، صرف اسان وڃڻي وياسين...." مون ٻئنل آواز ۾ چيو. اُن ٻئنل آواز سان بَدّل اسين دير تائين اُتي ئي وينا رهياسين.

هن ڪجهه ماٺهن کي مانيءَ تي سڏايو هو. اُهي به اچڻ لڳا... علي احمد بروهي ۽ گرڌاري لعل پاڻيا. ايوب خان جي راج ۾ گرڌاري لعل پاڻيا هندن طرفان پارليامينٽ ميمبر هو. هاڻي وڃي مون پنهنجي مطلب جي ڳالهه پڇي.

"مون کي شڪارپور وڃڻو آهي... ڪيئن وڃان.. مون وٽ ويزا ڪانهي."

"چو وڃڻ ٿا چاهيو؟ ڪا خاص ڳالهه آهي؟"

"ها، ڪجهه خاص آهي..." مون جهجهڪندي چيو.

"ڪنهن چوڪري ٻوڪريءَ جو چڪر ته ڪونهي؟" هن ائين ئي مستيءَ ۾ پڇيو. منهنجي چهري جو رنگ مٽجي ويو. پر مون پاڻ کي سنياليندي مذاق ۾ چيو:

"چڪر هوندو به ته هن مهل تائين هوءَ ماءُ نهي چُڪي هوندي."

"چا ان سان ڪوئي فرق پوي ٿو؟ هوءَ ته اُهائي هوندي نه، جنهن کي توهان چڏي ويا هئا. جڏهن هن کي ڏسندا، ڪجهه به ياد نه ايندوَ سواءِ اُن جي ته هيءَ اُهائي آهي. پريم اسان کان سپ ڪجهه وسارائي چڏيندو آهي." هن لاپرواهيءَ سان چيو. پر هن جا الفاظ منهنجي اندر لهي ويا.

"پريم اسان کان سپ ڪجهه وسارائي چڏيندو آهي..." منهنجون اکيون سُڪل هيون پر گلي تائين پاڻي پرجي آيو هو. هل، اِهو به ٺيڪ آهي. جڏهن هوءَ ملندي مان هن جو مٿو پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي پچندومانس، "بڌ... چا توکي ڪو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؟"

"ها..." هوءَ چوندي.. "ڪجهه پاڻين جو شور ٻڌڻ ۾ اچي ٿو..."

"مان تري هيستائين آيو آهيان..."مان چوندومانس ته هوءَ کلڻ لڳندي. مان هن کي اُهو سپ چوندس، جيڪو هوءَ نه سمجهندي.. ان ڪري ڪان پري، ته هوءَ چا سوچيندي؟ هوءَ به ته منهنجي سوچ کان پري آهي... اسين پنهنجو پنهنجو پريم ڪٽي گهمي رهيا آهيون... پنهنجي پنهنجي پيڙا. ڪنهن کي ڏيڻ چاهيون ٿا پر وٺي ڪير؟

"هلو هاڻي اُن تائين پهچڻ جو طريقو ته ٻڌايو..." هن وقت مان پاونائن ۾ نڪو وهڻ چاهيان. مون اندر جي پاڻيءَ کي نظرانداز ڪندي چيو.

هن مونکي طريقو ٻڌائيندي چيو "پهرين تون شڪارپور جي ويزا وٺڻ جي ڪوشش ڪر."

"ڪيئن؟"

"سڀ کان پهرين پريم ڪشن شهاڻي، جيڪو گدو مل ڏيارام جو پوٽو آهي، ان سان وڃي گڏج. هو تنهنجي مدد ڪندو."

ٻئي ڏينهن مان هن جي آفيس ۾ هن سان گڏجڻ ويس. رام باغ جي پاسي ۾ مينا رام هاسٽل هو اُن جي سامهون شرٽاگتي بلڊنگ آهي. هيءَ سڀ گدو مل شهاڻيءَ جو آهي. شرٽاگتي بلڊنگ ۾ آفيس هئي. پريم شهاڻي ايڈووڪيٽ هو ۽ گهمندو ڦرندو ڪمپيوٽر هو جڻ. مون هن کي سڃي ڳالهه ڪري ٻڌائي. هن مون کي ويهاريو لنچ ڪرايو ۽ هوم منسٽريءَ ۾ وٺي هليو. آفيس وارن چيو "اسين نٿا ڪري سگهون. توهين درخواست لکائي ڇڏيو. بن ڏينهن ۾ جواب اچي ويندو اسلام آباد مان." بن ڏينهن کانپوءِ اسلام آباد کان رجيڪشن اچي ويو. پر سيني چيو توهين نڪري وڃو. وڌيڪ گهبرائڻ جي ضرورت نه آهي.

گرڌاري لعل چيو:

"شڪارپور وڃڻ کان پهرين توکي سکر وڃڻو پوندو. سکر مان هڪ شخص توکي شڪارپور وٺي ويندو. سکر ۽ شڪارپور جي وچ تي لکي ڳوٺ ۾ ايئرپورٽ آهي. مان توکي هڪ شخص جي ائڊريس ڏيان ٿو. هن سان ضرور ملجانءِ."

سڀ وري کائڻ پيئڻ ۾ لڳي ويا. صرف منهنجو روُح منهنجي جسم کان الڳ پٽڪندو رهيو اُن ڏُنڊلي چهري جي تلاش ۾ جنهن جا نقش به مون کي نيڪ سان ياد نه آهن. اُن هٿ جو تصوري ڇهاءُ مون سان گڏ هليو آيو هو ۽ بس، مون اُن هٿ کي زور سان پڪڙي ورتو آهي.

آخر سڀ ڪجهه نپٽجي ويو. مون سيني کان اِجازت گهري ۽ ايئرپورٽ جي بس پڪڙي. 'لکي' پهتس. هن جي ٻڌايل ائڊريس تي. خبر

پيئي تہ هُو شخص ڪراچيءَ هليو ويو آهي. گهر بند هو. هاڻي؟ مون ٻئي نالي جي ڪوجنا ڪئي تہ ٻيو نالو مليو. ٽيڪمداس ڪنارا. هن جو گهر ڳولهي در کڙڪايم. ڪوئي ضروري نہ هو تہ هُو منهنجي ڳالهہ سمجهي ئي ونڊي، پر مون وٽ ٻيو رستو بہ تہ ڪونہ هو...

هن در کوليو تہ مون جلديءَ ۾ چيومانس:

"مان بمبئيءَ مان آيو آهيان.. هتي ڪنهن کي بہ ڪونہ سڃاڻان... جنهن جي ائڊريس ملي هئي، اهو ڪراچيءَ هليو ويو آهي. هاڻي مان توهان جي گهر رات جو مهمان بہ هوندس ۽ماني بہ کائيندس."

منهنجي ٻيباڪيءَ تي هُو ٿورو ڇرڪي پنٽي ٽيو ۽ ڏيان سان منهنجو چهرو ڏسڻ لڳو. هن جوانڪار هن جي چهري تي صاف لکيل هو.

"توهين هتي ڪيئن هلي آيا؟ توهان کي خبر ڪانهي تہ هتي ڇا هلي رهيو آهي؟" هن لڳ ڀڳ ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو.

"خبر آهي، پر منهنجو اچڻ بہ ضروري هو مون ڦهرين ئي ڪافي دير ڪري ڇڏي آهي." منهنجي بہ منهن مان نڪري ويو.

"تنهنجي دير سان منهنجو ڪوئي واسطو ڪونهي..." هُو غصي ۾ اچي ويو.

سمجهان ٿو تہ هيءُ اپريل جو مهنو آهي. 4 اپريل تي پُٽي کي ڦاسي ڏني ويئي هئي. ۽ مان 13 اپريل جو ڪراچي ۽ 16 اپريل جو سکر پهتو هوس. هُو ڪجهہ لمحا منهنجو چهرو ڏسندو رهيو ۽ ڪجهہ سوچي مون کي اندر وڃي ويو....

"سڃي ڳالهہ ڪر....."

مون سڃي ڳالهہ ڪئي.

"اچو... هاڻي اچي ويا آهيو تہ... هتي ويهو. مان اڄ ڪلاڪ ۾ اچان ٿو." هن مون کي وهاريندي چيو ۽ هليو ويو. مان چپ چاپ هن کي ويندي ڏسندو رهيس. هُو شايد گهبرائي رهيو آهي ۽ پنهنجي ڪنهن مائٽ کي سڏڻ پيو وڃي. مان ڏيرج سان هن جي گهر ۾ ويٺو رهيس. پٽين تي ٽنگيل تصويرون ڏسندو... لڳ ڀڳ ادائي ڪلاڪن بعد هو موٽيو... تيستائين

مان هن جي گهر ۾ اڪيلو وينو هوس... آيو ته هن جي هٿ ۾ هڪ ايلبم هو ۽ ساٺس گڏ هڪ ٻيو شخص. هن ايلبم منهنجي سامهون رکندي چيو:

"هنن سکر وارن کي تون سڃاڻندو آهين؟"

مون کي ڪِل اچي ويئي... ته هُو هي ايلبم ڪٽڻ ويو هو... هڪ گواهيءَ جي تلاش ۾... ته مان جيڪو چئي رهيو آهيان... اُهو آهيان يا نہ؟ ڇا مون کان هر هر پڇيو ويندو ته مان جيڪو چئي رهيو آهيان... اُهو آهيان يا نہ؟ مون مشڪندي سيني جا نالا ٻڌايا ته هن کي مون تي اعتبار اچي ويو. هڪ اطمينان هن جي چهري تي ڦهلجي ويو...

"ماڻهو ته صحيح آهين پر اڇڻ جو ٽائيم غلط چونڊيو اٿئي..."

"هاڻي چانهه ته پيئار ۾ ڪجهه ڪاراءِ بہ. ڏاڍي بُک لڳي آهي... تو مون کي ايدائي ڪلاڪ ويهاري ڇڏيو." مون مشڪي چيو ته هُو زور سان ڪليو. سڄي اجنبيت اُن ڪِل ۾ وهي ويئي. پوءِ اسين دير تائين ڳالهائيندا رهياسين. مون هن سان گڏ آيل نوجوان کي، جنهن جو نالو پيتامبر هو چيو:

"مون کي شڪارپور وڃڻو آهي، هڪ ٽئڪسي ڪري ڏيو."

"ٽئڪسي ڇو؟ مان ٿو وٽي هلانءِ ڪار ۾. منهنجو پاءُ آهي اُتي، ڊاڪٽر پگٽ. اُتي هلي رهنداسين." هن وڏي اُتساهه سان چيو... "پر هڪ ڪم توهان کي ايا ڪرڻو پوندو..."

"ها... ها.... چئو..." مون جڳياسا مان چيو.

"هي ڪپڙا منڍا پوندو... حالات ٺيڪ نہ آهن... پاڻ کي بچائڻو پوندو."

منهنجي هاڪار تي هن بہ جوڙا ڪپڙا آڻي ڏنا. مون چپ چاپ هن جي ڳالهه مڃي.

پوءِ اسان ٻئي لڳ پڳ رات ستين بجي سکر کان شڪارپور طرف نڪتاسين. رستي ۾ پائي اُڏوداس جي هاسپيٽل ڏني، جا سنڌ ۾ گهڻو مشهور آهي. اُڏوداس تارامل چاڙيا ان کي ٺهرائڻ مهل ان ۾ پنهنجي سڄي پونجي لڳائي ڇڏي هئي. وري بہ جڏهن ناڻو گهٽ پيو ٿئي ته هُو بمبئيءَ آيو هو شڪارپورين کان دان گهرڻ... ۽ سيني پرپور مدد ڪئي

هئس. شڪارپورين جي دان جا گهٽا قصا مان بابا جي واتان ٻڌي چڪو آهيان ۽ پاڻ ڏسي چڪو آهيان.

جڏهن کان هتي آيو آهيان سيئي پنهنجا ملي رهيا آهن... جڙ ته کو لِنڪ هجي وڇڙيلن جو... ۽ جڏهن سڀ ملي رهيا آهن ته هن کي به ملٽو ئي آهي... جنهن جي لاءِ آيو آهيان... ڪڏهن ڪڏهن مان اُنهن جي ڳالهين ۽ هن سفر کان الڳ ٿي پنهنجي زندگيءَ بابت سوچڻ لڳندو آهيان... هڪ ٽڪر اُهو آهي، جيڪو دور هندستان ۾ آهي... ٻيو هتي، جو ايڏا دور پاڪستان ۾ آهي. ٽيون وچ ۾ بيٺو آهي، سوچيندي ته مان ڪنهن پاسي وڃان؟ ۽ سوچيان ٿو اُهو ڪهڙو لمحو هوندو آهي، جڏهن اسين هڪ کان ٻه ٿي ويندا آهيون ۽ ٻه کان هزار... ۽ پوءِ هڪ ٽيڻ لاءِ تڙڦندا آهيون.

هيءَ ڳالهه اسان کي گهٽي دير بعد سمجهه ۾ ايندي آهي، قريبن اڌ زندگي گذاري وٺڻ بعد ته اندران ڪجهه به نه ٿيڻجندو آهي. جيڪو ٿيڻجي ٿو... ٻاهرين کل آهي ۽ اُها ته ٿيڻجندي ئي رهندي آهي. مان ته هاڻي به اُتي ئي بيٺو آهيان، جتان هليو هوس.

گهٽا رستا گذري رهيا آهن پيرن هيٺان. رستا، جن کي شايد مان به پلجي چڪو آهيان، پر هُو مون کي سڃاڻن ٿا. ماڻهو اُتي ئي بيٺا آهن، جتي مون اُنهن کي ڇڏيو هو. اُنهن جي دلين ۾ اسان وِيلن جي لاءِ اُها محبت نه بچيل هوندي، پر ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ اسين سمجهون ٿا هڪ ٻئي جو درد... هڪ ٻئي جي تڪليف. اسان هڪ ٻئي کان جدا نه ٿيڻ چاهيندا آهيون پر سياست جدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اجنبي رستا اسان کي پاڻ کان پري وڃي ويندا آهن.

اسين شڪارپور پهچي وياسين... لڳاتار ڏڪندڙ منهنجي دل هڪ جڳهه بيهجي ويئي آهي. هلندي هلندي ڪجهه رڪجي ويو آهي. منهنجي اندر ۾ ڪنهن اکيون کوليون ۽ هاڻي ٻاهر ليئو پائڻ لڳو آهي...

شڪارپور سنڌ جو واحد شهر هو... هي سڄي سائوٿ ايسٽ ايشيا ۾ مشهور هو. اڄ کان ٻه سؤ سال پهرين 1701 کان 1783 تائين لنڊن ۽ پئرس

جي برابر سمجهيو ويندو هو. هي تعليم يافته ماڻهن جو شهر هو. لائبريريون، ٿيٽر، ڊانس اڪاڊميون، ڪاتيج انڊسٽري، بيڪريون ۽ بين نه ڄاڻ ڪيترين بلڊنگن جو هڪ شاندار تجارتي مرڪز هو. هتان جون شيون پهرين ڪراچيءَ ۾ پوءِ ڪراچيءَ جي ذريعي سڄي دنيا ۾ پهچنديون هيون.

پهرين هتي ٽالپرن جو ڏاڍو وڏو شڪارگاهه هوندو هو. پري پري کان ماڻهو شڪار کيڏڻ ايندا هئا. جهنگلي جانورن جو تمام وڏو ذخيرو موجود هوندو هو. هتان جي چڙيا گهرن ۾ اسي في صدي جانور هتان جا ئي هوندا هئا. هن کي "شهر علم" به چيو ويندو هو. هڪ ٿيٽر به هوندو هو "نانڪ سيا ٿيٽر" ۾ هيءُ ٿيٽر سڄي ڪانٽينينٽ ۾ مشهور هو. وڏا وڏا مشهور فنڪار هتي پنهنجي فن جو جوهر ڏيکارڻ ايندا هئا. اُستاد بڙي غلام علي خان صاحب به هتي آيوهو. هڪ ميوزڪ اڪادمي هئي، جنهن کي "وڏوا ميوزڪ اسڪول" به چيو ويندو هو. هتان جي ڪجهه عورتون وڏو نالو ڪمايو. "هوليءَ جو هانڊو" ۾ ٻاهران ڪلاسيڪل سنگر ايندا هئا. پري پري کان ماڻهو اُنهن کي بڏڻ ايندا هئا. وڏا شاهوڪار هزارين روپيا دان ۾ ڏيندا هئا. دان ڏيڻ جي ته جيئن هڪ هوڙ لڳي ويندي هئي. ٽڪيٽ چار کان پنج روپيا هوندي هئي. پر ٻئي ڏينهن اِهو ئي پروگرام عام جنتا لاءِ مفت، ڪنهن هڪ باغ ۾ ٿيندو هو. نه ڄاڻ ڪيترين ڳالهيون ياد ايندين ويون...

سيءَ کان پهرين مون اُن هوا ۾ گهرا ساهه کڻي پنهنجا ڦڦڑ پري ورتا. اُهي ئي پتيون آهن.... اُهي ئي رستا... اُهي ئي گهر... جيڪي اڄا زبون ۽ پراڻا لڳي رهيا آهن... ڪنهن هنن تي ڌيان ئي نه ڏنو آهي. هنن کي پريم ڪرڻ وارا هنن کي چڏي هليا ويا ۽ هي اُنهن جي نگاهه اُنهن جي ڇهاءَ لاءِ به سِڪي ويا. ٻاهر ڏسجندڙ ڳاڙهيون پتيون گهٽيون ميريون ٽي ويون آهن... ڳاڙهين سرن سان ٽهيل اُهي روڊ به خسته حال ٽي ويا آهن. درن جو رنگ لهي ويو آهي... چهرن جو به رنگ لهي ويو آهي... هيءُ سيءَ اُهو ته

ڪونهي، جنهن کي مان چڏي ويو هوس. وري بہ سڀ ڪجهہ... سڀ سڀني قسم جي بدلاون جي باوجود...

رستي جي پيڙ... ايندڙ ويندڙ ماڻهو... اُنهن جي ڳالهائڻ سان منهنجي ڪنن ۾ پوندڙ لفظ هيءَ منهنجي هولي آهي، منهنجي مٺڙي هولي. منهنجي اندر نہ جاڻ ڪيترا احساس ڏڪ پيا ٿا لرزن ۽ مان اُنهن احساسن کي لفظ نٿو ڏيئڻ چاهيان. اُهي لفظن کان پري آهن. ماڻهن جا ڪپڙا ڏسي رهيو آهيان. ها، مان پنهنجي گهر موٽي آيو آهيان. هي سڀ اسان جي هولي هولي رهيا آهن... هولي، جنهن جا نہ جاڻ ڪيترا لفظ اسان جي ڪيسن مان بيشقيمتي سڪن وانگر ڪِري پيا آهن... ڪُٽندا وڃن روز بہ روز... جن جي ڪنڪ مان هتي ٻڌي رهيو آهيان.

ايا مون شڪارپور کي دل پري ڏنو نہ آهي، پر اکيون پري ڏسي رهيو آهيان. پهرين نظر ۾ ئي مون ڏسي ورتو تہ ملٽري سڄي شهر ۾ ڦهليل آهي... چپي چپي تي ... ماڻهو اُنهن کان ڪنارو ڪري گذري رهيا آهن... هڪ اڻ ڏسجندڙ ٻوَ جو سايو چؤطرف پکڙيل آهي.. پر چا ڪجي؟ جيئڻو تہ آهي. اِن ڪري ئي چوندا آهن، ماڻهوءَ جي ڪل ڪتي کان بہ مضبوط آهي. هر حال ۾ جي وٺندو آهي.

ڪالهہ تائين منهنجو گهر هڪ چؤواڻي تي هو پر اڄ صبح گهر جي ٻاهران چوڪيدار جي بدلي بندوق ڌاري جوان بيٺو آهي.

ڪالهہ تائين چؤواڻي جي شورغل ڪري جيئڻ جنجال هو پر اڄ سڀ ڪجهہ خاموش آهي. اڄ رات مان هڪ ڪويتا لکندس.

ڪنهن چيو آهي، تون پنهنجو جسم لاهي موڙي تي رکي آءُ، مان بہ پنهنجو جسم لاهيان ٿو. اڄ پيار ڪيون.

چا اِهو ممڪن هو تہ اسين هڪ ٻئي کانسواءِ مري وڃون ها؟ مان توکي پاڻ سان گڏ نٿو ماري سگهان. تون رهندين، مون کان پهرين، مون کان پوءِ بہ.

ڪڏهن اسين پنهنجو گاهہ کائيندا هئاسين، هاڻي اُهو گاهہ کائي رهيا آهيون، جيڪو اسان کي ٻيا کارائي رهيا آهن.

انيڪ رنگن جا سوال ڪٽي، هڪ ئي سائي رنگ جي جواب تي جيئن پيا ٿا ماٺهو. او منهنجي انيڪ رنگي شڪارپور! تون ۽ سائي رنگ جو شڪار ٿي ويئينءَ.

اِنسانن سان رشتا ٽوڙي نعرن سان رشتا جوڙيا ويا آهن، ڇا هنن جي ڪا ڀَالهه سمجهه ۾ اچي ٿي توکي؟ چوندڙ جي آزادي اسان وٽ نه آهي. ياد ڪر او شڪارپور! تنهنجي پلڪن جي ڪنبڻ سان وقت ڦرندو هو. هاڻي جڏهن مان موتي آيو آهيان، ٻڌاءِ مونکي، ڇا ڪڏهن توکي منهنجي غير حاضريءَ جو احساس ٿيو هو؟ تون منهنجي پٽيان ڇو نه آئينءَ مون کي پرچائڻ. مون کي سڏڻ؟ مان سڄي واٽ تنهنجي سڏ جو انتظار ڪندو رهيس.

جن کي مرڻو هو مري چڪا آهن، جن کي جيئڻو هو جي رهيا آهن، هتي ۽ اُتي ۽ او شڪارپور!

ائين نه آهي ته صرف مون ئي سَئو آهي اِهو عذاب، تون ۽ ته بيمار آهين. مان روز تنهنجا خواب ڏسندو هوس، پر تنهنجي ائڊريس منهنجي وهاڻي هيٺان رکيل هئي...

رات جو وقت آهي ۽ ماٺهو جلدي جلدي، پنهنجي گهر پهچڻ چاهين ٿا. مون کي لڳي رهيو آهي ته سڀ مون کي ڏسي رهيا آهن، پر سيني جو شڪ آهي پنهنجي پنهنجي اعتبار تي. مان روز هڪ خط لکندو هوس، پنهنجي هن ائڊريس تي... لوهارن جي بستي، ڏڪ بزار شڪارپور، جواب ۾ توکڏهن خالي لفافو ۽ نه موڪليو...

هن پيري شڪارپور شهر جي ڏڪ بازار ۾ بوڏ هئي ۽ ماٺهو پاٽيءَ ۾ پاٽيءَ تي گذري رهيا هئا.

حڪومت جو اعلان آهي ته هر ماٺهو پاڻ لاءِ صرف پاڻ جوابدار آهي، اسان جي جوابداري نه آهي. حڪومت ڪوڙ ٿي ڀَالهائي. ڪاش! جوابدار رهڻ ڏين ها. ڪاش! ڪجهه جوابداريون اسان ۽ ڪٽون ها. اسان سڄيون جوابداريون اُنهن کي ڏيئي ڇڏيون. اُنهن اسان کان اسان جو هر جواب کسي ورتو. اسان پنهنجا پنهنجا سوال ڪٽي پٽڪاوَ ۾ آهيون.

هاڻي مون کي پنهنجي لاءِ اڪيلائپ کپي. مان ٿوري دير پاڻ سان گڏ رهڻ چاهيان ٿو... ڏک لڳڻ تي جيئن ٻار وڃي ماءُ جي ڪڇ ۾ لڪندو آهي، هاءِ ڪوئي مون کي به ڪٽي پنهنجي ٻانهُن ۾ لڪائي.

مان پنهنجي ڪار جي سيٽ سان ائين چنبڙي وينو آهيان، جڙ ڪڏهن نه لهندس.

نوين بجي جي آس پاس دادواٽي روڊ تي هن ڪار بيهاري ۽ وڃي پنهنجي پاءُ کي سڏي آيو مان ڪار ۾ وينو پنهنجي آس پاس ڏسندو رهيس... "تون پنهنجا ڪپڑا لاهي آءُ، مان تنهنجي روح سان ملڻ چاهيان ٿو."

هن جو پاءُ هن سان گڏ آيو ۽ مون اڻ ڄاڻ کي ڏسي ڏڃي ويو. ڪجهه لمحا هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پوءِ پُٽڪندي چيائين:

"هن وقت حالات ٺيڪ نه آهن. چپي چپي تي فوج جو پهرو آهي. اسين توکي هتي نٿا رهائي سگهون. پُٽي کان پوءِ فساد گهٽا وڌي ويا آهن."

"چنتا نه ڪيو. مون کي 'سماڌا' مندر ۾ ڇڏي اچو. مان اُتي ئي رهندس. مان توهان جي چنتا جو سبب بڻجڻ نٿو چاهيان."

مون انهن کي تسلي ڏيندي چيو. هن جي پاءُ ڪنڌ لوڏيو ۽ فورن اندر هليو ويو. مان وري ڪار ۾ ويهي رهيس ۽ ڪار هلڻ لڳي...

"سائين... ڏاڍي غلط وقت تي آيا آهيو توهين؟" هن سامهون روڊ کي نهارينديءِ چيو جتي ملٽري بيٺي هئي... چپي چپي تي.

"صحيح وقت جي انتظار ۾ گهٽو وقت وڃائي وينو آهيان..." منهنجي واتان نڪتو.

"وقت ته سائين پنهنجي هٿ ۾ هوندو آ؟" هن چيو ته مان کلڻ لڳس.

"ورهاڱي جي دنگن ۾ جڏهن ماڻهن کي ماريو پيو وڃي، اسان کي لڳندو هو هي وقت به گذري ويندو ۽ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.. ڪيئن؟ ڇا ڪجهه به ٺيڪ ٿيو؟ ڇا ڪوئي به وقت اسان جي هٿ ۾ هو؟" نه ڄاڻ مون هن کي پئي چيو يا پنهنجو پاڻ کي؟ هن کا به ورندي نه ڏني. في الحال ته هُو مون کان چوٽڪارو پائڻ چاهيندو هوندو.

هُو مونکي "سماڏا" ۾ چڏي واپس هليو ويو.

سماڏا جي پنڌت جو نالو شِو پجن هو. مون وڃي هن سان هٿ ملايو ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي پتا جو نالو ٻڌايو. گڏوگڏ اهو به چيومانس:

"مون کي هتي رات رهڻو آهي ۽ ماني به ڪائيندوسانو. مون وٽ شڪارپور جي ويزا به ڪانهي."

هُو ڪجهه لمحا مون کي حيراني سان ڏسندو رهيو.. منهنجا ڪپڙا، جيڪي مان متي آيو هوس ۽ منهنجو منهن، جيڪو مان نه متي سگهيو هوس. پوءِ هُو ڪِلڻ لڳو:

"پائي تون ته پنهنجو آهين... اڇ... اڇ... اندر اڇ... هتي ويهه..."

هن منهنجي آجيان ڪئي... ڪٽ تي ويهاريو. پاڻي پيئاريو. ڪجهه اُجون ڏاڍيون گهريون ٽيندیون آهن. پاڻي پيئندي مون سوچيو... بلڪ اُهي تنهن مهل ئي ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جڏهن اسين پاڻي پي چڪا هوندا آهيون.

حال چال ونڻ بعد هو ٻنهي لاءِ ماني ڪڍي آيو. مون ڏٺو پاڃيءَ جي ڪٽوريءَ ۾ پرپور گيهه تري رهيو هو... هڪ ٽلهو روٽلو ۽ اُن تي مکڻ. گيهه جي ڪٽوري الڳ سان. مون کي اوچتو شڪارپور جي آلوچاپ جي يادگيري اچي ويئي. جنهن کي ناهڻ کان پهرين ميري نيٽ به ڪندا هئا ۽ پوءِ ان کي سموڪي فليور ڏيڻ لاءِ تانبن تي به رکندا هئا.

بابا کي "مڇيءَ جو ٻوڙ" بيحد پسند هو چانورن جي ڏوڏي سان... شڪارپور جي ڪٽاڻ، ديوان رامچنداڻيءَ جو فالودو مائي جي مٺائي ۽ گيهر. مان اُن مانيءَ ۾ اُها ماني ڳولهي رهيو آهيان... هنن چهرن ۾ پنهنجو چهرو... هن شهر ۾ پنهنجو شهر. مون هن کي چيو "سائين، مان ايترو گيهه نه کائي سگهندس" ۽ گيهه ڪيڏي ڪٽوري هن ڏي سوري. هُو وڏي مزي سان گيهه ماڻي رهيو هو. پوءِ اسين دير تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين.. هند جون... سنڌ جون....

مون جڏهن هن کي چيو "شڪارپور هڪ شهر نه ڏهني ڪيفيت آهي... شڪارپور هڪ سوال آهي... جنهن جو جواب ڳولهڻ هميشه ڪونه

ڪو ايندو آهي.... شڪارپور صرف هڪ جسم ئي نہ رُوح بہ آهي... هن روُح کي ياکي پائي مان هتان هليو وڃ جي معافي ٿو گهران. شڪارپور هڪ سانچو آهي، جنهن مان نهيل مخصوص ماڻهو ئي نڪرندا آهن... پوءِ هُو دنيا ۾ ڪيڏانهن بہ هليا وڃن... رهندا شڪارپوري ئي آهن... فخر ڪندا آهن پنهنجي شڪارپوري هئڻ تي...."

تڏهن هن مون کان پڇيو "چا تون ڪويتا لکندو آهين؟"

مون "ها" ۾ مٿو لوڏيو تہ هن ٻئي هٿ مٿي کڻندي چيو "پوءِ تہ تنهنجو خدا ئي مالڪ آهي."

جيڪڏهن مان هن کي چوان ها، مان ڪنهن سان "پريم" ڪندو آهيان تہ هن کي حيراني نہ ٿئي ها. منهنجي ڪويتا ڪرڻ تي هن کي حيراني ٿي رهي آهي... ڪهڙو فرق آهي ياائي؟ پريم جڏهن گهاتو ٿي ويندو آهي، لڙڪن ۾ نہ وهي سگهندو آهي، ڪويتا نهي ويندو آهي، لفظ نهي ويندو آهي، اومر نهي ويندو آهي.

ٻئي ڏينهن مان جلدي ئي سنان پاڻي ڪري تيار ٿي ويس. پيتامبر بہ اچي ويو. هن مون کي پائڻ لاءِ هڪ نئون وڳو ڏنو...

"مون کي ڪٽوائي ڏرمشالا ونڊي هلو اڳتي مان پاڻ ويندس..." مون هن کي چيو.

"ها... اڳتي تہ تون پاڻ ئي ويندين..." هن مون کي ڏسندي چيو.

ڪٽوائي ڏرمشالا هڪ سنهي گهٽيءَ ۾ آهي، لڳ ڀڳ اٺ ڏهہ فوٽ ويڪري. اُتي ٽئڪسي يا ڪار نٿي روڪي سگهجي... ڪار ٻاهر روڪي اسين پنڌ هلڻ لڳاسين... هي ڏسو... هي آهي گوبندرام پنجابيءَ جو گهر. مون ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو. بلڪل اُهوئي... ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي... گيٽ جو رنگ بہ نہ سڀ ڪجهہ تہ نہ ٿنجندو آهي. ٿورو پراٽو بہ رهجي ويندو آهي. ٿورو اڳتي هليس تہ پساري بزار آئي... اسان پنهنجي دوست چترُو ناگپال جو دڪان ڏٺو... اڳتي وڃڻ تي جي.بي.منگهارام جو دڪان آهي. گهمندي گهمندي ڪٽوائي ڏرمشالا جي پوئين حصي ۾ پهچي وياسين.... ڪيترائي ماڻهو اچي بيهي رهيا، پر اُنهن سان بہ هڪ دوري

برابر قائم ٿيل هئي. پر وري بہ اسان گڏ فوٽا ڪڍايا... ڪئميرا هئي ننڍي.. اُن ۾ 8 ايم.ايم. جي فلم لڳندي هئي. مان فوٽا ڪڍندي ڪڍندي ٽڪجي پيس ۽ وڃي هڪ ڇبوتري تي ويهي رهيس. پيتامبر اُتي بيٺل ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو. جيڪي ٿوري ڇڪياسا سان مون کي ڏسي رهيا هئا. هاڻي ڪجهہ وقت مان پاڻ سان رهڻ چاهيان ٿو... اُن شديد احساس سان، جيڪو مون کي هتي وٺي آيو آهي.

مان هن شهر کي ڏيان سان ڏسي رهيو آهيان.... جيڪو قطرو قطرو منهنجي سامهون کلي رهيو آهي... مون اُنهن هوائن ۾ گهرو ساهہ کنيو جن ۾ نہ جاڻ ڪيترين يادگيرين سمايل هيون.

هي اُهو ئي شهر آهي، جتان لُڙڪندي اسين پري هليا ويا هئاسين... اُها ڏنڊلي اَوسٽا مون کي هن مهل تائين ياد آهي... ڪجهہ بہ صاف نہ هو سواءِ اِن ڳالهہ جي تہ هاڻي وڇڙو آهي... شهر چپ چاپ اسان کي ڏسندو رهيو. پنهنجي ويران ۽ خالي اکين سان... ماڻهن ۾ نہ جاڻ ڪهڙو ڀؤ ويهي رهيو هو جو هو پنهنجي ئي پاڙيسريءَ کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي رهيا هئا؟ ڪيئن هن شهر اسان کي پنهنجي رت ۽ ماس کان الڳ ٿي وڃڻ ڏنو؟ ڪيئن گهٽين اسان جي پيرن جا آواز پنهنجي اندر لڪائي ڇڏيا؟ ڪيئن نہ اُنهن رستن ورائي ورائي اسان کي ويندي ڏٺو هوندو جن جي ڇاتي اُن وقت بوٽن سان لتاڙي ڇڏي پئي وڃي. اُهي پير، جن سان نصيب ۾ ايڏا بہ نہ جاڻ ڪيترو رلڻ پٽڪڻ لکيل هو. ڪجهہ پير تہ ايڏا تائين رُلي رهيا آهن ۽ ڪجهہ آتمائون بہ.

اهو تہ گهڻن سالن بعد سمجهہ ۾ آيو تہ ڪجهہ شهر اهڙا ٿيندا آهن، جيڪي اسان جي رَت ۽ ماس ۾ سمايل هوندا آهن... صرف اسان ئي نہ وڏا ٿيندا آهيون، هُو بہ اسان ۾ ڦلندا ڦولندا پنهنجون پاڙون پکڙيندا آهن. اسين ڪيڏانهن بہ وڃون، پاڙون اسان کي اندران جهلي بيهنديون آهن. اُهي شهر ڪڇندا ڪجهہ نہ، پر اندر جي احساس ۾ موجود هوندا آهن ۽ جڏهن بہ ليئو پائي ڏس، اُنهن بند جهروڪن ۽ درن جي پٺيان هڪ عجيب اسراري لوڪ لڪل ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هُو پنهنجو پاڻ نہ ڪُلندا

آهن... بيٺا هوندا شرمايل سڳچايل... اُنهن کي کولٽو پوندو آهي، گهٽو سنيلجي سنيلجي پنهنجن هٿن سان. پر اُنهن ۾ ئي ڪجهه حصا اهڙا به هوندا آهن، جيڪي اڳتي وڌي پاڻ اسان سان هٿ ملائيندا آهن... اسان جي جسم کي ڇهي اسان کي تسلي ڏيندا آهن ته چنتا نه ڪر... مان آهيان... اسين گڏ آهيون. اڄ مان محض انهن باهرين روڊن ۽ گهٽين ۾ ئي نه هلي رهيو آهيان، بلڪ اُنهن رستن تي به هلي رهيو آهيان، جيڪي منهنجي اندر آهن.

اڄ.... اڄ ڏسان ٿو ته هي ڪوبيو ئي شهر آهي... انهيءَ شڪارپور کي هن علائقي جو پئرس چيو ويندو هو روڊ رستا خوشبودار پاٽيءَ سان ڌوتا ويندا هئا. ٽائون پلاننگ ۽ بلڊنگس جي معاملي ۾ هيءُ هڪ هاڪارو شهر هو. هاٽي شڪارپور ۾ داخل ٿيندي ئي ڪچري جا ڍير ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا آهن. روڊن جي حالت ڪافي خراب آهي... اُکڙجي ويا آهن. جڳهه جڳهه پاٽي پريل آهي، اُهي چؤواتا به ساڳيا نه رهيا آهن، جن کي مان چڏي آيو هوس... اُهي هاٽي ڪنهن ٻئي پاسي ڏسڻ ۾ مشغول آهن. اُهي ماڻهو ڪيڏانهن هليا ويا، جيڪي اُن وقت ۾ هوندا هئا. اُهي پوشاڪون، اُهي ڳاڙهيون پگڙيون، اُهي چوٽيون، اُهي روا... هاٽي اُهي نه رهيا آهن. پر سڀ متجي ويو هجي، ائين به نه آهي. هر شهر ۾ ڪجهه ته دائمي هوندو آهي، جو ڪڏهن به نه متجندو آهي، جنهن کي اسين ڳولهڻ ايندا آهيون ۽ جيڪو ڪڏهن ملندو به نه آهي. اُهو ڇا آهي، مان اڄ تائين اُن تي آڏر نه رکي سگهيو آهيان.

۽ ماڻهو؟ ڇا ماڻهو اڄ به اُنهيءَ ائڊريس تي رهندا آهن، جيڪا منهنجي ڊائريءَ ۾ درج آهي؟

مان اُنهن تائين پهچڻ چاهيان ٿو جيڪي مون کي سڃاڻن ٿا... مون کي منهنجي نالي سان ڄاڻن ٿا.... مون کي اُهو در ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي... جلدي جلدي پير پريندي مان مائي زينيءَ جي در تي بيٺو آهيان، در کليل هو... مان اندر گهڙي ويس... مائي زيني کٽ تي ويٺي هئي.. مون کي

اوچتو ڏسي ٿورو چرڪ نڪري ويس... ڪير؟ ٿوري حيراني ۽ سان هوءَ مون کي ڏسڻ لڳي... مان بنا اِجازت اندر آيو هوس....

"بنا اِجازت اندر آيو آهين تہ ڪو پنهنجو ئي هوندين." هوءَ مون کي ڏيان سان ڏسي رهي هئي... "اڇ... هن کٹ تي ويهہ..."

مان اُن کٹ تي ويهي رهيس... "مان ننڊ آهيان، عقيءَ جو پٹ..." چوندي چوندي منهنجو گلو پرجي آيو.. مان اُنهن گُهنجن ۾ ڪجهہ ڳولهي رهيو هوس... ڪا رهجي ويل شيءِ... جنهن کي صرف اُهي گُنجهہ ئي سنيالي رکي سگهن ٿا... اسان گهٹي دير هڪ ٻئي ڏي ڏسندا رهياسين....

"تون... تون گوئمان آهين نہ؟" هوءَ حيرت مان مون کي ڏسندي رهجي ويئي... پوءِ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون مون طرف وڌائيندي کولي ڇڏيون... مون کي خبر ئي نہ پيئي، مون ڪڏهن هن جي هنج ۾ پنهنجو چهرو رکيو ۽ رئڻ لڳس... هوءَ بہ منهنجو متو چمندي.. مون کي پنهنجي ٻانهُن ۾ پريندي روئي رهي هئي... هڪ بند ٹُٹو هو... ڪيترين ندين اندر دفن هونديون آهن، اسان کي ڪا خبر ئي نہ پوندي آهي... هن جي اکين جي ڪُنڊن مان سنڈ ڦٽي رهي هئي... مان وَهي رهيو هوس... اسانجا لفظ اُن تيزيءَ سان وهندڙ نديءَ ۾ وهي رهيا هئا...

"وڃڻ وارا تہ نہ موٽندا آهن گوئمان، تون موٽي آئين..."

"مان تہ پنهنجي سنڈ کان پري ڪڏهن وڃي نہ سگهيس." مون گهُٽيل گلي سان چيو.

اسان ٻئي 33ـ32 سال پهرين اُن لمحي جي هنج ۾ وڃي ٽا ڪرون، جتي مائي زيني جيڪا اسان جي حويليءَ ۾ سيني جا ڪپڑا ڏوئندي هئي ۽ وڏيون وڏيون چادرون ڏوئڻ لاءِ پاڻ سان گڏ کڻي ويندي هئي. ڪپڑا واهہ تي ڏوئڻ بعد پنهنجي ڏوٻين جي پاڙي ۾ ٽن ٻين ماٹهن سان گڏجي هڪ هڪ چادر جي چٹني ڪنڊن کي پڪڑي سڪائي پيئي ٿي ۽ مان ٻڪ پائي وچ ۾ وڃي ٿو بيهان. ٹڈي خوشبودار پاٹيءَ جا چنڊا ۽ هوا منهنجي چهري ۽ جسم تي پئي ٿي تہ من آتي شانتيءَ سان پرجندو ٿو وڃي.

نانيءَ جي گهر ويندي جڏهن ڏوبين کي هن ريت ڪپڙا سڪائيندي ڏسندو هوس. ڏوڙي وڃي چادر جي هيڻان ٻيهندو هوس. اُتي علي پائر ۾ رهندا هئا، جي مون کي اُتي ٻيهڻ ئي نه ڏيندا هئا. مان جيب ۾ ريوڙيون رکي ويندو هوس. ۾ ۾ ٻنهي کي ڏيندو هوس. جيستائين منهن ۾ ريوڙيون هونديون هئن، هُو نه کڄندا هئا. ريوڙيون ختم ٿيندي ئي هُو مون کي وري اُن چادر کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مان وري ۾ ۾ ريوڙيون اُنهن جي اڳيان ڪري ڇڏيندو هوس. جيستائين ريوڙيون هلنديون هيون، اهو سڪ هلندو رهندو هو. هڪ اهڙو سڪ، جو پوين سالن ۾ ڪواڻ سي ۾ نه ڏيئي سگهيو.

مائي زينيءَ جو گهر منهنجي ۽ منهنجي نانيءَ جي گهر جي وچ ۾ پوندو هو... ڏوبين جي پاڙي ۾. مائي زيني نه صرف اسان جي سڄي حويليءَ جا ڪپڙا ڏوئندي هئي، پر منهنجي ماءُ جي ساهيڙي ۽ هئي. اُنهن ڏينهن ۾ ڏوبي گهٽو ڪري گڏهه تي يا پاڻ پنهنجي مٿي تي ميرا ڪپڙا رکي شهر کان ٻاهر ڪٽي وڃي ڪنهن کوهه يا تلاوَ تي ڏوئندا هئا ۽ موٽي اچي پنهنجي پاڙي ۾ سڪائيندا هئا. منهنجي ماءُ جي شاديءَ کان پهرين مائي زيني منهنجي نانيءَ جي گهر جا ڪپڙا ڏوئندي هئي. ڪپڙا ڏوبي وڃڻ کانپوءِ ٻئي ساهيڙيون کيڏڻ لڳنديون هيون. ڇا وقت هو اُهو ۽. 100 ڪپڙن جي ڏوئڻ جا ڏوبي ۽ ٽي روپيا ونندو هو. اُن ۾ ۽ ننڍن ٻارن ۽ نياڻين جا ڪپڙا فِري.

"عقي ڪيئن آهي؟" پنهنجا ڳوڙها اُگهندي هن پڇيو. هن جون اکيون ڀرجي ڀرجي ٽيون اچن...

"ٺيڪ آهي پر هاٽي گوڏن ۾ سُور رهڻ لڳو اٿس..." مان هن جي من جي حالت سمجهي سگهان ٿو.

"ياد ڪندي آهي؟"

"تمام گهٽو اسين سڀ گهٽو ياد ڪندا آهيون."

"ءِ ٻيا سڀ جيڪي توسان گڏ ويا هئا، اُهي ڪيئن آهن؟" هوءَ سيني جو نالو کڻي پڇڻ لڳي. مان حيران آهيان. هن کي سيني جا نالا ياد آهن. مان جن کي سڃاڻان پيو هن کي ٻڌائي رهيو آهيان....

"تنهنجو ننڍو پاءُ ڪيئن آهي؟"

"سڀ ٺيڪ آهن، تنهنجو پٽ ڪيئن آهي؟ نڪاح نه ڪيو اٿئين؟"

"نه، ڪمبخت مجي ئي ڪونه ٿو. هاڻي مان به ايترو ڪم نٿي ڪري سگهان. ڪپڑا ڏوئڻ به ڇڏجي ويو آهي. چگو منهنجي ڇڏ، تون ٻڌاءِ... سڀ چوندا آهن، هندستان ڏاڍو وڏو آهي. ڏاڍو سٺو آهي. اُتان جا ماڻهو ڏاڍا پڙهيل لکيل آهن. مان، ته هن شڪارپور کان ٻاهر ڪڏهن ويئي ئي نه آهيان. چگو ٻڌاءِ تنهنجي ڏيهه ۾ ٻيو ڪير ڪير آهي... ءِ هتان وڃڻ کان پوءِ تو چا ڪيو؟ ڪيئن پنهنجو جيون ٿيئه؟ روٽي پاڻيءَ جو چا ڪيئه؟ ڪير ڪير گڏيئه؟"

مون کي ڪِل اچي ويئي. ايتري وڏي آکاڻي ڪيئن ٻڌايان؟ ءِ اُها کٻاڻي به منهنجي نه، سيني جي آهي. مان اڪيلو ته ٿي نٿو سگهان. اُن ۾ سڀ آهن. وري به مون چوڻ جي ڪوشش ڪئي. مان چوڻ چاهيان به پيو... ها، مان وهڻ چاهيان به پيو... ندين وانگر آهستي آهستي... سڌو سپاٽ ڪٿي هوندو آهي اُن جو رستو نه پهريان کان ٺهه. رستو ته پاڻيءَ جي ڌارا هلندي ئي ٺهندو آهي... ڪٿي ڪٿي ته ڌارا اهڙي سُڪي ويندي آهي جو ڏسڻ ۾ به نه ايندي آهي ءِ ڪٿي ته هڪ سنهي ڌارا اهڙي بيحس وياڪتا سان ڦٽندي آهي جو شهرن جا شهر اُن ۾ سمائجي ويندا آهن... جهڙي مان هن وقت پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان....

هن جو هٿ پڪڑي مان هن کي چئمبور وٽي ويس، ورهاڱي کان پوءِ جتي اسان کي رکيو ويو هو اُتي اسين چاليهه هزار سنڌي ءِ پنجابي هئاسين... ڪامن باٿروم... ڪامن ٽائليٽ هئا... ڪامن مصيبتون... ڪامن روئڻ... ڪامن هتاشائون.... پر جڏهن سڀ ڪجهه ڇڄجي ويندو آهي، تڏهن ڪجهه اهڙو به ملي ويندو آهي، جيڪو اسان جي مري ويل پروسي ۾ ساهه وجهي، وري اُن کي کٽي جيئرو ڪندو آهي.

ڪجھ اھڙا ماڻھو ٻہ مليا، جن پنھنجو ھٿ اڳتي ڪري جھلي ورتو. نہ صرف جھليو جيئڻ جو سبق ٻہ ڏنو تہ "اڪيلو ھلندين تہ گھٽو پريِ نہ ھلي سگھندين، سيني سان گڏ ھلندين تہ گھٽو پري ٻہ پھچي سگھين ٿو." ڪن ائين ٻہ سمجھايو تہ "ڪجھ ٻہ وڃائجانءِ رشتا نہ وڃائجانءِ اِنسانيت تي ويساھہ نہ وڃائجانءِ" حالانڪہ ھي سبق اُن وقت سمجھڻ ٿورو ڏکيو ھو، ڇو جو تيستائين اسان جي اندر اِنسانيت تي ويساھہ ختم ٿيڻ جي ٻني تي ئي ھو. پر اسان بچائي ورتو ھي پروسو... بچائي ورتو پاڻ تي ويساھہ... حشوءَ جي ڪري...

حشُو پرسرام آڏواڻي.

چئمبور ۾ جنھن قسم جي گھرن ۾ اسين رھون پيا، اُھي لڳ ڀڳ جھنگ ۾ ھئا... ٽين جي ڇتين ۾ تڏن جي پتين سان ٺھيل... بس ايترا جو مٽو ڊيڪيل ھجي، باقي جيڪو ڪرٽو ھو پاڻ ڪرٽو ھو ۾ خبر ٻہ نہ ھئي تہ آخر ڪرٽو ڇا آھي؟ ڪنھن کي ٻہ خبر ڪانہ ھئي. بس پھچي وياسين جيڪو ساڻ ھو اُھو کڻي. جيڪو مليو شڪر ڪيوسين ۾ اڳتي ڇا ڪيون، اِھو ڳولھڻ لڳاسين...

ٻي عالمي جنگ جي وقت انگريز سرڪار بمبئي جي بچاوَ لاءِ ملٽري ڪئمپ برپا ڪئي ھئي، جيڪا بمبئيءَ جي ويجھو تہ ھئي پر بمبئيءَ ۾ نہ ھئي. اھڙي ئي ھڪ ڪئمپ چئمبور جي ويجھو ھئي. جيڪا بمبئي جي سرحد کان ٽي ڪلوميٽر پرتي ھئي. سائن کان چئمبور تائين بس جو پاڙو ٻہ آنا ھو. شڪارپور واري جيئاسنگھہ جون بسيون ھلڻ شروع ٿيون ۾ اُھي بسيون سندن مان ئي آيون ھيون. ھي بسيون ھاڻ تي ھلنديون ھيون. بس جي پٽيان پاڻيءَ جون ٽانڪيون پريون پيون ھونديون ھيون. اُنھن ٽانڪين جي ھيٺان ڪائيون ھاري ھاڻ پيدا ڪئي ويندي ھئي. پاڻي مفت ملندو ھو. ڪائين جو ھڪ پاسي وڃڻ جو خرچ ٻہ روپيا ايندو ھو. ڊرائيور ڪنڈيڪٽر جي پگھار ٽي روپيا روز ھئي.

ان طرح جيئا سنگھہ چئن بسين مان روز پنج سؤ روپين جي ڪمائي ڪندو ھو. چئمبور طرف اچڻ وارو ھڪ رستو ڪُرلا کان ٿيندو

ايندو هو. پر رستي ۾ گهاٽو جهنگ هئڻ جي ڪري نانگن ۽ ويُڻ جو پؤ همیشہ هوندو هو. هونئن ڪئمپ جي ويجهو چئمبور استيشن بہ هئي. ڪُرلا کان چئمبور جي لاءِ هر هڪ ڪلاڪ ۾ هڪ گاڏي هلندي هئي. چئمبور استيشن کان ڪئمپ بہ ڪلوميٽر پري هو سو پنڌ هلي اچڻو پوندو هو. رستي ۾ هڪ ڳوٺ پوندو هو. جتان جا رهواسي سنڌين جي خلاف هٿ اِن ڪري متو هيٺ ڪري اُتان لنگهڻو پوندو هو. مرائين کي بہ شڪ هو تہ سنڌي هندو ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ پر ڪجهہ وقت بعد جڏهن چئمبور ۾ آر.ايس.ايس جون شاخائون شروع ٿيون، تڏهن مرائين ڏٺو تہ سنڌي بہ ويرِ شواجيءَ جي جهنڊي کي سلام ڪري رهيا آهن. تڏهن اُنهن کي ويساهہ اچڻ شروع ٿيو.

1948 جو سال سنڌين جي لاءِ ڪافي ڪشٽ ڏيڻ وارو هو. اُتي لڳ ڀڳ ٽي هزار ڪُٽنب رهندا هئا. جن ۾ لڳ ڀڳ 200 ڪُٽنب پنجابي شرٽارٿين جا هئا. سنڌين ۽ پنجابين جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪٽ پٽ ٿي ويندي هئي. 1948 ۾ سنگهہ تي لڳل بندشن جي خلاف ستياگرهہ شروع ٿيا. جنهن ۾ لڳ ڀڳ 100 سنڌي جيل ۾ وڃا ويا. تڏهن مرائين کي خبر پيئي تہ سنڌي بہ سنگهي هوندا آهن. تڏهن وڃي اُنهن جي دلين ۾ سنڌين جي لاءِ پنهنجائپ پيدا ٿي. تيستائين اُتي صرف مرائين جي سنگهہ جي شاخائن جو سنچالن ٿيندو هو. شاخا بہ ڏهن ماٹهن جي لڳندي هئي. انهيءَ ياونا جي هلندي جڏهن مرائين سنڌين جي مدد ڪرڻ چاهي تہ سنڌين اهو چوندي اِنڪار ڪيو تہ اسان کي مدد نہ ڪپي. اسين پنهنجي دم تي روزگار ڪنداسين. ان ڳالهہ جي ڪري اسان جي عزت ايجا وڌي ويئي. مرائين وٽ واپاري هنر نہ هو جيڪو اسين کٹي پهتا هئاسين. انهن ۾ رسڪ (Risk) کڻڻ جو معدو بہ گهٽ هو. اسان وٽ ويزن (Vision) تہ نہ هو پر اسان هر قسم جي غيرمحفوظيت ۾ لهڻ لاءِ تيار هئاسين. اسان سڀ ڪجهہ وڃائي آيا هئاسين ۽ هاٹي جيڪو حاصل ڪرڻو هو پنهنجي دم تي ڪرڻو هو.

اسان اُتي رهون پيا تہ 1950 جي آس پاس بمبئيءَ ۾ هڪ وڏو طوفان آيو. چئمبور نواسين جا گهر پڄي تتي ڪري پيا. ٽين جون چتيون ۽ تڏن جون پتيون سڀ اُڏامي ويون. لائيٽ نہ هئي. نانگ تمام وڌيڪ هئا. هولي پرائي هئي. ماڻهن جا ڪيسا خالي ۽ دليون شڪستہ هيون. چئمبور شهر کان گهڻو پري ٻہ پوندو هو. ماڻهن ۾ خوف ڦهلجي ويو. ڪٽان مدد ملندي؟ گهر ڪچا ئي سهي پر ٻيهر تہ ٺاهڻا ئي پوندا.

تڏهن حشوءَ اسان کي نئين دِشا ڏني. هن پنهنجن پئسن سان ٽارچُن جو انتظام ڪيو. سِوَيم سيوڪن جون ٽڪڙيون ناهي، اُنهن کي پهري جو انتظام ڏنو. جيئن ٻار ۽ زالون محفوظ رهن. لڳ ڀڳ پندرهن ڏينهن بعد سرڪاري مدد آئي. تيستائين سويم سيوڪن تڏن جون پتيون وري ٻيهاري چڏيون هيون. ڪم سمپل هو پر نئون هو. حشوءَ جي نگراني ۾ سڀ ملي هڪ ٽي ٻينا هئا. حشوءَ جي ڪري اسان کي پنهنجي پيرن تي ٻيهڻ جو نئون آزمودو مليو. گڏ ٻيهڻ جي طاقت سمجهہ ۾ آئي. پروفيسر گهنشيام شِوداساڻي، هڪ ڪانگريسي ليبر هو اُن ٻہ گهڻي مدد ڪئي.

حشوءَ کي سڀ کان پهرين مون سنگهہ جي شاخا ۾ ڏٺو هو شڪارپور ۾. اَڇي ڏوتي ۽ اُجلو ڇهرو، سهڻو جسم، سهڻو من ۽ سهڻي آتما جو درلپ سنگم هئو. هي سنگم مون نہ اُن کان پهرين ڏٺو نہ پوءِ. هو اُتي آر.ايس.ايس جو پرچارڪ هو. هن مون کي اِنسان ۽ اِنسان جي وچ جي دوريءَ کي سچاڻ سيکاريو. هن مونکي ٻڌايو. لفظ هڪ ڏِوني آهي. هڪ سائونڊ، جهنکي معنيٰ انسان ڏينڊو آهي. لفظ ساڻي ٻہ ٽي سگهي ٿو دشمن ٻہ. منهنجي هن سان ٻي ملاقات ورهاڳي بعد سنگهہ جي چئمبور آفيس ۾ ٿي هئي. پر منهنجي هن سان ٽين ملاقات ڪڏهن نہ ٿي سگهي، چو جو اُن ڏينهن کان پوءِ هن کان ڪڏهن ٻہ جدا نہ ٿي سگهيس. هُو هميشہ مون سان گڏ رهندو هو. پر هيءَ آزمودو صرف منهنجو ئي هجي، اِئين نہ هو. اُتي ڪم ڪندڙ هر سهيوگيءَ جو هن بابت اِهوئي چوڻ هو. هن جي شخصيت ئي اهڙي هئي. حشوءَ کي پورو ڄاڻڻ ناممڪن هو. شايد ئي ڪڏهن پاڻ بابت ڳالهائيندو هو. شرير ئي پاڻ بابت ڳالهائيندو آهي پر هُو شرير تہ هو ئي

ڪونہ. هو هڪ جوت هو. روپ نہ هو. اروپ هو. هن کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هڪ ٻئي قسم جي حواس جي ضرورت ٿيندي آهي، جيڪو هوندو ته سيني ۾ آهي، پر پنهنجي اندر جاڳائي اُن کي ڪوئي ڪوئي سگهندو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ 1949 ۾ هو هتي آيو. تڏهن هُو صرف سترهن سالن جو هو. ان کان پهرين هُو حيدرآباد سنڌ ۾ هو. سنگهه جي طرفان هن کي چيو ويو هو ته جولاءِ ۾ ڪراچي شڪارپور ڪالونيءَ ۾ ٽيل بم ڪيس ۾ جيڪي پڪڑيا ويا هئا، اُنهن جي قانوني مدد ڪرڻي آهي، سو به ڇڪا اُتي سنڌ ۾ رهي پيا هئا. هڪ هو هري سامتاڻي ۽ ٻيو حشُو آڏواڻي. هُو هر هفتي سنڌ ويندو هو. اُن وقت جوڏپور کان هڪ ترين هلندي هئي. جيڪا ڏهن ڪلاڪن ۾ حيدرآباد پهچائيندي هئي. هُو مسلم ڊريس پائي ويندو هو. اُنهن سترهن ماڻهن ۾ بن کي ڦاسي ٿي هئي. جيڪي باقي بچيا، اُنهن کي ڏهن ويهن سالن جي سزا ملي. اُن وقت هتي بن دهشتگير مسلمانن کي ڦاسي ملي هئي. هُو پاڪستان وڃڻ چاهين پيا. مورارجي ديسائيءَ، جو اُن وقت مهاراشٽر ۽ گجرات جو هوم منسٽر هو. وچ ۾ اچي اُنهن قيدين جي ادلا بدلي ڪرائي. به هوڏي ويا، سترهن هيڏي آيا. حقيقتن اُهي سڀ بي گناهه هئا، ڪنهن کي به ڪجهه خبر نہ هئي.

اُن وقت اجمير مان هڪ اخبار نڪرندي هئي، "سنڌ ڪيسري". اُن جو ايڊيٽر هو گوورڌن محبوباڻي "پارتي". گوورڌن اُن کي نہ پيو ڪڍي سگهي ۽ اخبار اچي ويئي بمبئيءَ ۾. هيءُ ڪم به اچي پيو حشوءَ جي ڪلهن تي. اُن وقت بجليءَ جو بل پرڻ سولو نہ هو سو پريس پنهنجي پيرن سان هلائڻي پوندي هئي. حشُو هي سڀ ڪم ڪندو هو. حشُو پيا به گهٽا ڪم ڪندو هو. ڪُهڙو نہ تيج هو هن جي چهري تي... ڪهڙي ايشوري ڪشش جو سندس تيجسوي چهرو اڄ به منهنجي سامهون صاف ۽ چٽو آهي.

حشُو جڏهن سترهن سالن جو هو هن آر.ايس.ايس لاءِ پنهنجو گهر ڇڏي ڏنو. هُو پنهنجي گهر ٻيهر نہ ويو ته وڃڻ سان موهه ٿي ويندو. چئمبور ۾ سنگهه جي شاخا لڳندي هئي شام جو. چئن پنجن شاخائن جو هيڊ

حشُو ئي هو. اُن وقت چئمبور جهنگ ئي هو. مکيہ شهر کان گهٹو پرتي. اسان آر.ايس.ايس جي هڪ ننڍي آفيس ٹاهي رکي هئي، جتي ڪجهہ نيوز پيپرس وغيرہ رکيا ويندا هئا. اسان پڙهيل نيوز پيپرن جو هڪ هڪ پنو سيني کان گهري هڪ پوري اخبار ٹاهي ماٹهن جي پڙهڻ لاءِ رکندا هئاسين. اسين هڪ مئگزن بہ ڪيندا هئاسين، پر ڇو جو هڪ مئگزن ڪيڻ جو خرچ چار پنج سوَ ايندو هو. سو اسان هڪ هٹ سان لکيل مئگزن جون ٽي ٽي ڪاپيون ٹاهي اُتي رکندا هئاسين، جيئن ايندڙ ويندڙ ماٹهو اُتي ويهي پڙهي سگهن. حشُو اُتي ئي رهندو هو. اسان چار پنج ماٹهو پنهنجي ماني ڪٹي اُتي وڃي کائيندا هئاسين. حشُو بہ اُنهيءَ مان کائي ونندو هو. هن جو پيءُ ءِ بہ پائر جبرالٹر ۾ رهندا هئا، جيڪي ڪافي پئسي وارا هئا. اُتان حشوءَ وٹ جيڪي پئسا ايندا هئا، هُو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

منهنجو هڪ ٻيو بہ راهہ رهبر هو. مونکي رستو ڏيکارڻ وارو - تولارام پنجابي، جيڪو چئمبور ڪئمپ ۾ منهنجي گهر جي پوئين بئرڪ ۾ رهندو هو. تمام گهٹ ڳالهائيندو هو ءِ هميشہ ڪنهن سوچ ۾ گم لڳندو هو. ٽائيمس آف اِنڊيا ۾ ڪلارڪ هو. ننڍن وڏن شهرن جون اُهي خبرون، جيڪي شايع ٹيڻ کان رهجي ويندیون هيون، اسان ننڍين اخبارن کي پهچائيندا هئاسين. اُهي اُنهن ننڍين اخبارن جي ڪم جون هوندیون هيون. هن جي هٹ ۾ هميشہ ڪونہ ڪو ڪتاب هوندو هو. هر ڳالهہ ۾ هن وٹ هڪ نئين نظر هوندي هئي. هن ئي مون کي ڪتاب پڙهڻ بہ سيکاريو ءِ اِهو بہ سمجهايو تہ "بٹوين د لائينس" ڪيئن پڙهجي. لوڪ وهنوار جي ڪلا بہ مان هن کان سکيس.

هُو پاڻ تمام ريئر ڪتاب نہ صرف پڙهندو هو پر اسان کي بہ اُنهن بابت ٻڌائيندو هو. هڪ پيرو هن چيو هو. جڏهن اسان جي سوچ، دماغ ۾ درج خيال کان مُڪت ٿيندي، تڏهن اسان جي چيتنا جو ڦهلاءُ ٿي سگهي ٿو. هوءَ قدرت جي ڏکيل اِسرارن کي کوليندي آهي، اهو رگويد جي سلوڪ ۾ لکيل آهي. هن ئي مون کي هڪ فرينچ رائيٹر Maxim Rodson

جي ڪتاب "محمد" بابت ٻڌايو هو تہ حضرت محمد صہ هڪ طاقتور شخص هو ۽ قبيلن جي شڪل ۾ پکڙيل عربن کي گڏ ڪرڻ چاهيندو هو جيڪي مورتي پوڄا ڪندا هئا. هڪ ٽڪريءَ تي قرآن جو آيتون لٿيون هيون هُن تي، جيڪي هن پنهنجي بيبي خديجہ کي ٻڌايون. بيبي خديجہ هُن کان اٺ ڏهہ سال وڏي هڪ وڏا هئي، جنهن وٽ هُو ڪم ڪندو هو پوءِ هن سان نڪاح ڪيائين.

تولارام مون کي اهو بہ سيکاريو تہ هنن سيني ڳالهين کي طول ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي. هي سڀ حالتن مان پيدا ٿيل ڳالهيون آهن. اسان وٽ بہ تہ چوندا آهن، راجا دشرٿ جون سادا ٿي سوَ راڻيون هيون. ڪنهن مان بہ ڪو ٻار نہ ٿيس. ان وقت شاديون سمجهوتي جي آڌار تي ٿيندیون هيون. ڪيڪئيءَ سان اهو سمجهوتو هو تہ هن جي ڪُکِ مان جاوَل ٻار کي راجا ناهيو ويندو ۽ چارئي پائر "نيوگ" جي پئدائش هئا.

جڏهن 30 جنوري 1948 تي گانڌيءَ جي هتيا ٿي هئي، اُن وقت حشُو ڪراچيءَ ۾ هو. اُتي سنگهہ جا سترهن سويم سيوڪ پکڙيا ويا. حقيقتن اُنهن مان ڪوئي بہ گنهگار نہ هو. جن ماڻهن بم ناهيا هئا اُهي زير زمين هئا، اُنهن مان نند بدلاٽي پکڙيو ويو هو. ڇو جو جڳهہ اُنهيءَ جي هئي. ماستر وزيراڻي تہ سنت ماڻهو هو. خانچند گوپالداس منسکاڻي وڪيل پوري سنڌ جو سنگهہ چالڪ هو پر اڇاڻ شخص هو. سو هن جي قانوني مدد لاءِ هري سامتاڻي ۽ حشُو اُتي ويا هئا. سنگهہ تي بندش لڳي ويئي. چئمبور ۾ سنگهہ جون چار شاخائون هيون، هڪ ٽي ويئي. اسان جهنڊي جي سامهون ميدان ۾ ڪتاب ڪٽي ويهندا هئاسين. ڳالهيون سنگهہ جون ٿيندیون هيون. ڪتاب هٿ ۾ هوندو هو. پرارٿنا سنگهہ جي نہ، "تومیو ماتا چ پتا تومیو" جو منتر ڳائيندا هئاسين. پوليس ڏسندي هئي پر ڪجهہ نہ ڪري سگهندي هئي.

يادگيرين جي ننهن سوسڻي اُس ۾ سمورو وقت پنهنجو جسم سيکيندا منهنجي اندر رکيل گول ڇڪنا پٿر هن وقت جي بارش ۾ سنان ڪري رهيا آهن. جنهن جي مٿي ڏوپي رهي آهي. اندر ڄميل پلي

ئي رهجي ويو هجي، ٻاهر جميل وهي رهيو آهي. ڪجهه چئي رهيو آهي، ٻڌي ڪير؟ ٻڌڻ وارا ئي ڪونه رهيا. هن شور سيني کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي. جمي ويا هوندا ڪنهن وقت ۾ پر هن وقت مان پٿرن جو وهڻ ڏسي رهيو آهيان...

مائي زينب ٻڌي ٻه رهي آهي ۽ وهي ٻه رهي آهي مون سان گڏ گڏ....

سنڌ جي ڳوٺ جي مقابلي بمبئيءَ جهڙي تيز رفتار واري شهر ۾ پاڻ ٺهڪائڻ هڪ مشڪل ڪم هو. اُن لاءِ پراڻيون عادتون ڇڏڻ ضروري هيون. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ امڪان ٻه گهٽ هئا. بک اُها ئي هئي... وسيلا گهٽ هئا. اُن وقت ضروري هو ته بک ۽ وسيلن جو تال ميل هجي. محنت هئي، پر محنت کي دِشا ڏيڻ ٻه ضروري هو. اڳتي وڌڻ جو خواب ڏسون يا هن مهل جون ضرورتون پوريون ڪيون؟ ٻار پڙهن يا ڪيلا وڪڻن؟ حشُو اسان سيني لاءِ هڪ وڏي پريرٿا هو.

بمبئيءَ جي ملٽري ڪئمپ، جتي منهنجو پريوار رهندو هو، اُن کان ويهه ڪلوميٽر پري گوالیا ٽئنڪ تي منهنجو اسڪول هو. لاريءَ ۾ ويهي ريلوي اسٽيشن ويندو هوس. اُتان ٻه لوڪل ٽرينون مٿي اسڪول پهچندو هوس، روز ٽي ڪلاڪ اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ ئي لڳي ويندا هئا.

اسان ڏهن ٻارهن سالن جا ٻار ننڍا وڏا ڪم ڪندا هئاسين. لوڪل ٽرين ۾ ڪائڻ پيئڻ جون شيون وڪڻڻ اسان ئي شروع ڪيون. اسان کي لوڪل ۾ ٽڪيٽ نه لڳندي هئي. جيڪڏهن ٽي.ٽي. پڪڑي ٻه وڌي ته اسان صرف هڪ لفظ چوندا هئاسين، "رفيوجي" ۽ هُو اسان کي ڇڏي ڏيندو هو. تيستائين اسان کي "رفيوجي" جي معنيٰ ٻه خبر نه هئي.

منهنجو هڪ دوست هو اُن جي هڪ پير ۾ ٽي پائر هئا، هُو سڀ پنهنجي ماءُ سان ئي رهندا هئا. هو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هو ۽ پڙهائيءَ ۾ ٻه منهنجي مدد ڪندو هو. اسين وڻ جي هيٺان ويهي پڙهندا هئاسين. مون وٽ سنڌ جي اِسڪول جو سرٽيفڪيٽ نه هو، پر ڪجهه وقت کان پوءِ بابا سنڌ مان وڌي آيو هو ۽ منهنجو ائڊميشن بنا ٽي.سيءَ جي ٿيو هو. پهريون

اسڪول چئمبور جي تمبوءَ ۾ ڪوليو ويو. ٻيو گرانٽ روڊ تي ڪوليو ويو جتي ڪجھ وقت بعد ڪيرت ٻاباڻي ۽ پوپٽي هيراننداڻي ماستر ٿيا.

1962 ۾ حشوءَ هڪ اسڪول، جيڪو بند ٿيڻ وارو هو. ماڻھن کان ڊونيشن ونڊي خريد ڪيو ۽ ووڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي ناھي ٻيا بہ اسڪول کوليا. اسڪول ختم ٿيڻ کان پوءِ منھنجو دوست، جنھن کي پنھنجي ذميوارين جو بخوبي احساس ھو، ھڪ نئون ڪم ڳولھي ورتو. اسڪول منجھند جو ھڪ بجي ختم ٿي ويندو ھو ۽ ھو گرانٽ روڊ اسٽيشن کان اڏ ڪلوميٽر پرتي، ھول سيل مارڪيٽ مان پنڌ وڃي چار ڊزن ڪيلا خريد ڪري ايندو ھو ۽ شام جو ڇھين بجي تائين اسٽيشن کان ٻاھر فوٽ پاٿ تي پيپر وڇائي وڪڻندو ھو ۽ ٽي چار روپيا روزانو ڪمائيندو ھو. مان بہ ھن جي دوستيءَ ۾ ھن سان گڏ وھڻ لڳس. جڏھن ڪيلا ختم ٿي ويندا ھئا تہ ھُو وري ھول سيل مارڪيٽ ويندو ھو. تيستائين مان ھن جو دڪان سنياليندو ھوس.

ھڪ پيرو ڪيلا نہ پيا وڪامن. اسان ڏاڍو پريشان ٿي ھڪ ٻئي کي ڏنو ۽ ڪو نئون طريقو سوچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين. ھنن کي وڪڻڻو ئي آھي. ھي گھر ڪٽي وڃون. اِھو اسان کي منظور نہ ھو. تڏھن منھنجي دماغ جي بتي ٻري. مون پنھنجي لڳ پڳ ٻارھن انچ ڊگھي چوٽي کولي ۽ اُن کي لھرائيندي آواز لڳائڻ لڳس....

"ونو... ونو... ونو... ونو... سستا ھِندو ڪيلا ونو... ھِندُو ڪيلا..."

ھِندو ڪيلا؟ ھيءَ ھڪ نئين ڳالھ ھئي. ماڻھو اسان کي ڏسي ڪلن ٻيا. ڪجھ ماڻھن جي اکين ۾ ديا ھئي، ڪجھ جي اکين ۾ طنز پر اسان جا ڪيلا وڪامجي ويا. ان ڏينھن پھريون پيرو لڳو. ھتي زندگي بسر ڪري سگھجي ٿي. ھندو ڪيلن جي وجھ سان نہ جيڪو ماڻھن جي اکين ۾ ھو ان جي وجھ سان. پوءِ جڏھن اِھائي ڳالھ وڃي تولارام پنجابيءَ کي ٻڌائيسين تہ ھو کلڻ لڳو. حشُو ۽ تولارام چوٽي نہ رکندا ھئا. تولارام مون کي منڊل اُپنشد جو ھڪ شلوڪ ٻڌايو اُن شلوڪ ۾ ويدن جي گيان کي ھيٺ ۽ آتم گيان کي مٿي رکيو ويو آھي....

"چوٽيءَ جي اهميت نہ آهي، اهميت اِن ڳالھ جي آهي تہ تون ڪيئن پنھنجي پيرن تي بيھي جيئڻ جي قابل ٿي سگھين ٿو." ھن چيو...

"جيئن، نہ تون ڪو منتر جپيندو آھين، نہ مان ڪو منتر جپيندو آھيان، پر اسان ٻئي پرماتما جي پوڄا ڪندا آھيون. جيئن ھندوءَ جي ھنيا پاپ آھي، تيئن مسلمان کي مارڻ ٻہ پاپ آھي، جيئن ھندوءَ جي مدد سان جيون جيئڻ ٺيڪ آھي، تيئن مسلمان جي مدد سان. چوٽي ھندوءَ جي ظاھر نشاني آھي، ھندوءَ جي آتما نہ آھي."

ھِ مون چوٽي ڪٽائي ڇڏي. چوٽي ڪٽائيندي ئي مون محسوس ڪيو تہ مان مسلمان ڪميونٽيءَ جي ڪجھ وڌيڪ ويجھو اچي ويو آھيان ھِ ھُو ھاڻ مون سان پراون جھڙو وھنوار نٿا ڪن. ڏيري ڏيري اُھي، جيڪي ٻوليءَ جي ڪري پراوا لڳندا ھئا، گڏ ڪم ڪندي ڪندي پنھنجا ٿي ويا. اِھا ڳالھ مون کي اُن وقت شدت سان محسوس ٿي ھئي، جڏھن مان ڪيلن کان اڳتي وڃي ڪم ڪرڻ لڳس.

مان مسلمان درزين کان بچيل ڪپڙن جا ننڍا ٽڪر ونڊي وري ٻين درزين کي ڏيندو ھوس ھِ اُنھن کان بريزرس ٺھرائيندو ھوس. اُھي وري يا تہ دڪاندارن کي وڪڻندو ھوس يا فوٽ پاٽ تي ڏنڊو ڪرڻ وارن کي. اٺ ڏھ روپيا ڏيلي ڪمائي ونڊندو ھوس. جيستائين چوٽي ھئي، ھُو مون سان ٽوري دوري رکي وھنوار ڪندا ھئا، پر چوٽي ڪٽجندي ئي مان اُنھن جي ويجھو اچي ويس. ھاڻي اسان ھڪ ٻئي سان ڪلڻ ڳالھائڻ لڳاسين... ڪائڻ پيئڻ لڳاسين، ھاڻي ھو مون کي پورو ساٿ ڏيڻ لڳا ھئا.

اڄ سوچيان ٿو ھندو يا مسلمان ھئڻ ماڻھن جي تحت الشعور ۾ ڇا ايترو گھرو ويٺل آھي، جو اِن ڳالھ کي بس ٽوري ھوا ڏيڻ جي ضرورت آھي؟ ھِ ڇا سياستدانن کي اھا چڱي طرح خبر آھي، تڏھن تہ...؟ تڏھن تہ جڏھن ٻہ اُنھن کي، ان جي ضرورت محسوس ٿيندي آھي، ھُوان کي ھوا ڏينداآھن ھِ ھر طرف بربادي‌ءَ جا نظارا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳندا آھن. پر اُن مھل اسين تہ اِھو سڀ نہ ڄاڻندا ھئاسين. اسان صرف پنھنجن وڏن کي جيئن ڪندي ڏٺو ھو سو ڪيو. اسان ننڍا ننڍا ٻار اھڙا ننڍا وڏا ڏنڊا ڪندا ھِ

مٿيندا هئاسين. جنهن جيڪو ڪنهن کي ڪندي ڏئو اُهوئي ڪرڻ لاءِ تيار. ڪڏهن نارنگيون، ڪڏهن ڦٽوتا، ڪڏهن ڦٽيون، ڪڏهن گهر جا ٺهيل چٻا، چولا يا ٻين قسمن جون رڌيل تريل داليون... ساڻن پنن تي، ڪڏهن ڪيچا، ڪڏهن پاپڙ، ڪڏهن ڪجهه، ڪڏهن ڪجهه. اسان پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ جيئڻ سکي رهيا هئاسين.

ان کان پهرين مون پنهنجي مامي سان گڏ رومالن جو ڪم به ڪيو هو. سندي مندي ستن ڏينهن جي حساب سان پرت پريل رومالن کي پريس ڪري باڪس ۾ وجهي، ان تي جليٽن لڳائي ڏيندو هوس. هڪ سيٽ تي ٻه آنا ملندا هئا. پرت امان ٻه پري ونندي هئي.

ڏن ئي پڙهائيءَ جو آڏار ٺهي سگهي ٿو حشوءَ ان ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو. هن سمجهايو ته ڪتابن جي هڪ سيٽ سان ڪيترا ئي ٻار پڙهي سگهن ٿا. بوڪ بئنڪ ناهي سگهجي ٿي. وڏي ڪلاس جا ٻار ننڍي ڪلاس جي ٻارن کي پڙهائي سگهن ٿا، ۽ ان ئي قسم جون ٻيون ٻه گهٽيون ڳالهيون. اڄ هي سڀ معمولي لڳي سگهي ٿو پر اُن وقت هي سڀ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. گهر جا وڏا سڄو ڏينهن روزگار جي لاءِ ٻڌڪندا هئا. راشن جي تڪليف هئي. ڪڪ ۽ چانور ڏسڻ ۾ ئي نه ايندا هئا. مڪئيءَ ۽ ٻاجهريءَ تي گذران هو. لارين ۾ چڙهي چئمبور اڇٽو وڇٽو پوندوهو. ڪُرلا کان چئمبور جهنگ ئي جهنگ رات تائين پتي صحيح سلامت موٽي، زال کي اها ئي چنتا هوندي هئي. لوڪل ۾ حادثا عام ڳالهه هئي. اُن وقت حشُو ۽ ماستر ٽيڪمداس وزيراڻيءَ جي نگراڻيءَ ۾ چئمبور ڪالوني "يووڪ منڊل" برپا ڪيو ويو. ريڊنگ روم شروع ٿي ويا، بوڪ بئنڪ شروع ٿي ويا. اِنڈورس گيم شروع ڪيا. ڪوچنگ ڪلاسس شروع ڪيون. گنگو پرسواڻيءَ جي سهيوگ سان اکين جو مفت علاج ۽ آپريشن شروع ٿيا. ان سڀ جي ڪري سماج جو جيڪو طبقو سنگهه سان جڙيل نه هواُهو به سنگهه سان جڙڻ لڳو. جيڪي دوست هئا، پائر ٺهڻ لڳا. پريوار هڪ ٻئي جي ويجهو آيا. شڪارپوري حيدرآبادي جو پيد

مِنجرڻ لڳو. هنن ويجهڙاين کي آڻڻ ۾ وڏائڻ ۾ حشوءَ جو اهم رول هو. هن اسان کي جُڙڻ ۾ مُڙڻ سيکاريو.

جڏهن ڪا بيماري ڦهلجي ويندي هئي تہ اسان منهن تي ڪپڙو ٻڌي ماڻهن کي سُيون هڻڻ ويندا هئاسين. هي سڀ ٻہ اسان کي حشو ئي سيکارينڈو هو. آسي پاسي جي ڳوٺن ۾ پنڌ ويندا هئاسين يا سائيڪلين تي. صبح ڇهين ٻجي اسان کي سنگهہ جي شاخا تي پهچڻو هوندو هو جيڪا نوين ٻجي ختم ٿيندي هئي. ٽن سالن جو ڪورس هوندو هو. مهيني ۾ ٽيهہ روپيا ونندا هئا. ڪيترين ئي ڳالهيون سيکارين ويندين هيون. سنگهہ ۾ گرو جهنڊي کي ميجيو ويندو آهي. ڊونيشن نہ گهرندا هئا. سالياڻا ميمبر لفافو ڏيئي هليا ويندا هئا. ڇا ڏنائون ڪنهن کي خبر نہ پوندي هئي. چنتن تي وڌيڪ زور هو. اسان کي چنتن جي آزادي ڪين، اِهو هر ٻار کي سمجهايو ويندو هو. صبح جو ليڪچر ٿيندو هو. شام ڇئين ٻجي اُن تي ڊسڪس ڪندا هئا. هونئن ڪانگريس کي ٻہ سنڌ مان گهڻو پئسو ملندو هو. جئرامداس دولترام تہ پنهنجي سموري دولت ڪانگريس کي ڏيئي ڇڏي هئي.

اسان کجهہ ٻار سنگهہ جي شاخا ۾ روز ويندا هئاسين. تن ڏينهن حشوءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ جو نشو چڙهيو هو مون تي. پوءِ چئمبور ۾ ڪيترا ئي اسڪول کوليا ويا. هڪ گونگن ۽ ٻوڙن جو اسڪول ٻہ کوليو ويو. جنهن ۾ هاڻي لڳ ڀڳ ٽي چار سوَ ٻار پڙهندا آهن. هي اسڪول "ووڪانند ٽرسٽ" هلائيندو آهي. جنهن ۾ سڀ آر.ايس.ايس جا ماڻهو آهن. لعل ڪرشڻ آڏواڻي ٻہ آر.ايس.ايس جي پيدائش آهي. 1949 ۾ سنڌ ڇڏي هُو جئپور آيو ۽ سنگهہ جي آفيس ۾ رهڻ لڳو. اُتي پنج منڊل هئا. هُو هڪ منڊل جو انچارج هو. هن جي پترڪارتا ۾ دلچسپي هئي ۽ ڪي. آر. ملڪاڻيءَ سان دوستي. هن جي مائٽن کي آديپور ۾ هڪ گهر ڏنو ويو. جڏهن هُو دهليءَ شفٽ ٿيو تہ اجميري گيٽ تي سندس آفيس هئي. تڏهن هُو "دهلي ڊائري" نالي جو ڪالم ۽ فلمن جا رِويُو لکندو هو. سڀ کان پهرين هو اسپيڪر ٿهيو. اُن کان پوءِ دهلي سنگهہ جو پريزنڊنٽ

نھيو پوءِ راجيہ سيا ۾ ويو. ورلڊ جي پاليٽيڪل هستري هن جي رت ۾ آهي. سال ۾ ٽي مهنا بمبئيءَ ايندو هو. حشوءَ سان گڏ لا ڪاليج ۾ پڙهندو هو.

1952 جو وقت هو. مون کي چيو ويو تہ دادر ۾ "شواجي پرنٽنگ پريس" ۾ وڃ. اتل بهاري واجپائي وينو آهي، اُن کي وٺي اچ. صبح صبح ويس تہ ڏٺم. واجپائي سمهيو پيو هو مشين جي هيٺان وڃايل اخبار ٿي. ٽين جي ٿهيل جهوپڙي هئي. وڃي اُتاريومانس. فريش ٽيڻ لاءِ ميونسپالٽيءَ جي واش روم ۾ ويو ۽ اچي مٽيءَ سان هٿ ڌوئي. مون سان گڏ روانو ٽيو. هڪدم سنهو سيپڪڙو هو. لڳ پڳ 60 ڪلو وزن هوندس. ڪلهي تي هڪ جهولو رکندو هو جنهن ۾ هڪ جوڙي ڪپڑا هوندا هئس. ۽ بسون مٽي چٿمبور پهتاسين. رات ڏهين بجي جي آس پاس ميٽنگ شروع ڪئي وئي. سيني جي گهرن مان ٻڌڻ ۽ اِستول ڪٽي آيا هئاسين... اُنهن کي جوڙي استيج ناهيو ويو. لائوڊ اسپيڪر وارو اٺ آنا ونندو هو. ماٺهن جي ويهڻ لاءِ تڏا مندرن ۽ ڌرمشالائن مان ڪٽي ايندا هئاسين. جيڪي ٻئي ڏينهن واپس ڪرڻا پوندا هئا. اتل بهاري هڪ سنو اسپيڪر هو. آر.ايس.ايس جو پرچارڪ ۽ هو. هن اُتي پاشڻ ڏنو ۽ اسان سان گڏ ويهي ماني کاڌي ۽ اسان اٺ ڏهـ ماٺهو فوٽ پاٽ تي ئي سمهي پياسين. هيءَ ڪهاڻي گهڻي لمبي آهي.. نہ ڇاڻ ڪيترن رستن تان لنگهندي، اڃتي وڌندي ٽي وڃي...

1953 ۾ دادر ۾ جن سنگهہ جي استاپنا ٽي. اُتي مون اتل بهاري واجپائيءَ سان گڏجڻ ڇاهيو پر هُو ان وقت ويڑ ساورڪر سان گڏجڻ نڪري ويو هو. مان ويڑ ساورڪر جي گهر پهتس، هنن کي پيرين پئي واپس وريس.

اُهي امرجنسي 1976 جا ڏينهن هئا. مان هر ڇنڇر جو پنهنجي ڪم سان سورت ويندو هوس. تڏهن اُتي ڪانگريس جو راج نہ هو. اُتي امرجنسي ۽ ڪانگريس جي خلاف گهڻو ڪجهہ ڇپجندو هو جيڪو مون کي هتي آڻڻو پوندو هو. مون وٽ فرسٽ ڪلاس جي پاس هوندي

هئي. صبح 30_5 بجي اُتان فلائنگ راڻي ٽرين هلندي هئي، جيڪا 30_10 بجي ممبئي سينٽرل پهچندي هئي. هڪ پيرو مان فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهي نه سگهيس، سيڪنڊ ۾ ئي چڙهي پيس. منهنجي هٿ ۾ هڪ ننڍو بئگ هو جنهن ۾ امرجنسي جي خلاف لٽريچر هو. هي لٽريچر مون کي بوريولي اسٽيشن تي ٽرين بيهڻ کان پهرين، باهر لڳل نشان واري جاءِ تي اُڇلائڻو هو.

هر هفتي مان اِهو ڪم ڪندو هوس. مون هئنڊ بئگ کوليو، پوءِ تڪڙو بند ڪري ڇڏيو. ڇو جو مون کي محسوس ٿيو ته مون کي ڪو ڏسي رهيو آهي. مون ساوڌانيءَ سان ڏٺو ته ٿورو پري هڪ شخص بيٺو آهي. هُو ائين پٽي ڪري بيهي رهيو جيئن مان پنهنجو ڪم ڪري سگهان ۽ مون اُهو لٽريچر اُنهيءَ جاءِ تي ڦٽو ڪيو. اُهو شخص اڄ جو پرڏان منتري مودي هو. ٽرين بيهندي ئي جيئن مان لهڻ لڳس، ڏٺم ته چترو ناگپال بيٺو آهي، اڳتي خطرو آهي، اهو ٻڌائڻ لاءِ. مان اِشارو سمجهي ويس ۽ لهي واپس وڃڻ واري ٽرين ۾ ويهي رهيس ۽ پوءِ ٽن ڪلاڪن بعد دادر اسٽيشن تي لهي ٽئڪسي پڪڑي گهر پهتس.

سنگهه جي ڪم کان علاوه مون تي پنهنجي گهر جون به ذميواريون هيون، جيڪي مان محسوس ڪندو هوس. مون هڪ ماروارڙيءَ وٽ ٽيهه روپيا مهيني ۾ نوڪري ڪئي. مان هن جو مال وڪڻي ڪميشن وٺندو هوس. ٽن مهينن بعد لڳ ڀڳ هڪ سال هڪ سنڌيءَ جي اليڪٽرانڪ دڪان تي ڪم ڪرڻ لڳس... اسي روپيا مهيني تي. پوءِ وري هڪ گجراتيءَ وٽ ڏيڍ سوَ مهيني تي. هن مونکي سائوٽ ڪيرالا موڪليو. سادا ڇهه روپيا پٽتو ملندو هو، جيڪو پورو نه پوندو هو. رات جو ڪلاڪ روم ۾ سامان رکي، اسٽيشن تي سمهندو هوس. پورو سائوٽ ڪوَر ڪرڻو هو. اُتي منهنجي ملاقات هڪ ٻئي سيلس مئن مسٽر گدواڻيءَ سان ٿي، جيڪو ڪلڪتي ڪان آيو هو. وڏو چالو ماڻهو هو. مون وٽ پنهنجو سامان رکي غائب ٿي ويندو هو. دير رات جو نشي ۾ گيت ڳائيندو

موتندو هو. پر هن آربر وٹڻ ۾ منهنجي گهٽي مدد ڪئي. ڪيترا ئي واپار جا هُنر به هن سيکاريا.

سيٽ جا مدورائيءَ ۾ 25_20 هزار قاتل هئا. جن جي ملڻ جي ڪابه صورت ڏسڻ ۾ نه پئي آئي. گدواڻيءَ مون کي هڪ ترڪيب ٻڌائي. مون هن کي سوَ روپين جي ڪئبل وائر اسي روپين ۾ اهو چوندي وڪي ته پراڻو حساب چڪائڻو پوندو نه ته سيٽ مال نه ڏيندو. اُنهن پراڻا پئسا ڏيئي چڏيا. مان اُهي روپيا وصول ڪري جڏهن واپس پهتس ته سيٽ ڏاڍو خوش ٿيو. مون هن سان واعدو ڪيو هو ته هڪ مهيني ۾ ڏهن هزار جو بزنيس ڏيندس. پر مون هن کي ڏيڍ ڏينهن ۾ ڏهين هزارين جو آربر ڏنو. هو گهڻو خوش ٿيو. هو منهنجي پگهار وڏائڻ پيو چاهي. پر منهنجي پيءُ چيو... هاڻي تون وڏو ٿي ويو آهين. مون سان اچي ڪم ڪر.

1952 ۾ منهنجي پتا جي جيب ڪٽجي ويئي هئي. جنهن ۾ ڏيڍ ٻين لکين جو مال هو. اسان جي ڪل جمع پونجي ئي ڏيڍ ٻه لک هئي. هنن جي دل ٽٽي پيئي ۽ هُو گهر ويهي رهيا هئا. اُهو ئي وقت هو. جڏهن هنن مون کي چيو هو ته مان هنن سان ڪم ڪيان. مون چيومانِ ته مونکي 10000 روپيا ڏيئي چڏيو. مان الگ ڪم ڪندس. هنن مون کي ڏهه هزار ڏيئي چڏيا. مون پنهنجي هڪ گجراتي دوست سان گڏ. جيڪو ڀائيندو پرکي وٺندو هو. ڀائيندو جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ منڊيون ۽ ٽاپس ٺاهي ڪري وڪيا. اسان هن ڪم ۾ 18000 روپيا ڪمايا. مون نوَ هزار دوست کي ڏنا ۽ بچيل نوَن هزارن ۾ هڪ ڪار ونڻي آيس. بابا هيءَ ڪار ڏسي هڪو ٻکو رهجي ويو. مون کين سمجهايو ته ڪار ۾ گهمڻ سان جيب نه ڪٽجندي آهي.

هاڻي اسان کي هڪ آفيس وٹڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ايجا تائين اسين ڪڏهن روڊ تي. ڪڏهن "بامبي ڀائيندو مرچنٽ ائسوسيئيشن" جي هال ۾ ويهي ڏنڊو ڪندا هئاسين. پوءِ 150 روپيا پاڙي تي اسان هڪ آفيس ورتي. ان ۾ ٻه گاديون هيون. هڪ گاديءَ تي هڪ ڪپڙي وارو ويهندو هو. بيءَ تي اسين. اڌ اڌ پاڙو ڏيندا هئاسين.

سنہ 1959 ۾ آفيشيل "هريرام رامچند" جي نالي سان هڪ فرم برپا ڪئيسين. هيءَ هڪ ٻي ڪهاڻي آهي، جنهن کي مان شروع نٿو ڪرڻ چاهيان... من پرواز ڪري واپس موٽيو...

اُٽندي اُٽندي مون مائي زينيءَ جي هٿ ۾ پنج سؤ جو نوٽ رکيو...

"ڪجهه ڪائي ته وڃ." هن منهنجو مٿو چُمندي چيو. وري پوءِ هيڪي چيائين...

"پر تون ڪيئن ڪائيندين...؟ مان ته مسلمان آهيان..."

"چونه ڪائيندس؟ ضرور ڪائيندس... ڇا ڪارائيندينءَ... ڪٽي آءِ...؟"

هن ٻہ ڦلڪا ڀ هڪ ڪتوري دال ڪٽي اڇي منهنجي سامهون رکي. مون هڪ وڏو گرهه ٺاهي هن طرف وڌايو. "اڌ تون کاءِ... اڌ مان کائيندس... اِهو ئي منهنجو پرساد آهي." هن جي اکين ۾ ڇڻ ته ڪا ندي وهي نڪتي. جيڪا منهنجي اندر ٻہ ڪٽي وهي رهي هئي. اسان اڌ اڌ گرهه کاڌو جو اندر ويندي ئي پورو ٿي ويو. اسين هڪ ٻيرو وري روئڻ لڳاسين. ڪجهه پورو ٿي وڃي، تڏهن ٻہ لڙڪن جي هيءَ ندي وهندي رهندي آهي...

"غلطيون وڏا ڪندا آهن، پوڳٿو اسان کي پوندو آهي. اسان ٻہ ته گلاس الڳ ڪري رکيا هئا. اڄ اسين سڄ پڄ الڳ ٿي ويا آهيون."

من ۾ هزارين سوال ڪٽي مان اُٽيس ڀ گهر کان ٻاهر اڇي ويس.

پيڑا

اڄ گھٽن ڏينهن بعد مون رات لهندي ڏٺي... شام جي ڏُنڌلڪي ۾ ڌرتيءَ جي اندر جميل پاڻيءَ ۾... آسمان جي روشنيءَ کان اوندهه ۾ تبديل ٿيندا وڻن ۽ عمارتن جا هيٺ لهندڙ پاڇا... پري پري تائين بادلن جا گلابي ۽ پُورا ٽڪر... جهرڪين جون دور دور گهنو دور وينڊڙ قطارون... وڻن تي واپس ايندڙ جهرڪين جي "چون چون" جا پڙاڏا... شام جو وقت، گهر واپس اچڻ جو وقت هوندو آهي. مان پنهنجو گهر ڳولهي رهيو آهيان.

مٿي ڦهليل نيري آسمان کي ڏسندي سوچيان ٿو... آخر ڪهڙو فرق آهي هِتي ۽ هُتي ۾؟ هزارين ڪلوميٽر پري مان هتي ڪنهن جي ڪوڄ ۾ آيو آهيان؟ وقت ته اوترو ئي اُتي به گذاريو اٿم... ماڻهو ته اُنهيءَ وقت کان ئي منجهڻ شروع ٿي ويندا آهن... جنهن وقت تون اُنهن کي ڇڏي هليو ويندو آهين.. سڀ ڪجهه منجي ويو آهي، مان پاڻ به. صرف رات... تارا... هوا... آسمان، جهنگ قدرت ۽ هيءَ ڇيتنا ئي سناتن آهي... باقي ته سڀ سفر ۾ آهن. هر شيءِ بس ٿي رهي آهي.. ڪو ڪنهن جو محتاج ڪونهي.

ايترن سالن بعد آيو آهيان. نه ڇاڻ ڪو نشان به بچيل هوندو هن جي اندر يا نه. ڇا چوندومانس مان سامهون ويڄي... ته هيءُ ڏس مان اچي ويس؟ هوءَ چوندي.. ته "مان ڇا ڪيان؟"

منهنجي دل ٻڌندي ٿي وڃي اُداسين جي سمنڊ ۾، پر منهنجي اک سِپ ڳولهي رهي آهي.

مان هن کي ڪجهه نه چوندس، بس ٻينو هوندس. هوءَ ڏسندي ته سمجهي ويندي، مان هن کي ڏسندس ۽ سمجهي ويندس.

اُها شام هميشہ خوبصورت هوندي آهي. جڏهن اسان کجهہ نہ جاڻندا آهيون. بجاءِ اُن شام جي جڏهن اسان سڀ جاڻڻ لڳندا آهيون. مون کي هن بابت کجهہ بہ خبر نہ آهي. مون کي ڪنهن بہ بابت کجهہ خبر نہ آهي. مان تہ خود پنهنجي ئي ڪهاڻي جڳي طرح نٿو جاڻان. چوندڙ جو سوال ئي ڪٿي هو؟ قدمن جي سامهون جيڪو رستو ڏنو. بس هلڻ لڳس... بس هلي پيس... صرف مان ئي نہ اُهي سڀ بہ جيڪي منهنجي ئي ڪهاڻيءَ جا ڪردار آهن... مُون ٻڌو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪردار پاڻ ويندا آهن. اديب جي قلم کان چٽي بغاوت ڪري. پنهنجو جيئَن پاڻ رچڻ ۽ جيئڻ. اديب جو ڏنل جيون اُنهن کي منظور ڪونهي. مان تہ نہ پاڻ سگهيس. جيڪو تار تار جيون مون کي مليو مون اُن کي ئي سڀڻ ۽ اُن ۾ ئي رنگ پيڙ جي پوري ڪوشش ڪئي. هاڻي هي جيڪو چولو پائي ٻيٺو آهيان مان توهان سيني جي سامهون ۽ ڏسجان ٿو جيڪو بہ ...ويساهہ ڪيو... هيءَ پوري ڪهاڻي نہ آهي.. پوري ڪهاڻي؟ چا ڪهاڻيون بہ ڪڏهن پوريون ٿيندیون آهن؟ چا ڪوئي ٻڌڻ چاهي ٿو پوري ڪهاڻي؟

منهنجي ڪهاڻي منهنجي پڙڏاڏيءَ کان شروع ٿئي ٿي... ان کان پهرين اسان وٽ صرف نالا آهن. اسين ڏڪ بازار ۾ رهندا هئاسين.... ڏڪ بازار جيڪا مٽان ڏکيل آهي. هي سينٽرل ايشين ڪانسيپٽ هو جيڪو شڪارپور جي علاوه لاهور ۾ بہ هو. اُتان جي لوهر حويليءَ ۾ لڳ پڳ پندرهن گهر هئا. جن ۾ هڪ اسان جو بہ. گهٽا گهر چاپڙيا جا هئا. مون پنهنجي پڙڏاڏي نهال سنگهہ کي ڪڏهن ڏٺو نہ هو. منهنجي ڏاڏي گوڏن جي سور ڪري دروازي جي پاسي ۾ ڪٽ تي ويٺي هوندي هئي. گهر جي سيني شين تي هن جو ڪنٽرول هو ۽ جن ڳالهين تي هن جو ڪنٽرول نہ هو... منهنجي پڙڏاڏي جو ڪنٽرول هو. جويلرس جو پشتيني ڪم هو.

آفيس تاشقند ۾ بہ هئي. هيرن ۽ موتين کانسواءِ اَنُ بہ ويندو هو اڻن تي. هتي دڪان ننڍو هو. پر اُن جي پٺيان هڪ وڏي بلڊنگ هئي. ڏاڏو

اندر ويهندو هو بابا ۽ چاچو ٻاهر. اُن وقت هيرا صرف امير ماڻهو ئي پائيندا هئا. عام عورتون موتي پائيندڙيون هيون ۽ نڪ ۾ ڳاڙهي پٿر جي نٿ، جنهن کي رُوپي چيو ويندو هو. موتيءَ جي پسم ۾ تيار ڪندا هئاسين. گارنيٽ پٿر ۾ گلاب جل سان هڪ تولو موتيءَ کي تمام سنهو پيهڻو پوندو هو. چار پنج ڏينهن لڳي ويندا هئا پيهڻ ۾. جنهن کي گهڻو ڪري حڪيم وٽي ويندا هئا. موتي بصري مان ايندا هئا.

مان پنهنجي پڑڏاڏيءَ کان هڪ ٽڪو جهڙي رهڙي وٽي ايندو هوس ۽ ماني اُنهيءَ سان ئي کائيندو هوس... هيءَ اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن هڪ ٽڪي ۾ اڌ پاءُ رهڙي، گانءِ جو کير ايائي آني سير ۽ مينهن جو کير ٻي آني سير ملندو هو. کير وٺڻ ڪڏهن مان ۾ ويندو هوس. وڃڻ لاءِ ۾ رستا هئا.. هڪ نندیو.. هڪ وڏو. مان "سامي شير" کان گهمي ڪري ويندو هوس. اُتي مامو حلوائيءَ جو دڪان پوندو هو. هڪ ٽ اُتي لائيٽ گهڻو چمڪندي هئي، ٻيو پنکي سان ٻڌل پتنگ جي ڪاڳر جون پٽيون گهمندیون هيون، مکين کي پڃائڻ لاءِ، جيڪي ڏسڻ ۾ ڏاڍيون سٺيون لڳنديون هيون. اُتان لنگهندي مون کي مٺاين جي جيڪا خوشبوءِ ملندي هئي، اُن کي سنگهڻ لاءِ مان گهڻي دير اُتي بيٺو هوندو هوس... هر مٺائيءَ جي خاص مهڪ ٿيندي آهي... اُن مهڪ مان ئي مان سمجهي ويندو هوس ٽ اڄ ڇا نهي رهيو آهي... ڪيترا ڀيرا ٽ مان صرف سنگهي ڪري ئي منهن منو ڪري وٺندو هوس... اڄ سوچيان ٿو... سڀ کان قيمتي شيون اسان کي قدرت کان مفت ۾ مليل آهن... هوا، پاڻي، مٽي، آسمان، چند تارا ۽ هي جيون... اسان جي ذميواري صرف انهن کي ئي سنياڻڻ آهي ۽ اسين اُهو ۾ ٽيڪ سان نه ڪري سگهندا آهيون. اُن مهڪ جو اُهو آنند اڄ ڳولهڻ سان ۾ نٿو ملي سگهي....

منهنجي پڑڏاڏي جسودا گذاري ويئي... موت بابت منهنجي جاڻ اوتري ئي مٺاچري هئي، جيتري ڪنهن ٻار جي هوندي آهي...

وراندي ۾ سندس بيجان جسم پيو آهي. چوطرف سڀ بينا آهن. ٻارن کي اُتان پري ڪري ڇڏيو ويو آهي. امان، ٻئي ڦڦيون ۽ ٻيا مٽ مائٽ

سپ روئي رهيا آهن. مون ڏاڏي کي روئندو پهريون دفعو ڏٺو آهي. ٿوري ئي دير ۾ نياپو موڪلڻ تي رودن پٽڪي واريون اچي ويون... پنج يا ڇهه هونديون. اُنهن جي ويهڻ جي جڳهه ناهي ڇڏي ويئي. جڏهن هُو ڪارن ڪپڙن ۾ ويٺيون، سپ مايون اُنهن جي چوٽرف ويهي رهيون ۽ اُنهن پار ڪيڏي روئڻ شروع ڪيو. اُهي جنهن لئڪاريءَ ۾ روئي رهيون هيون، تنهن پٽرن کي ب٘ رٽاري ڇڏيو. ٿوري ئي دير ۾ ويجهو پريان سپ هڏڪيون پري روئي رهيا هٿا. روٽارڻ ئي اُنهن رودن وارين ماين جي ڪاميابي هئي.

اڄ سوچيان ٿو ت٘ هو ڪنهن دڪ کي ياد ڪري ايترو روئنديون هونديون؟ ڇا اُنهن وٽ پنهنجي ب٘ دڪن جو سيلاب هوندو آهي؟ بيٽل درياهه... جنهن جو پاڻي هو ن٘يڪ وقت تي کولي ڇڏيندیون هيون... هو ڪنهن ڇهري کي پنهنجي اندر ڳولهي، اُن جي نه ملڻ تي ايترا لڙڪ وهائيندیون هيون. ڪيترو عجيب ٿو لڳي اهو سوچي ت٘ اسان پنهنجو دڪ ب٘ ڪنهن ٻئي جي ذريعي ظاهر ڪندا آهيون، ۽ ٻيو اهو ڪم اسان کان وڌيڪ بهتر ڊنگ سان ڪندو آهي. پر پريم ظاهر ڪرڻ اسين پاڻ ويندا آهيون، ڇو جو پريم ۾ اسان وڌيڪ شامل هوندا آهيون. پريم ۾ اسين هڪ آهيون، دڪ اسان کان الڳ هڪ ٻاهرين شيءِ آهي، جنهن کي اسين جلد ٻاهر ڪري ڇڏيندا آهيون.

هن روئڻ ۾ ڇا اُنهن جو پنهنجو دڪ ب٘ وهي ويندو هوندو؟ پر ڇا هر پيري هُو دڪ کي وهي وڃڻ ڏيندیون هونديون يا سنيالي رکنديون هونديون، ڪنهن ٻئي رودن جي لاءِ؟ اسين پنهنجو دڪ گهٽو سنيالي رکندا آهيون... ڪنهن ن٘يڪ وقت يا ماڻهوءَ جي لاءِ... ڪڏهن ڪڏهن نه ب٘ ملندو آهي.. ن٘يڪ وقت يا ماڻهو... چيخوَ جي ڪهاڻيءَ جي ڪردار جيان.... جنهن پنهنجو دڪ هڪ گهوڙي کي پاڪي پائي سندس ڪن ۾ چيو هو.

ڏاڏي هڪ پيرو ٻڌايو هو ت٘ اُنهن ۾ هڪ رودن ڪندڙ مائيءَ جو پنجين سالين جو ٻار گذاري ويو هو ۽ هوءَ روئي ب٘ نه سگهي هئي. سڪل اکين سان مُئل ٻار جي جسم کي ڏسندي رهجي ويئي هئي. هوءَ جيڪا

سيني لاءِ ٺيڪ سمجهندي هئي. اُهو هن جي پنهنجي لاءِ ڪيترو ناڪافي هو. دڪ ڪيڻ جا ٻيا به ڪيترا ئي رستا هوندا آهن.

ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ ڏاڏيءَ کي الوداع ڪندي "رام نام ست" چئي ارتي ڪنئي ويئي. مان پنهنجي گهر جي سامهون بيهي اُنهن ڪارن ڪپڙن کي ويندي ڏسي رهيو آهيان. هڪ رودالي ويندي ويندي منهنجي وارن تي هٿ گهمايو. هڪ ضعيف مشڪ هن جي چهري تي آئي ۽ هوءَ هلي ويئي. سيني ٻارن کي ناريل ۽ گلن جا هار ڏنا ويا. جيڪي هن جي پيرن تي چاڙهي چڏيا. چندن جي ڪاٺين جي چتا تي ڏاڏيءَ جو انتم سنسڪار ڪيو ويو....

مون کي ياد آيو اُن وقت مان پنجين سالن جو هوس.... بابا سان گڏ ريل رستي بمبئيءَ آيو هوس پهريون پيرو... بمبئيءَ ۾ شڪارپور مان آيل ماڻهن جي لاءِ ٺهيل مسافرخانو هو جتي بابا اڪثر اچي رڪندا هئا. ٻه گهٽيون چڏي جوهري بازار هئي. اُما ديوي ۽ ڪالوبا ديويءَ جو مندر هو. ٽرين ذريعي اچڻ ۾ ٻه ڏينهن لڳندا هئا. ٻئي ڏينهن اسين ڏاڏيءَ جون هائيون ڪٽي پاڻ گنگا طرف روانا ٿياسين...

اندر بليڪ ائنڈ وائيٽ تصويرن جو ريلُ هلي رهيو آهي... مان سيني چهرن کي سڃاڻان ٿو...ٿورا ٻه ٽه نه مٽيا آهن... پر جنهن کي نٽو سڃاڻي سگهان، اُهو منهنجو پنهنجو چهرو آهي... ڇا مان هلندي هلندي ايترو پري نڪري آيو آهيان...؟

هن تصوير ۾ مان ڇهن سالن جو آهيان ۽ منهنجو مامو سينگاپور مان موٽيو آهي... هو اُن وقت مظفرنگر جي چمنداس ڪنگر جي دڪان تي چاليهه روپيا پگهار تي ڪم ڪري رهيو هو. پنج روپيا پاڻ وٽ رکي، باقي چمنداس منهنجي نانيءَ وٽ پهچائيندو هو جنهن ۾ منهنجي نانيءَ چار روپيا گهر جي مسواڙ ڇهه روپيا پنهنجي لاءِ رکي، باقي پنهنجي نونهن گوپيءَ کي ڏيندي هئي.

منهنجي مامي، ايندي ئي مون کي هڪ فوٽو ڏيکاريو جيڪو هن سينگاپور مان ڪڍايو هو. مامو فوٽوءَ ۾ ڏاڍو سهڻو پيو لڳي. مون هن سان

ضد ڪيو تہ مون کي بہ فوٽو ڪيڻو آهي. فوٽوءَ وارو لکي در تي هوندو هو. منهنجي ماءُ ٻڌي ايترو خوش ٿي، جو مون کي روز صابڻ سان سنان ڪرائڻ لڳي. سنان کان پوءِ مان آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو هوس تہ لڳندو هو اڃا ڪجهہ ڪسر باقي آهي. پوءِ وري تيل ميٽ تي مارو پيو. ٿي ڏينهن مهٽائڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن فوٽو ڪيڻو ويس. فوٽوءَ واري مون کي ٽائي پنهنجي ٻڌي هئي. اُهو فوٽو اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ جهڙو جو تهڙو آهي، پر هاڻي منهنجو چهرو اُن سان مڃ نٿو ڪري.

ڇ... ڇ هي فوٽو تہ تاج محمد فيض محمد منگيءَ جو آهي... اسان جي زمين جو ڪمدار... برابر جو حصيدار... گهر جو ميمبر. اسان جي گهر جي بگي ڇ گهوڙو هن جي گهر جي سامهون ٻڌجندا هئا، ڇو جو هن جو گهر، ٻاهر کليل ٽڪر ۾ هو. هو روز شام جو اسان جي ڏاڏي کي "سنڌ واهہ" تي وٺي ويندو هو. جتي ڏاڏي جا هم عمر ساٿي بہ ايندا هئا. اُتي اُنهن جي روز جي ڳالهہ ٻولهہ ڇ گپ شپ هلندي هئي. جيستائين ڏاڏو تيار ٿيندو هو هُو پنجن ستن منٽن ۾ اسان کي گهمائي وٺندو هو. گهوڙي گاڏيءَ ۾ گهمڻ جو مزو ئي ڪجهہ ٻيو هو. وڏا وڏا سينيون پنهنجي گهوڙا گاڏي رکندا هئا، جنهن ۾ ڪڏهن هڪ، ڪڏهن بہ گهوڙا ٻڌل هوندا هئا. شام جو سيٺ ڳاڙهي پگڙي ٻڌي سينياٽي ڇ ڪُڙم سوڌو هوا خوريءَ لاءِ نڪرندا هئا. گاڏيءَ جي پويان نوڪر جي ٻيهڻ لاءِ تختا ٻڌل هوندا هئا. گاڏيءَ وارو چهبوڪ لهرائيندي.. خبردار... خبردار... چوندي گاڏي سرپٽ ڇهائيندو هو. عام ماڻهو ٽانگن تي هلندا هئا، ڇو جو اُهي سستا ڇ سولا هئا. ڪنيان هڪ ڏکيل ڇڪڙا گاڏي بہ هوندي هئي، جنهن ۾ اٺ ماڻهو ويهي سگهندا هئا. ٽانگي وارا پاڻ تي خرچ نہ ڪري پنهنجي گهوڙا گاڏيءَ تي خرچ ڪندا هئا. جيئن اُها ڏسڻ ۾ عاليشان لڳي. اُنهن گهوڙن کي زريءَ وارا ڪپڙا، رِبن ڇ رابيل جا هار پاتل هوند اهئا. ڪجهہ گهوڙن جي ڇڇيءَ ۾ گهنڊڙيون بہ ٻڌل هوندیون هيون، جن جو آواز ايترو مٺو لڳندو هو جو ٻڌڻ سان جڙ تہ نشو چڙهي ويندو هجي. مان تہ پنهنجي گهوڙي جي ڇڇيءَ ۾ ٻڌل گهنڊڙيون وڄائيندي اسير سڪ محسوس ڪندو هوس. منهنجو

ڏاڏو منجهند جي ماني کائي سمهندو هو. ساڍي چئين بجي اُٺي هڪ گلاس پنگ جو چاڙهيندو هو جيڪو منهنجو پيءُ ناهي ڏيندو هوس. ڏاڏو روز تيوڙ کائيندو هو مهيني ۾ صرف ٻه ڏينهن چڏي. هن جي گهوٽيل پنگ جي بچيل چوري ۾ پاڻي ملائي، ململ جي ڪپڙي سان چاٽي ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ٻه ملي ويندي هئي. سخت گرميءَ ۾ اسان جي دڪان جي سامهون، پنگ سان پريل هڪ دلو رکيل هوندو هو. ٻيو پاڻيءَ جو. دلا ٻه پر گلاس، ٽي هوندا هئا... هڪ پتل جو گلاس جنهن ۾ هندو پاڻي يا پنگ پيئندا هئا. ٻيو جست جو مسلمانن لاءِ... ٽيون ڪانچ جو پنگين لاءِ. پنگي صرف ڪچي هوندا هئا. صرف اهوئي نہ، اُپاريل چٽا ٻه پيا هوند اهئا. جنهن کي جيترو وٽي ڪٽي سگهندو هو. صرف اسان جي ئي نہ سيني جي دڪان جي سامهون.

اسين بگيءَ تي ويهي "سندَ واهہ" طرف هلي پوندا هئاسين. ڏاڏو پاڻ سان گڏ هڪ پلو ڪٽي هلندو هو. اُن کي صفا ڪري، اُن ۾ مصالحو پري، ململ جي لتي ۾ ويڙهي... چؤطرف ڳوهيل انو ويڙهي... اُن کي تسلي ۾ وجهي، اُن تسلي کي ڇُلهہ تي رکي، پهرين اُن تي واري، پوءِ پلو وري واري... هيئان جهيڙو ٻارڻ. ڪجهہ دير بعد پلو پچي ويندو هو. اسان ڏاڍي مزي سان چشڪا وٺي کائيندا هئاسين.

جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ اسين هلڻ لڳاسين. مون کي خبر پيئي تہ تاج محمد فيض محمد منگي اسان سان گڏ نڪو هلي. اسان 4 جنوري 1948ع ۾ اُتان هليا هئاسين. منهنجو ڏاڏو اُها زمين نہ پيو وڪڻ چاهي. پر اُتان نڪرڻو تہ هوئي. اُنهن اسٽامپ پيپر تي لکي سڄي زمين منگيءَ کي ڏيئي چڏي. منهنجو پتا اسان کي بندرگاهہ تي چڏي ترت شڪارپور هليو ويو. چو جو اُن وقت ڪراچيءَ ۾ فساد شروع ٿي ويا هئا. اسان جي اُها گهوڙا گاڏي ٻہ منگيءَ وٽ رهجي ويئي. ان کان پهرين مون کي خبر نہ هئي تہ مسلمان ٿيڻ جو مطلب چا ٿيندو آهي؟ هونئن تہ اها ڳالهہ مان اڄ تائين نہ سمجهي سگهيو آهيان، سواءِ ان جي تہ هنن جي عبادت جو طريقو اسان کان الڳ هوندو آهي. هُو هٿ کولي عبادت ڪندا آهن، اسان هٿ جوڙي.

جڏهن اسين ڪراچيءَ وڃي رهيا هئاسين... شڪارپور جي اسٽيشن تي ريل بيٺي هئي. مون بابا کان پڇيو ته هيءَ ريل ڪڏهن هلندي؟ بابا چيو ته جڏهن ريل تي لکيل لفظ پڙهيا ويندا، تڏهن ريل هلڻ لڳندي. هنن جو گلو لڙکن سان پريل هو. هر ڳالهه جي جواب ۾ هُو صرف ڪنڌ ڀيا لوڏين. جيئن گهٽو نه ڳالهائڻو پوي...

اسين ڇا اِن ڪري وڃي رهيا هئاسين ته اسين ڳٽپ ۾ گهٽ هئاسين ۽ جيڪي "گهٽا" هوندا آهن، "گهٽ" کي ڳڙڪائي ويندا آهن.

اسين ڇا اِن ڪري وڃي رهيا هئاسين جو اسان کي پنهنجن گهرن ۾ ئي پؤ لڳڻ لڳو هو؟ اندر ڏيل شڪ جا نانگ اسان کي ڪڪڙ لڳا هئا.

اسين ڇا ان ڪري وڃي رهيا هئاسين جو پنهنجن تي ئي اسان پروسو ڪرڻ ڇڏي ڏنو هئو؟

1947ع ۾ هيءُ ورهاڱو ٽيو ۽ ماڻهن جي مٿاسٿا ٽي. اهڙو مثال صرف يهودي آهن، جن کي پنهنجي زمين کان بيدخل ٿيڻو پيو. نتيجي ۾ يهودي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويا ۽ اُنهن سائنس سان وڃي هٿ ملايو.

جڏهن ڪنهن کان ڪوئي اُن جو سپ ڪجهه ڦري وڃندو آهي ته هُو ٻيڻي طاقت سان موٽندو آهي انصاف وڻڻ.

ڇا مان موٽي سگهندس ٻيڻي طاقت سان انصاف گهرڻ. جيڪو مون کان ڦريو ويو آهي، اُهو واپس وڻڻ؟

ها، مان واپس ايندس... ڪجهه وڻڻ نه، توهان سيني کي اهو ٻڌائڻ ته اسان کي الڳ ڪرڻ ئي سياست جو مقصد آهي. اسان کي ڪنڌ هيٺ ڪري هر فيصلو نه مڃڻ گهرجي. اسان کي مقابلو ڪرڻ گهرجي. پر ڪري ته رهيا آهن ڪيترا ماڻهو مقابلو... ڇا ٿيو؟ اِها ته پوءِ خبر پيئي ته "گهٽا" ڊڄي ويا هئا، بس "ٿورا" ڪجهه ڪري رهيا هئا، هميشه وانگر، ۽ هميشه وانگر ٿورا هارائجي ويندا آهن.

تڏهن ته ورهاڱو اڄ به جاري آهي. جيئن 1947 ۾ مسلمانن سنڌين کي اُتان ڪيڊي ڇڏيو اُنهيءَ طرح هتان ويل مسلمانن، سنڌي مسلمانن کي 1989ع ۾ لطيف آباد حيدرآباد مان راتون رات لوڏي ڪيڊي ڇڏيو.

اُنهن جا گهر خالي ڪرائي، اُتان پڇائي ڇڏيو ويو. جيئن 1947 ۾ اسان گڏهن تي پنهنجو سامان کڻي نڪتا هئاسين، هُو به انهيءَ طرح نڪتا. اُنهن حيدرآباد جي ٻئي پاسي وڃي "قاسم آباد" وسائي. سندّ جو سرتاج شاهه عبداللطيف به جن کي آسرو نه ڏيئي سگهيو وديشي محمد بن قاسم تن کي سهارو ڏنو. منهنجن پيارن اديبن حميد سنڌي، ماهتاب محبوب ۽ نجم عباسي وغيره کي هڪ پيرو وري پنهنجو گهر ڇڏڻو پيو. سوال تہ اِهو ئي آهي تہ 1989 ۾ حميد سنڌيءَ کي پنهنجو گهر ڇو ڇڏڻو پيو؟ هُو ۽ هن جهڙا پنهنجي گهر مان ننڍو وڏو سامان به نہ کڻي سگهيا هئا. ايجا تائين تہ صرف مذهب جي نالي تي ماڻهوءَ کي ڊڪائي ڊڪائي ماريو پيو وڃي... پر جڏهن مذهب هڪ آهي، تہ به اُنهن وٽ ٻيون وَجهون آهن... ۽ هي سڀ ڪجهه بند نہ ٿيندو ڇو جو هيءَ طاقت جي لڙائي آهي. هُو ان کي ختم نہ ٿيڻ ڏيندا، ڇو جو اُنهيءَ لڙائيءَ ۾ ماڻهن جي ۽ڙ ڪانئرتا تي ئي اُنهن جو وجود قائم آهي.

هيءَ هڪ تصوير اُن وقت جي آهي... جڏهن منهنجي عمر ستن سالن جي هئي... شڪارپور ۾ ڪانگريس جو ڪو وڏو نيتا آيو هو. ڏڏ جو وقت هو.. ڏينهن جا ٻارهن پيا وڄن. دادوائي روڊ تي ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي، جيڪو شڪارپور ڪانگريس جو صدر هو... اُن جي گهر جي سامهون ماڻهن جو هجوم هو. سيني ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پهريا هئا. هنن سيني جي هٿ ۾ ڪانگريس جا ننڍا وڏا جهنڊا هئا. اُتي بينل ٻارن کي خبر هئي تہ اُهي جهنڊا اُنهن کي ئي ملڻ وارا آهن. اُنهن لاءِ هي جهنڊا ملڻ به هڪ رونشو هو. ڊاڪٽر گوبندرام اُن جو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر ڇڳومل ۽ ٽيون ڀاءُ ڪشنداس وڏيه جيڪو آيرويد جو ڊاڪٽر هو هُو اسان جي دڪان تان بصري جا موتي، ماڻڪ ۽ ڪستوري خريد ڪندو هو. جنهن جون دوائون ٺاهيندو هو. پوري سندّ ۾ ڪستوري صرف اسان جي دڪان تي ملندي هئي، جيڪا منهنجو چاچو آسام کان پريان ٻُڌيٽ جي سرحد تي وڃي اڻين روپئي تولو خريد ڪندو هو. اُن کي ئي اسان ٽيهين روپئي ۾ وڪڻندا هئاسين. اُن جي قيمت اڄ اٺ ڏهه لک تہ هوندي. اسان جي گهر

۽ ڪستوريءَ ڪانسواءِ سڀ رتن پيا آهن، جيڪي دوائون ٺاهڻ جي ڪم ايندا آهن.

هندو رسم جي مطابق مردي جي وات ۾ پنج رتن وڌا ويندا آهن، اهي سڀ رتن منهنجي خزاني ۾ اڄ تائين موجود آهن... جيڪي مان اڄ به مُردي لاءِ مفت ۾ ڏيندو آهيان... هيءَ سڀ مال لڳ ڀڳ سوَ سال پهرين منهنجي ڏاڏي جو ورتل آهي. ڪڏهن سوچيو به نه هو ته شين جي قيمت ايتري وڌي ويندي، جو صرف جيوَن ئي سستو رهجي ويندو. ڪڏهن سوچيو به نه هو ته شيون ايتريون وڌيون ٿي ويندیون، جو ماڻهو پاڻُ وڪڻي به اُنهن کي خريد نه ڪري سگهندو.

ٿوري دير ۾ گوبند رام پنجابي ٻاهر آيو. هن سيني ٻارن کي اُتي ئي بيهڻ جو اشارو ڪيو ۽ اندران ڪاغذ جون ڪجهه جهنڊيون ۽ مٺا نڪُل ڪڍي آيو. ٻارن جي ٽيم همبوچيون هٽندي اڳتي آئي ۽ هڪ ٽاٽي جي سامهون خوب نعرا لڳايا. اهو ڏسي هڪ ٽاٽيدار کي ڏاڍو غصو آيو ۽ هن سيني ٻارن کي پڪڑي هڪ گهٽ روشنيءَ واري ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري چڏيو... ٻار روئڻ لڳا، ڊپ جي ڪري ڪيترن جو ته مُٽُ نڪري ويو. لڳ ڀڳ پندرهن منٽن بعد جڏهن اسان کي چڏيو ويو... اسان ڪانگريس جا جهنڊا اُتي ئي ڦٽا ڪيا ۽ رُئندا ميڪندا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن پڳاسين.

هن وقت مان پنهنجي گهر جي سامهون ٻينو آهيان... ٻٽيهن سالن بعد... ٻٽيهه سال هڪ وڏو عرصو آهي... سڀ ڪجهه متجي ويندو آهي... هڪ رشتي جواُنهيءَ لمحي ئي موت ٿي ويندو آهي، جڏهن تون اُن کي رستي ۾ چڏي هليو ويندو آهين... هُو انهيءَ پل کان تبديل ٿيڻ لڳندو آهي، جنهن کي اڄ تائين اسان دائمي سمجهي ويٺا هئاسين. شين تي ئي نه احساسن تي به ڏوڙ جمڻ لڳندي آهي، جيڪا آهستي آهستي اُنهن کي ڍڪي چڏيندي آهي. ڏيري ڏيري اُهي پنهنجي انت جي طرف سُرندا ويندا آهن... جيئن هيءَ بلڊنگ سُري رهي آهي، جنهن جي سامهون مان ٻينو آهيان.

گذريل وقت جو داستان هن جي هڪ هڪ سر تي درج آهي، هيءَ اسان جي حويلي هوندي هئي. هاڻي هتي اُهي ماڻهو ڪونهن، جيڪي هوندا هئا. هاڻي هي ڪجهه نوان ماڻهو آهن، جيڪي مون کي نه سڃاڻندا آهن. ٻاهر کان آيلن، هنن خالي گهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي. نه صرف قبضو ڪري ورتو آهي بلڪ ڪوڙي ڇڏيو آهي... ته جيڪو ٿورو گهڻو مال دٻيل هجي، اُنهن کي ملي وڃي. ڪجهه چانديءَ جي سڪن لاءِ يا ڪجهه زيورن لاءِ هُو سڀ ڪجهه ڪوڙي ڇڏيند آهن... انسان جي ديهه ۾ روح به.

هُو سڀ مون کي اڻ ڏٺو ڪري اچن وڃن پيا ٿا. ڪو ڪو ڏيان سان به ڏسي پيو پر چوي ڪجهه به ڪونه ٿو. ڪنهن وٽ فرصت نه آهي. مان اُنهن جي لاءِ جڙ ته آهيان ئي ڪونه.

مان گهر جي اندر ليئو پائڻ چاهيار ٿي... ته ڏٺم منهنجي پڙڏاڏي جسودا ٻائي پنهنجي نونهن گولا ٻائيءَ سان گڏ ويٺي آهي. هو مون کي اُتان ڏسي رهي آهي. ايتري ۾ چرڪي منهنجي پڙڏاڏي جسودا پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو...

"اڙي تارا... ڏس ته ڪير آيو آهي... منهنجو ننڍو گوئمان آيو آهي. اڇ اڇ منهنجي گود ۾ اچي ويهه... رهڙي ڪائيندين؟ ڪيترو وڏو ٿي ويو آهين؟ هي وٽ پئسا... نانوءَ جي دڪان تان رهڙي وٺي اڇ. اڙي ڪنوار... منهنجي ٻارڙي لاءِ به ڦلڪا ته پچاءِ... نه نه چار... نه نه ڇهه... ٻٽيهن سالن بعد آيو آهي... بکيو هوندو... اڙي لاجو (ننڍي ٻيٽ) اڙي درُو...! (وڏي ٻيٽ)... جلدي اڇ... وڃي رهڙي وٺي اچو. توهين به ڪائو هن کي به کارايو."

گهر جون عورتون مون کي ڏسي روئي رهيون آهن. گهر ۾ ڏاڏو بابا، چاچو ڪوئي نه آهي. سڀ دڪان تي ويا آهن... مان اُتي ئي ٻينو گهڻي دير اندر ليئو پائي رهيو آهيان. انهن جي لڙڪن منهنجي اندر سڀ آلو ڪري ڇڏيو آهي. هي چهرا ڪيترا صاف آهن. وقت به هنن چهرن کي ڏنڏلو نه ڪري سگهيو آهي... مون اُنهن کي ڇهڻ لاءِ پنهنجا هٿ اڳتي نه ڪيا... وقت منهنجا هٿ ميرا ڪري ڇڏيا آهن... مان اُتي ئي بيهي اُن

لمحي کي جي رهيو آهيان... هيءَ رپڙي.. ڪيتري نہ مني آهي مون کي. ان جي بنا مان ماني نہ کائيندو هوس. جن ماڻهن ۾ شين جي بنا توکي لڳندو آهي تہ تون جي نہ سگهندين، اُنهن جي بغير جيئڻ جي عادت پئجي ويندي آهي هڪ ڏينهن.... تون ڏيري ڏيري اُنهن کان پري ٿيندو ويندو آهين.

منهنجي گهر ۾ هڪ پنجابي مسلمان فئملي رهي پئي هئي. مون در کڙڪايو تہ کڙڪو ٻڌي هڪ شخص ٻاهر نڪري آيو. مون هن کي پنهنجي واقفيت ڏني. هو بلڪل بہ خوش نہ ڏسڻ ۾ آيو. مون هن کان اندر اچڻ جي اِجازت گهري تہ هن صاف منع ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي ننڍي بئگ هيٺ رکي اُن مان "شيخ اياز" جو ڪتاب ڪڍيو "پونر پري آڪاس" ۾ هن کي ڏيکاري ڇيو:

"ڏسو... هي منهنجو دوست آهي."

شيخ اياز کي هتي گهٽو ماڻيندا آهن. شيخ اياز سنڌ جو هڪ عظيم شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ نوان فارم، نوان وزن، نوان لفظ، نئين لئ ۾ نئين سوچ آهي. سنڌي مسلمانن تي جيڪي ظلم ٿيا، هي اُنهن جي لاءِ اُٿي بيهي رهيو. هن جي شاعريءَ ۾ بغاوت آهي. ورهاڱي کان پوءِ پاڪستاني حاڪمن هندن جي خلاف نفرت ۾ دشمني جو پرچار تہ ڪيو ٿي... ڀين هندن جي ملڪيت، زمينون، نوڪريون ۾ گهر، ٻاهران آيل مهاجرن کي ڏيئي، سنڌي مسلمانن جي حق کان انڪار ڪري ڇڏيو.

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ اُنهن ڳالهين جو بيان ڪيو ۾ عام ماڻهوءَ جي دل تي گهرو اثر ڇڏيو. هاڻي هيءَ ڳالهہ قابل جرح ٿي سگهي ٿي تہ ڪيترو فرق پيو؟ ۾ مان ماڻيندو آهيان تہ فرق پيو آهي. جيڪڏهن نہ بہ پوي تہ ڇا اسين رڙ نہ ڪنداسين؟ ڇا اسين اُنهن کي پنهنجون من مرضيون ڪرڻ ڏيندا سين؟ هونئن بہ اسان سياستدانن کي پنهنجي من مرضي ڪرڻ ڏيئي رهيا آهيون. پر جڏهن ڪا رڙ آسمان جي ڇاتي چيريندي آهي تہ اُن ۾ ٻين جون بہ رڙيون صاف ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

پاڪستان سرڪار شيخ اياز جا ڪتاب ضبط ڪيا ۾ ڪيترا ئي ڀيرا اُن کي نظربند ڪيو ويو. جڏهن هو جيل مان ڇُٽو هو تہ ريل گاڏيءَ کي

زوريءَ روکي ڪوٽڙي حيدرآباد ۾ ٻين اسٽيشنن تي هن جي ايتري آجيان ڪئي ويئي، جيتري ڪڏهن گانڊيءَ جي ڪئي ويئي هوندي.

"شيخ ايازَ... هي توهان جو دوست آهي!؟" هن حيرت سان چيو.. "هوندو پر اسين پڙدو ڪندا آهيون." هن غور سان منهنجو چهرو ڏنو ۽ در منهنجي منهن تي بند ڪري ڇڏيو.

مون پنهنجي پڙڏاڏي جسودا کان معافي ورتي ته هن پيري رهڙي نه ڪائي سگهندس. پر منهنجي رهڙي سنياڻي رکجانءِ. هڪ نه ڏينهن موٽندس ضرور. منهنجي دل ٽڪرا پئي ٿي. مان پنهنجو گهر ٻه نه ڏسي سگهيس. اڙي هي حق ته مون کان نه ڦريو. اوچتو مان نراشا سان ڀرجي ويس. هي جو مان ڏکندو ڏکندو آيو آهيان ڪجهه ڏسڻ، اُهو ڏسي ٻه سگهندس يا نه؟ سڄي شڪارپور ۾ اُن کي ڳولهڻ، جنهن جي ائڊريس ٻه مون وٽ نه آهي. مون کي هن گهڙيءَ ناممڪن لڳڻ لڳو. بدسوڻ جو پاوَ اندر اُٽڻ لڳو ته مون اُن کي اُتي ئي دٻائي ڇڏيو. ڪيترا ماڻهو ايندا هوندا مون وانگر، پنهنجو رهجي ويل ڪجهه ڏسڻ ۾ ڳولهڻ... آخر هي ٻه ڪنهن جي ڪنهن جي آجيان ڪن؟

اُن وقت مون کي هڪ پراڻو واقعو ياد اچي ويو. 1963 جو زمانو هو منهنجو پتا ديپچند هاسپيٽل ۾ ائڊمٽ هو. هن جو آپريشن ضروري هو پر هُو راضي نه پيو ٿئي. هاسپيٽل ۾ مان ٻه بابا سان گڏ هوس. ڪمري ۾ چار هنڌ هئا. هڪ اسان کي الاٽ ٿيو هو. ٻي خالي هئا. رات جا ٻارهن وڄي رهيا هئا... اسان کي ننڊ نه پيئي اچي. هڪ دروازو هو جيڪو ڏکڻ طرف کليل هو. هڪ وڏي دري اُتر طرف... جنهن جي هن پار سمنڊ هو. بابا جون آليون اکيون اُتي ئي پيون ٽڪن. نه جاڻ ڇا سوچي مون پڇيو....

"بابا، سنڌ جي ياد ٿي اچيوَ؟"

"مون کي خبر آهي هن وشال سمنڊ جي هن پار ٻئي ڪناري تي سنڌ جو وشال دروازو آهي، جيڪو اُن وقت سڄي هندستان جو دروازو هو. سڀ وديشي اُنهيءَ در کان اندر آيا هئا ۽ سڀ پنهنجا هن ئي در کان ٻاهر هليا ويا." بابا جو گلو ڀرجي آيو. مان ڪجهه چئي نه سگهيس. لفظن بغير

جيئڻ وڌيڪ سولو آهي... لفظ اُهو "ٻيو" آهي، جنهن کي پنهنجو ڪرڻ ۾ گهٽي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جڏهن هُو "پنهنجو" ٿي ويندو آهي، تہ هڪ ٽپالي‌ءَ جيان اسان جي دک جو پيغام اُن ٻئي وٽ ڪٽي ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اُن وقت هو پنهنجي گهر ۾ نہ هجي يا هن جو در بند هجي. ڪيترا دفعا تہ گهٽي دير هُو ٻاهر ئي ٻينو هوندو آهي... ڪيترا دفعا موٽي ٻہ ويندو آهي. مان هُن جي دک جي آهستي آهستي ٻرندي ٻاهہ جي پاسي ۾ چپ ٻينو رهيس، جنهن وٽ لفظ نہ هئا.

ايتري ۾ اسان جي روم جو دروازو کليو ۽ هڪ سپاهي‌ءَ سان هڪ زخمي نوجوان اندر آيو. بابا مون کان پڇيو... "هي سپاهي هتي ڇو آيو آهي؟ هن سان گڏ ڪير آهي؟" اِهو ٻڌي هن نوجوان حيرت مان چيو....

"ڇا توهين سنڌي آهيو....؟" مون "ها" ۾ ڪنڈ لوڏيو تہ هن چيو:

"مان سنڌي نہ آهيان، پر مون کي سنڌي ايندي آهي. مان سنڌ ۾ پئدا ٿيو آهيان.... منهنجي ماءُ هتي بمبئي‌ءَ ۾ پئدا ٿي آهي. مون پاڻ کي چاٽي واٽي زخمي ڪري ورتو آهي، جيئن مان هتي رهي سگهان. مون کي پنهنجي ماءُ جو اُهو گهر ڏسڻو آهي، جتي هوءَ پئدا ٿي هئي... هوءَ 45 سال جي آهي پر ڏاڍي ٻُڍي لڳندي آهي، بيمار رهندي آهي. مان اُها چال ڏسڻ چاهيان ٿو. ڇا بمبئي‌ءَ جي چال ڪراچي‌ءَ کان الڳ ڏسڻ ۾ ايندي هوندي؟" هن هڪ سوال اسان جي سامهون رکي ڇڏيو جنهن جو جواب اسان نہ ڏيئي سگهياسين. چال جي خبر نہ آهي، پر ماڻهو سڀ هڪ جهڙا رهندا آهن. هتي ٻہ، اُتي ٻہ.

"منهنجي ماءُ چوندي آهي، 'اُن چال جو مقابلو ڪوئي محل ٻہ نٿو ڪري سگهي....' هوءَ بيمار رهندي آهي... ڊاڪٽر ڪجهہ ٻڌائين نٿا. مان هن کان گهڻا سوال پڇندو آهيان، پر هوءَ کو جواب نہ ڏيندي آهي. اُها چال مينار مسجد جي بازوءَ ۾ آهي. اُهائي چال منهنجي ماءُ جي بيماري‌ءَ جو سبب آهي. مون کي هن چال جا فوٽا ڪيڏا آهن. مان پاڻ کي زخمي ڪري هتي پهتو آهيان، پر هتي ويڙ جي لاءِ مون وٽ پئسا نہ آهن. مون حوالدار

کي بہ پڻائي ورتو آهي... ڇا توهين منهنجي مدد ڪندا؟ الله جو قسم، مان توهان جو احسان ته نہ لاهي سگهندس، پر پڳا ضرور موڻائي ڏيندس...“

هُو ٻيو بہ ڪجهہ چوڻ چاهي ٿيو، پر سندس گلو پرجي آيو. مون بابا طرف ڏٺو... هن جي اکين ۾ ”ها“ هئي. منهنجي جيب ۾ پنج سوَ روپيا هئا، جي مون هن کي ڏيئي ڇڏيا. بغير وقت وڃائڻ جي هُو جلد سپاهيءَ کي ونڊي ”مهرباني وڏي مهرباني“ چوندو اُتان هليو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين بجي هُو هاسپيٽل موڻي آيو. بابا کي پيرين پيو ۽ هن چال جا سمورا فوٽا ڏيکاريا. هنن تصويرن ۾ هُو جيڪو ڏسي رهيو هو اُنهن تصويرن کان ڪٿي الڳ ۽ گهڻو دور هو، پر اُن لمحي هن جي ويجهو هليو آيو هو... ڪنهن فالتو ڪُتي جيان، جنهن جي ملايم وارن تي هُو پنهنجو هٿ ڦيري رهيو هو. ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي خوشي سندس چهري تي هئي. خوش ايترو هو جو هن جي اندر ڪجهہ نچي رهيو هو. هن جون اکيون پرجي آيون هيون. هُو بابا سان چنبڙي ٿوري دير بيٺو رهيو. بابا هن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيرندو رهيو. حوالدار جي اکين ۾ بہ لڙڪ اچي ويا. هن هر هر اسان کي شڪريہ چيو ۽ اُتان هليو ويو.

مان هن شخص کي ڪڏهن وساري نہ سگهيس. ڪجهہ حاصل ڪري وڃڻ جي اديت خوشيءَ جو هڪ ٽڪر هُو مون وٽ ڇڏي ويو هو. اُنهيءَ لمحي مون سوچي ورتو هو ته مان ويندس. جيڪو بہ ڇڏي آيو آهيان، اُن سان ملڻ، اُن کي ڇهڻ، اُن کي ڏسڻ....

هڪ هفتي بعد اسان وٽ پنج سوَ روپيا ۽ هن جي ماءُ جو فوٽو اچي ويو. جو هن موڪليو هو. اُهو نوجوان اڄ ڪلهہ دادر اسٽيشن تي ڪٿي رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ کي هن جي پراڻي چال ڏيکارڻ ونڊي ويندو آهي. اِهو ئي هن جو علاج آهي. هُو سندڙ ڇڏي هتي اچي ويو آهي.

ٻي گهڻنا 1976ع ۾ ٿي هئي... مان هيمبرگ مان ڪوپين هيگن وڃي رهيو هوس. ٽرين ۾ ڪاري چمڙيءَ واري هڪ ڇوڪري مون سان سفر ڪري رهي هئي. ڳالهين جي دوران هن ٻڌايو ته هوءَ بمبئيءَ جي

وي ٿيءَ ۾ پئدا ٿي آهي، پر هن هڪ سنڌيءَ سان شادي ڪئي آهي. ڪوپين هيگن ۾ هن جو پتي ڪنهن ايئرلائينس ۾ ڪم ڪندو آهي. جڏهن اسين لٽاسين تہ هن جو پتي هن کي وٺڻ آيو هو. هن پنهنجي پتيءَ سان منهنجي ملاقات ڪرائي. هن جي پتيءَ چيو:

"توهين هلي اسان سان گڏ رهو. هوٽل ۾ رهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي."

اُن وقت منهنجي جيب ۾ چار هزار ڊالر هئا. مان ڪنهن اڻ سڃاتل ماڻهوءَ سان گڏ نہ پيو وڃڻ چاهيان. مون هن کي چيو:

"اڄ فرائيڊي آهي... توهين هڪ هوٽل ڳولهڻ ۾ منهنجي مدد ڪيو... مان سئٽرڊي جو توهان سان ملڻ ضرور ايندس."

هن هوٽل ڳولهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ اجازت ونڊي هليو ويو. مان تيار ٿي پنهنجي هوٽل کان ٻاهر آيس. دراصل مان ڪوپين هيگن جي اُها خاص رات ڏسڻ چاهيان پيو جيڪا تمام گهڻي مشهور آهي. مان اڃا هوٽل جي گيٽ تائين پهتو ئي هوس تہ ايتري ۾ هُو سنڌي نوجوان پنهنجن ڪجهہ دوستن سان گڏ منهنجي سامهون اچي بيٺو. هن کي ڏسي مان حيرت ۾ پئجي ويس. ڪجهہ دير تہ منهنجي منهن مان بول نہ ڦُٽا. مان هن کي ڏسندو رهجي ويس.

"تون مون سان گڏ نٿو اچي سگهين، پر مان تہ توسان گڏ اچي سگهان ٿو." هڪ ڏاڍي خوبصورت دوستاڻي مُرڪ هن جي چهري تي هئي.... تسلي بخش. مان هن جي روحاني سونهن تي مُگڌ ٿي ويس. مان ڪجهہ چئي نہ سگهيس، پر منهنجي چهري تي ضرور ڪجهہ هوندو... مان هن جو هٿ پڪڑي ونڊ پيو چاهيان... مان هن کي پاڪ پائڻ پيو چاهيان.

"هلو... اڄ توهان کي ڪوپين هيگن ڏيکاريون ٿا." هن منهنجي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکيو. اُهو اِنسان، انسانيت جي روشنيءَ ۾ جڙ چمڪي رهيو هو.

"ٿئنڪ يُو دوست... آءِ نيڊ يُو...." مون هن جو ڪوسو هٿ زور سان پڪڑي ورتو ۽ وڃي هن جي ڪار ۾ ويهي رهيس.

ڪار روڊن تي ڊڪڻ لڳي. جيڪا رات ۾ روشنيون منهنجي چؤطرف هيون. مون هن کان پهرين نہ ڏٺيون هيون... هڪ نئين دنيا پنهنجي انيڪ رنگن جا ڪپڑا لاهي منهنجي سامهون کُلي رهي هئي... نظارا تيزيءَ سان گذري رهيا هئا... چڪا چوند ڪري چڙڻ واريون روشنيون. هوٽلس ۾ ڪلب پار ڪندي اسين هڪ ينگسٽرس سان پريل نائيٽ ڪلب ۾ پهچي وياسين. سڀ جو سڀ 18_17_16 سالن جا نوجوان ڊانس ڪري رهيا هئا... تيز ميوزڪ پيو وڄي. اُنهن عجيب عجيب طرح جا ڪپڑا جوتا ۾ نہ جاڻ ڇا ڇا پئي رکيو هو. ڪنهن ضرورت کان وڌيڪ. ڪنهن ضرورت کان گهٽ. هال خوشبودار دونهين سان تمٽار هو. سڀ ڪجهہ دونهون دونهون... سڀ اجنبي، پر سڀ هڪ جهڙا. اندر ۾ باهر جي تيز ميوزڪ تي ٽِڙڪندا. اُنهن جا جسم جڙ تہ روشنيءَ جون شهتيرون هجن... هيڏانهن هوڏانهن جرڪنديون. روشني، جا اُنهن جي وس ۾ نہ هئي پر هُوانهن سان ٻڌل هئا. اُنهن جي وس ۾ هئا. مان اُن ٻيڙ کي ڏسندو رهجي ويس... جيڪا بس هتي ۾ هاڻي آهي. ٻيڙ کي چيريندي اسين اندر پهتاسين. بار ڪائونٽر تي ويٺل چوڪري مون طرف ڏسي مشڪي... مان بہ مُشڪيس... هن چا چيو... مان سمجهي نہ سگهيس. هن منهنجو چهرو ڏٺو ۾ وري بيئر جي بوتل طرف اشارو ڪيو. مون هن کي بيئر جي هڪ بوتل خريد ڪري ڏني... ايتري ۾ منهنجا دوست اُتي اچي پهتا... ڏسي ڪري چيائون:

"چوڪريءَ کي بيئر ٿو پيارين... هتي چوڪريون اسان کي بيئر پيئارينديون آهن.. هي تہ تو ڏاڍو غلط ڪم ڪيو آهي."

هُو مون کي گهليندي ٻئي پاسي ونڻي ويا... هُو سڀ زندگيءَ جي مستيءَ سان پريل هئا... مطلب... چلڪندا. مان اُنهن کي ڊانس ڪندي ۾ پيئندي ڏسان پيو. هتي ڪا هڪ شيءِ نہ آهي جيڪا توکي ٻڌي ايتريون شيون آهن جو ڏسي دماغ چڪرائي ٿو. چا ڏسان... چا چڏيان؟ ڏسان ٿو تہ ڏسندو ٿو وڃان. پوءِ ڏسڻ بہ ڇڏي ٿو وڃي ۾ مان اُن شور ۾ گم ٿيندو ٿو وڃان. مان بس "آهيان" جيئن ٻيون شيون "آهن". نہ تون اُن کي

پکڑي سگھين ٿو نہ اُن کي سمجھي سگھين ٿو. اھڑي کا بہ ڪُشش چريائپ آھي. ھلي رھيو آھي کائڻ پيئڻ جو دؤر... نہ جاڻ ڪيترن قسمن جي وائين ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون... جيڪي ھُو ڪٽي پيا اچن ۾ ھڪ ٻئي کي کارائين پيا. ھي سڀ رات ھڪ بجي تائين ھلندو رھيو. ايترن قسمن جي وائين مون اڄ تائين نہ ڏٺي. نہ چکي ھئي. نہ ايترن قسمن جو کاڌو. اُنھن کجھ ڪلاڪن جي جيوَن ۾ مون نہ جاڻ ڪيترو ڪجھ جي ورتو.

اُن کان پوءِ آيو موڪلائڻ جو وقت. اُنھن، ڪار ۾ مون کي منھنجي ھوٽل تي ڇڏي ڏنو. جڏھن ھُو وداعيءَ جو ھٿ ملائي رھيو ھو مون ھن کي پنھنجي گلي سان لڳائي ورتو. اسان ٻئي اِموشنل ٿي رھيا ھئاسين. پنھنجي ڇھري تي لِکيل اُکھڑ خاطر ھُو جلدي وڃي ڪار ۾ ويھي رھيو ۽ ڪار اُتان ھلي ويئي.

روشنين کان ٻاھر نڪري مان پنھنجي اندر اوندھ محسوس ڪرڻ لڳو ھوس. اڄ بہ اُھو لمحو ياد ڪندو آھيان تہ پاڻ کي اُتي ئي بينل محسوس ڪندو آھيان... اُنھيءَ نائيٽ ڪلب ۾... دوستن سان گڏ ٿھڪ ڏيندو... ھنن سان پنھنجي وائين شيئر ڪندو. زندگيءَ جي نظر ڪڏھن ڪڏھن تنھنجي متان پئجي ويندي آھي ۽ اُھا اوچتو مھرباني ٿي ويندي آھي... ڪجھ اڻ جاڻ رشتن جي ڪوسائپ تنھنجي ھڏين ۾ ايتري پيھجي ويندي آھي جو تون اڪيلائپ جي سخت ٽڏ ۾ بہ ھلندو ويندو آھين ۽ مان ھلي رھيو آھيان ھن مھل تائين...

يادگيريون ايڏا مون کي پوئتي گھليندیون ٿيون وڃن...

منھنجي عمر ڏھ ورھيہ ست مھينا ھئي، جڏھن اسان کي شڪارپور ڇڏڻو پيو. منھنجو ڏاڏو نھالچند شڪارپور ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار نہ ھو. ڏاڏي گوڏن جي سور جي ڪري ويڻي ھئي. اسان جي ڳڙيءَ جي زمين ايڏائي لکين ۾ وڪامجي رھي ھئي، پر ڏاڏو زمين وڪڻڻ لاءِ تيار نہ ھو. ڏاڏي جو سؤٽ ناروسنگھ پھرين ئي پنھنجي حصي جي زمين ايڏائي لکين ۾ وڪڻي مدراس روانو ٿي چڪو ھو. ھُو مدراس ۾ وياج جو ڪم ڪندو ھو. شڪارپور جو پوسٽ ماسٽر منھنجي چاچي رامچند جو دوست

هو. جنهن جي مدد سان اسين سڀ زيور ۽ دڪان جو سامان ٽورو ٽورو ڪري پهرين ئي بمبئيءَ جي صرافا دوستن وٽ موڪلي چڪا هئاسين.

مهيني ۾ به پيرا بمبئيءَ اچي چاچو مال کي ٻئنڪ جي لاڪرس ۾ سنڀالي رکي ايندو هو. اسان پنهنجي سموري ملڪيت (زمين، عمارتن ۽ فرنيچر کانسواءِ) آزادي کان اڳ ئي هندستان کڻي اچي چڪا هئاسين. منهنجي نانيءَ، ماسي ۽ مامي‌ءَ جو گهر پهرين ئي ڪٽنب سوڏو بمبئيءَ پهچي چڪو هو. منهنجو مامو ڪيترا سال پهرين هندستان ۾ سيٺ چمنداس ڪينگر جو دڪان سنڀالينڊو هو. هن جو پتا سرڳواس ٿي چڪو هو.

۽ هڪ ڏينهن اسين پريل گهر خالي ڪري ٽانگي تي ويهي ٽيشن طرف روانا ٿي وياسين...

پريل گهر ٽانگي تي کڻي ٽيشن تي خالي ڪري، ٽانگي واري وري موٽي ڪري نہ ڏٺو ته ڪوئي خالي شخص، پريل گهر ڇڏي سرحد جي هُن پار هليو ويو.

شڪارپور جي پليٽ فارم تي گاڏي بيٺي هئي. مون بابا کان پڇيو "هيءَ گاڏي ڪڏهن هلندي؟" بابا پاڻ ۾ گم هو. وري به ڇيائين:

"جڏهن ريل جي ڊبي تي لکيل اکر پڙهيا ويندا، تڏهن هيءَ ريل هلڻ لڳندي" اسان سڀني اُهي اکر پڙهيا پر سمجهيا نہ. تڏهن هڪ پاٽيءَ وارو هيءَ چوندو گذري ويو:

"هندو پاٽي... مسلم پاٽي...." ۽ ٽرين هلي پئي.

اُن وقت بابا به گهٽي جلدي ڪئي ۽ جلدي جلديءَ ۾ هن جي جُتي پليٽفارم تي ئي رهجي ويئي. مون لاچار جُتيءَ کي اُتي ئي ڇڏجندي ڏٺو. منهنجي مستقبل جي پونجي اُتي ئي رهجي ويئي.

ريل مان لٿندين منهنجون ٽنگون نَيُن هوائن جي تيز ڌار تي گهسجي گهسجي پنهنجو آڪار کوهي رهيون هيون. چوندا آهن، ٻالپڻ جو عيب وراثت ٿي ويندو آهي. اڄ مان به وراثتي اپاهج آهيان.

هاٽي هيءَ بيماري منهنجن ٻارن کي ۽ پنهنجي مٽي تي ڪٽٽي پوندي. هاٽي منهنجي نظر صرف بيمارن کي ڏسندي آهي. مون اُنهن ماڻهن کان پڇيو توهين بيمار ڪيئن ٿيا؟ اُنهن چيو "اسان ۽ ريل گاڏيءَ تي لکيل اکر غلط پڙهي ورتا هئا ۽ ريل هلي پيئي هئي."

جڏهن اسين شڪارپور کان ڪراچي وڃڻ واري ٽرين ۾ وينا هئاسين... ٽرين سڄاتل اٽسڄاتل ماڻهن سان ڀريل هئي. هڪ شيءِ سيني ۾ هڪ جهڙي هئي - پؤ. اسين سپ ڏنل هئاسين. اسان سان گڏ ٽيڪمداس جمن وارو ۽ وينو هو پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان گڏ. هُو روز صبح ٽن قسمن جي تيار ٽيل دالين جو گاڏو لڳائيندو هو. هڪ آني ۾ هڪ پن دال وڪڻندو هو. سائو ويڪرو پن. اڄ ۽ مون کي چڱي طرح ياد آهي. دال وڪڻڻ جي لاءِ هُو وڃ جي شاخ مان نہ ڄاڻ ڪيترا پن روز پٽيندو هو ۽ اسين ۽ شاخ کان نہ ڄاڻ ڪيترا ٽڪي وياسين؟ هن جي زال گوري هئي، سوٻين جي نظر کان بچائڻ لاءِ هن پنهنجي زال جي چهري تي رک ٽڪي چڏي هئي. بابا پڇيس:

"ماءُ پيءُ ڪٽي آهن تنهنجا؟ اُنهن کي نہ وٺي آيو آهين؟"

"مون وٽ صرف ۽ ٽڪيٽون هيون. ۽ن ڪري مان اُنهن کي ٻُڌا آشرم ۾ چڏي آيو آهيان. وٺي ايندس جلد اُنهن کي ۽."

هن اکيون چورائيندي جواب ڏنو. ان طرح هن جي جوابن کي بابا چڱي طرح سڃاڻندو هو. هُو اُنهن کي وڃڻ ڪڏهن ۽ ڪونہ ويو. ورهاڱو صرف ٻاهر ئي نہ ٽيو هو... ورهاڱي ماڻهن جي دلين ۾ ڇهرن جا نہ ڄاڻ ڪيترا ٽڪر ڪري چڏيا هئا. اڄ ٻاڻ کي چوان ٿو تون ڪڏهن طئہ نٽو ڪري سگهين تہ تون ڪهڙي ٽُڪري سان گڏ رهڻ چاهين ٿو؟ تون گهٽو جلدبازيءَ ۾ چوندي ونندو آهين ۾ سالن جا سال توکي خبر نہ پئجي سگهندي آهي تہ جيڪو تون چڏي آيو آهين... اُهو ئي دراصل تنهنجو اصلي ٽڪر هو.

اُن وقت اسان جو سمورو خاندان سنڌ کان نڪرڻ جي لاءِ ۽ ايائي مهينا پهرين ئي ڪراچيءَ ۾ جمع ٿي چڪو هو. ڪراچيءَ جي هن نئين

علائقي کي "منو در" چوندا آهن. منهنجي ماءُ جي ماسي، پنهنجو فلئٽ خالي ڇڏي هندستان هلي ويئي هئي ۽ اسان کي رهڻ لاءِ اُهو فلئٽ ملي ويو هو. اسان کي 6 جنوريءَ جو هلڻو هو ڪاراپارا اسٽيمر تي، ڪياماڙي بندرگاهه کان. سادا ٻارهن روپيا هڪ ماڻهوءَ جو ڪرايو هو ٻار فري. ڪارگو اسٽيمر ڀڻ ڏينهن کان ٻه ڏينهن پهرين هلڻ لاءِ تيار هو. اُها 3 جنوري 1948 جي آخري رات هئي، جڏهن مان سنڌوءَ جي گود ۾ سمهيو هوس. 4 جنوري 1948 جو ڪراچيءَ ۾ اسان جي بلڊنگ جي سامهون، تي اُٺ گاڏيون بيٺيون هيون. چا چڏيون، چا ڪٽئون جي ڪشمڪش کان پوءِ، ڪجهه ٽين جون پيتيون چاچو چاڙهي چڪو هو. صبح 10 بجي اسين سڀ اُٺ گاڏيءَ تي سوار ٿي ڪياماڙي بندر طرف روانا ٿي وياسين. اُتي اسان جهڙن جي ڀيڙ هئي... ماڻهو اُداس هئا، ڏنل هئا. اُنهن کي سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي ته اُنهن کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ملي رهي آهي. جتي هُو وڃي رهيا آهن هڪين خالي، اُتان جي ته هولي به اُنهن کي نٿي اچي. وري به اُنهن کي لڳي پيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي، هي اسٽيمر روانو ٿي وڃي. اسٽيمر روانو ٿيو ته سيني راحت جو ساهه ڪنيو. هاڻي هُو گهٽ ۾ گهٽ بچي ته ويا.

ڪياماڙي بندرگاهه کان روانو ٿيڻ کان پهرين ڪيترائي ماڻهو فلئٽ جي لاءِ بابا جي سامون هٿ جوڙي بيٺا هئا. جيستائين هنن جو وارو نٿو اچي، اُنهن کي ڪراچيءَ ۾ ئي رهڻو هو. اُن وقت ڪراچيءَ جي ڪنهن به مسافرخاني ۾ جڳهه ملڻ، تصور کان ٻاهر هو. بابا اُنهن کي فلئٽ جي چابي ڏني ۽ فورن شڪارپور طرف روانو ٿي ويو. ستين تاريخ اسين هندستان پهتاسين ته خبر پيئي ته 3 تاريخ جو جتي اسان رهندا هئاسين، ڏهڪائيندڙ فساد ٿيا ۽ هزار ٻارهن سو ماڻهو ماريا ويا. گهر جي ماڻهن شڪر ڪيو ته اسين وقت تي نڪري آياسين. پر اُنهن جو چا، جيڪي وقت تي نه نڪري سگهيا ۽ وقت جي سامهون هارائجي ويا.

اُتان نڪرندي مهل منهنجون اکيون هاءِ ڪورٽ جي گول چڪر ۽ آرٽيلري ميدان جي وچ واري حصي ۾ ٽيڪي رهيون هيون. مون کي

ڪنهن جي ڏسجڻ جي ڏنڊلي اُميد ۾ نہ هئي، پر من اهڙو ڦڙڦڙائي پيو جو ڪوهن کي ڪٽي جڙ ۾ ٽڪر ٽو ڪري..

اُن لمحي مان زور سان رڙ ڪرڻ چاهيان پيو.. "سنڈُو....."

مان اڃا زور سان روئڻ چاهيان پيو.. "سنڈُو.... ٻڌ... مان وڃان ٿو."

پر مان رڙ ۾ نہ ڪري سگهيس، نہ ڪجهہ چئي سگهيس. ڪير آهي هيءَ سنڈو؟ ڪوئي نہ. بس اسڪول ۾ ايندي ويندي هن کي ڏٺو آهي... اُهو ۾ ان ڪري جو ڇوڪرن ۾ ڇوڪرين جا اسڪول آسي پاسي آهن... گوري چٽي... ڏگهي... ڏگها سونهري وار ۽ هرٽيءَ جهڙي چال... رسيس ٿيندي هئي تہ مان وڃي ٻاهر ويهي رهندو هوس... هن پاسي جو رستو ٽڪيندو... پر هن کي ڪيئن خبر پئي تہ مان اُنهيءَ کي ڏسڻ لاءِ بينو آهيان؟ ڪجهہ ڏينهن بعد هوءَ بہ اسڪول جي ٻاهر بيهي پيئي رهي ۽ اسين هڪ ٻئي کي ڏسي کلڻ پيا لڳون. ڪيتري کل هئي اسان جي اندر جو اسين بس کلندا ئي رهندا هئاسين. پهرين تہ مون کي هن جو نالو ئي معلوم نہ هو پر جڏهن منهنجي سامهون ڪنهن هن کي سڏ ڪيو تہ مون من ئي من ۾ دُهرايو- سنڈُو... آهہ... ڪيترو مٺو نالو آهي؟ مان ڏُکي وڃي هن جو هٿ پڪڑي ڪٽي کيڏڻ پيو چاهيان، هن سان ڳالهائڻ پيو چاهيان... وري وري هن کي ڪِلائڻ پيو چاهيان... اُن وقت ڪنهن خواب وانگر هي نظارو منهنجي اندر جوان ٿي رهيو هو جنهن کي مان ٽيڪ ٽيڪ سڃاڻي بہ نہ سگهيس. ڪٽي سڃاڻي سگهندا آهيون اسين پنهنجا خواب؟ اسان تہ اُنهن کي وچ ۾ ئي چڏي ڪائنرن وانگر پڃي پاسيرا ٿيندا آهيون...

مون کي اُنهيءَ وقت آرٽيلري ميدان جو هڪ واقعو ياد اچي ويو جيڪو اُن وقت بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر سموري ڪراچيءَ ۾ ڦهلجي ويو.

ڪراچيءَ ۾ قادُو مڪراني نالي هڪ مسلمان رهندو هو جنهن جي دهشت اهڙي هئي جو جڏهن هُو رستي تي هلندو هو تہ سڀ هندو پنهنجو پنهنجو دڪان بند ڪري چڏيندا هئا. گهرن جا دروازا بند ٿي ويندا هئا. کيڏندڙ ٻار ڊڄي گهر پڄي ويندا هئا. پنڊ هلڻ وارا هندو فورن پنهنجو رستو مٽي چڏيندا هئا. ڇهہ فوٽ ڊگهو هڪ ڏاڍو مٺو ڪارو ڏاڪ جوان

ڪنهن راڪاس وانگر ڏسڻ ۾ ايندو هو. قديري هڪ پيري ڪنهن هندو چوڪريءَ سان چيڑچاڑ ڪئي. ان تي رام پشوري، جنهن جو اصلي نالو رام گابا هو... پشاور جو رهڻ وارو هو گورو ۽ ڳاڑهو... گهنڊيدار وار، بلڪل پٺاڻن وانگر لڳندو هو پيو هو شوو ماٽا. جيڪو بيحد ڏڙتيلو ۽ باڪسنگ چئمپين هو. ٻنهي همٽ ڪري آرٽيلري ميدان ۾ قديري کي وٺي خوب ڌيهه ڪيي. رام اُن جي پٺيءَ تي چڙهي ويو ۽ هن تي مُڪن جي برسات ڪري ڇڏي. قديري کي خبر نه هئي ته هي سڀ ڪيئن ٿي ويو؟ هُو حيران ۽ بدحواس هو. پندرهن منٽ هن تي ٽونشن جي برسات ٿيندي رهي. آخر ۾ هُو بيهوش ٿي ڪري پيو. هن جي وات مان رت پچڪاريءَ جيان پيو وهي. ڪلاڪ ڏيڍ هر رستي تي لاوارث پيو هو. ان کان پوءِ هن جا ساٿي آيا ۽ هن کي وٺي ويا. اسپتال ۾ ٽي مهينا هن جو علاج هلندو رهيو. پوءِ وڃي هُو ٺيڪ ٿيو. وري هن ڪڏهن هندو چوڪريءَ طرف اک ڪٽي نه ڏٺو.

منجهند جي تيز اُس ۾ مان هن بلڊنگ جي سامهون گهٽي ديڙ ڪان ٻيٺو آهيان. ڪجهه گرمي ۽ ڪجهه ٺڪاوٽ جو احساس ٿي رهيو هو. فوٽ پاٽ تي ئي هڪ وڻ جي هيٺان پنجن فوٽن جي هڪ ڪاٺ جي پيٽي پيئي هئي. مان اُن پيٽيءَ تي ويهي ماضيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳس. گهٽيءَ جي مهانڊي تي هڪ گاڏي وارو ٻيٺو هو. پهرين ته لڳو هو گول گپا وڪڻي رهيو آهي، پر هن جي گاڏي تي الڳ الڳ قسمن جي مچي پيئي هئي. تڏهن سامهون واري بلڊنگ مان ڪجهه عورتون نڪتيون، پر ڪيڏانهن؟ آسي پاسي ۾ ته ڪو گردوارو به نه آهي. مان اُنهن جي طرف ڏسي رهيو هوس ته ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو هڪ جينٽل مئن بيٺو هو...

"توهين ڪير آهيو؟ هتان جا ته نڪا لڳو. مان هن گليءَ جي هر ماٺهوءَ کي سڃاڻان. توهين هتي ڇو بيٺا آهيو؟ هي منهنجو دڪان آهي."

"معاف ڪجو مان هن گهٽيءَ جو نه آهيان، نه ئي، پر مان هن گهٽيءَ جو آهيان، پر هن وقت مان هن گهٽيءَ جو نه آهيان."

"ته چا تون مستقبل مان آيو آهين يا ماضيءَ جو باشندو آهين؟"

"ٻنهي سال پهرين مان سامهون واري بلڊنگ ۾ رهندو هوس..."

"سامهون جهامنداس بلڊنگ ۾؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڪشن ولي... واهُو... گنگو... تون ڪير آهين؟"

ائين چوندي چوندي هن لڪڙيءَ جي پيتيءَ مان هڪ اِستول، هڪ آرسي، ڪجهه حجامت ڪرڻ جو سامان ڪڍي پيتيءَ تي رکيو ۽ مون کي هُن استول تي وهڻ جو اشارو ڪيو.

"توهين ڪير آهيو؟" مون ويهندي پڇيو.

"مان ورهاڱي کان ڪجهه مهينا پهرين هن بلڊنگ ۾ رهندو هوس. مان چانڊوءَ جو پٽ رفيق آهيان."

"چانڊُو...؟"

"ها، چانڊُو جيڪو هن سڄي بلڊنگ جا پاڻيءَ جا پمپ هلائيندو هو."

مونکي ياد آيو ته اُن وقت هڪندڙ پمپ هلائي اندر گرائونڊ پاڻيءَ جي ٽانڪي ۾ري رکبي هئي. ڇو جو اُن وقت بجلي مهانگي ۽ ماڻهو جي محنت سستي هئي.

"هندستان بابا جي پهرين پسند نه هئي، سو اسين هتي ئي رهجي وياسين. مان اُستاد رفيق کان حجام جو ڪم سکيس ۽ پاڻ کي "رفيق اُستاد" چوڻ لڳس. هونئن منهنجو نالو ٺڪر آهي." هن مشڪندي چيو.

"ٺڪر؟" مون حيرت مان پڇيو.

"نه نه هونئن ته منهنجو نالو راڌو آهي. مان انهيءَ پمپ هلائڻ واري جو پٽ آهيان."

"رفيق... چانڊوءَ جو پٽ رفيق؟"

"ٺڪر جو ٺڪر ٿيو عشق سان، راڌو رفيق ٿي ويو." هن مرڪندي گهٽو ڪجهه چئي ڏنو.

"ايڏا آهي نه؟" مون پڇيو.

"نه پهرئين ٻار سان آئي ۽ پهرئين ئي ٻار سان هلي به ويئي." هن آسمان طرف اشارو ڪيو.

"ته پوءِ توهان ٻي شادي نه ڪئي؟"

"هاڻي ته جتي جتي ڏسان ٿو هر حال ۾ اُنهيءَ کي ڏسان ٿو..."

مان هن جي چهري طرف ڏسندو رهجي ويس.

"توهين ايترو پري کان چو آيا آهيو ڪنهن کي ڳولهڻ؟"

مان هن کي ٻڌائي رهيو آهيان... مون ايترا ورهيه ڪٽي گذاريا... چا چا ڪندو رهيس ۽ اڄ ايترو پري چو آيو آهيان.. بغير ويزا جي...

مان هڪ اجنبيءَ سان هن جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. ها، صرف اجنبي ئي توهان کي سمورو ٻُڌي سگهي ٿو چو جو هن وٽ توهان جي ڪا اميج نه آهي، جنهن سان هُو توهان جو پراڻو چهرو ۽ جيون ملائي ڏسي... مون پنهنجي نجي جيون جي هڪ تصوير اُن کي ڏيکاري... هو ڪجهه لمحا ڏيان سان منهنجو چهرو ڏسندو رهيو....

"هوءَ توکي سڃاڻي ويندي؟"

"خبر نه آهي. ٿي سگهي ٿو مان ئي نه سڃاڻي سگهان..."

"تون ملي به ونندين ته چا ٿيندو؟"

"هميشه ڪجهه ٿئي، اهو ضروري نه هوندو آهي؟ مان ڪجهه وٺڻ يا ڏيڻ نه آيو آهيان، مان بس هن کي ڏسڻ آيو آهيان...."

مون کي لڳو منهنجو گلو پرجي آيو آهي ته مان اُٿي بيهي رهيس. هن منهنجو هٿ پڪڑي وري ويهاري ڇڏيو...

"هي سرحدون ڌهيون ئي چو آهن دوست؟" هن جي منهن مان بي ساخته نڪتو.

"هي پاڻ نه ڌهيون آهن، ڌاهيون ويون آهن. ڌاهيون آهن اُنهن، جيڪي سياست جو کيل کيڏڻ چاهين ٿا. اُهي ماڻهن کي گڏ ڪڏهن نه ٽيڙ ڏيندا، چو جو انهن سان اُنهن جي طاقت کي خطرو آهي. هُو انسان کي ٽُکرن ۾ ونڊي ڇڏڻ چاهين ٿا... هن کي اندران ٻاهران ايترو پيچي ڇڏڻ چاهين ٿا، جو هُو پنهنجي حق بابت ئي سوچي نه سگهي، ڪجهه گهُري نه سگهي، بس گهيٽو ڌهي وڃي، جنهن کي هُو هڪلي سگهن. ڏسو نه اسان کي هڪلي ڪيستائين وٺي آيا آهن. ڪري سگهياسين اسان ڪجهه؟ هُو چاهين ٿا ته اسين پيٽ کان مٿي نه سوچي سگهون ۽ پيٽ کي ئي اسان

جو سڀ کان وڏو مسئلو ناهي چڏيائون. اسان هن کان متي سوچي ئي نٿا سگهون...."

"تہ چا کڏهن ڪجهہ نہ ٿيندو؟"

"ٿيندو جڏهن اسين جاڳنداسين..." مون مشڪي ڏنو.. منهنجي مُشڪ ۾ نہ جاڻ ڪيتري ڪوڙائپ هئي، نہ جاڻ ڪيتري تڪليف هئي... نہ جاڻ ڪيترا لاها چاڙها هئا؟

"اسان ڪڏهن جاڳنداسين؟" هن بہ عجيب سوال ڪري چڏيو.

"جنهن ڏينهن جاڳڻ چاهينداسين. ڪوششون تہ گهڻيئي ڪيون ويون آهن... سنڌ ۾ بہ صوفين جي تہ هڪ وڏي ۽ ڊگهي پرمپرا آهي... اڄ جنهن علائقي کي پاڪستان چيو ويجي ٿو هڪ وقت هي سڄو علائقو تصوف جو مرڪز هوندو هو. اُتارين تہ پيا صوفي سينٽ ڪي... پر ڪوئي جڏهن اسان کي اسان جي ننڊ مان اُتارينڊو آهي تہ اسين هن کي ماري چڏيندا آهيون. اسان نہ چاهينداسين تہ اسان جي ننڊ ۾ خلل پوي. پوءِ جڏهن ننڊ ڦٽائڻ وارا مري ويندا آهن، اسان هُنن جي نالي جو هڪ مندر يا مسجد ناهي چڏيندا آهيون ۽ پوءِ اُتي ڪير عبادت ڪري يا نہ ڪري اُنهيءَ ڳالهہ تي بہ وري رت جون نديون وهائي چڏيندا آهيون. ماڻهو جيستائين ماڻهو آهي، چا هن جو ڪو علاج آهي؟"

اسان هڪ ٻئي جي سامهون چپ وينا آهيون. مان چپ آهيان جو منهنجي سوال جو ڪو جواب ڪونهي. هو چپ آهي جو هن وٽ سوال ئي ڪونهي. هيءَ مرده خاموشي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي بہ هڪ ڏينهن ڊاهي چڏيندي آهي.

پاڪستان سرڪار جي مدد سان لکايل ۽ ڇپايل "هسٽري آف مسلم فلاسافي 1963" ۾ صوفين جو گهڻو ورٽن آهي. گهڻو ڪري دنيا جي سمورن صوفين جي زندگي ۽ نظريي جو بيان هن ڪتاب ۾ آهي. پر هن ڪتاب ۾ ڪٿي بہ سنڌي صوفي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ذڪر نہ آهي. شايد اِنڪري جو شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ "وحدت

الوجود" يعني ادويت واد جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن ته هتان جو ڪٽر سماج دويت واد (Dualism) ۾ يقين ڪندو آهي.

پر مان هن کي چا چوان؟ حالانڪ سنڌ ۾ مذهب تي نٽو ڀالهائي سگهجي، پر مذهب کي الڳ رکي، صوفي جيون تي گهٽو ڀالهائي سگهجي ٿو. صوفين جون گهڻيون قبرون لاهور ۾ ئي آهن. جڏهن ته پاڪستان جنم کان ئي سياست جو آکاڙو رهيو آهي ۽ اها خاص ڀالهه آهي ته تصوف ۽ سياست ٻه مخالف قطب آهن. سياست ۾ خواهش جي اهميت هوندي آهي، ٻين کي وس ۾ رکڻ ضروري هوندو آهي. اِهوئي سياست جو جهاد آهي. جڏهن ته تصوف جو جهاد ان کان بلڪل الڳ رُخ جو آهي. تصوف ۾ صوفيءَ جي اڪيلي خواهش هوندي آهي ته هو "نه" ۾ "نه" ٿي وڃي. جيڪو انسانن کي وس ۾ رکڻ جي خواهش رکندو آهي، اُهو مسجد جو مُلا آهي، مندر جو پروهت آهي. پر جو نه وس ۾ رهندو آهي، نه رکندو آهي، اُهو صوفي آهي.

ايتري ۾ چانهه اچي ويئي. هن ٻيو خالي گلاس گهرائي اُن جي احمدآبادي ڪٽنگ مونکي پيش ڪئي. اسين چانهه پيئڻ لڳاسين. مون کي سوچ ۾ گم ڏسي هن مون کي نه ڇيڙيو ۽ اسين هڪ ٻئي جي ويجهو وينا رهياسين.

چانهه پي مان اُٽيس. هن کان اِجازت ونڊي. پنهنجي گهر جي بند در جي ويجهو اچي، ڪجهه دير بينو رهيس ۽ اُن کي ڇُهي موڪل لڳس... "پنهنجو خيال رکجانءِ" جڙ گهر مون کي چيو.

پريم

هن وقت مان شمشان گهاٽ جي ٻاهر ٻيٺو آهيان.... اُتي، جتي منهنجي ڏاڏيءَ جو اگني سنسڪار ٿيو هو. اُن کان پوءِ به نه ڇاڻ ڪيترا اگني سنسڪار ٿيا هوندا... ورهاڱي جي وقت ته مُردا به پنهنجي وارَي جو انتظار ڪندا هئا. گهٽن جو ته آخري سنسڪار به نه ٿي سگهيو. اُنهن جا لاش به رُلي ويا. ڪجهه ترئجڊيون انسان جي آتما تي گهري رانبوٽي وانگر رهڙيل هوندیون آهن. مٽان ڏسڻ سان لڳي سگهي ٿو ته زخم پرجي ويا آهن، پر ٿوري رهڙ لڳندي ئي ٽاڪا ڪُلي ويندا آهن ۽ اسان سيسراٽيون پرڻ لڳندا آهيون.

پنهنجو جيئرو رهڻ مون کي ڪنهن چمتڪار کان گهٽ نٿو لڳي. اسان جيئڻ جا ايترا عادي ٿي ويندا آهيون جو "جيون جو چمتڪار" نه ڏسي سگهندا آهيون. شايد اِنهيءَ ڊڪ ۾ پروست چيو هو "جيڪڏهن عادي جهڙي ڪا شيءِ نه هجي ها، ته زندگي اُنهن سيني کي ڏاڍي سهڻي ڏسڻ ۾ نه اچي ها، جن کي موت ڪڏهن به گهيري سگهي ٿو. اُنهن سيني کي، جن کي اسين انسان ذات چوندا آهيون."

منهنجو پنهنجي سنسڪرتيءَ سان رشتو ڪجهه چاهنا ۽ ڪجهه نراشا سان ڀريل آهي. هڪ سجاڳ چاهنا، جيڪا اسان کي جذباتي ته ڪري چڊيندي آهي، ٻُڌڻ نه ڏيندي آهي. هڪ سهج نراشا، ته جنهن ثقافت بلند ترين ايام ڇهيا آهن، اُها ڪنهن معمولي حادثي جو شڪار ٿي ويئي. آخر ڇو هندو ۽ مسلمان چوندي ئي اسان جي اندر ڪجهه لڏي

ويندو آهي؟ اسان ايترا بدگمانيءَ سان پريل آهيون جو صرف افواهه ڦهلجڻ سان ئي نه جاڻ ڪيترا قتل عام ٿي ويندا آهن.

شڪارپور ۾ ڪيئي پرائمري اسڪول هئا. اسڪول جو نالو هيڊ ماسٽر جي نالي سان هلندوهو. مان ٽيڪچند پانشالا ۾ پڙهندو هوس. گهر کان اسڪول جو ڏهن منٽن جو رستو هو. مان ڪڏهن به پنڌ نه ويو هوس. چاچو مون کي هميشه پنهنجي ڪلهن تي وهاري، چڏڻ ۽ وٺڻ ايندو هو. منهنجون پينرون مون کان وڌيون هيون. چاچي جو هٿ پڪڙي ايندين هيون. اسڪول جا سڀ خرچ پريتم ڏرم سيا ڪندي هئي ۽ اُن جا خاص ماٺهو هوندا هئا - سيٺ پرمانند ڏيپچند هندوجا، دولترام موهنداس چاهڙيا، لڇمڻداس ٽيڪچند چاهڙيا وغيره....

وڏا وڏا سيٺيون چندو ڏينڊ اهئا، جنهن سان پريتم ڏرم سيا ڪيئي ڪم ڪندي هئي. شڪارپور ۾ هنن جا ڪيترا ئي اسڪول هوندا هئا. اسان ته بس پڙهڻ سکي رهيا هئاسين. کوڙا ياد ڪرڻا پوند اهئا. به ايائي يا سوا به جا کوڙا، ڪاٺ جي پٽيءَ تي ميٽ جو ليپ لڳائي، ڪاري مس ۾ ڪاٺ جي قلم سان لکندا هئاسين. ڪتاب ڪجهه خاص نه هوندا هئا. چوٽين ۾ هڪ ڪتاب هوندو هو جنهن ۾ بيت لکيل هوندا هئا، اُهي اسان کي ياد ڪرڻا پوندا هئا. سامي‌ءَ جا سلوڪ چوٽين ۾ پڙهيا هئاسين. جنهن کي پوءِ مون پورو پڙهيو ائين نه چوندس. پورو پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، اِهو جاڻڻ بغير ته ڪجهه به پورو نه ٿيندو آهي.

هيءَ زندگي اڏورو افسانو آهي... هر پيري پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ضرور آهيون، پر هيءَ پورو ٿيندو ڪونهي. ڪاري پٽر جي سليٽ تي ڪوئنئري پٽر يعني پين سان لکندا هئاسين. ڪوئنئرو پٽر... اڄ سوچيان ٿو ته لڳي ٿو ها، پٽر ماٺهوءَ کان ڪونئرو ئي هوندو آ. چوٽين ۾ اچي اسان کي ڪاپي ملندي هئي. جنهن تي لکڻ لاءِ پهريون پيرو چاچي پارکر پين آڻي ڏني هئي، ايائي روپن ۾... اڪثر مان مني ماني ڪٽي ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن دال وارو پراٺو به جيڪو اسين سڀ دوست اڏ موڪل ۾ گڏجي کائيندا هئاسين. ماستر کان سڀ ڊڄندا هئا. ماستر

ماريندو هو پر پيار بہ ڪندو هو. ڳوٺن ۾ ماسترن جو وڏو مانُ هوندو هو. گهڻيون شيون ماڻهو ماستر جي گهر مفت پهچائي ايندا هئا. ڪيترن قسمن جي ڪهاڻين کان سواءِ هُو رامائڻ مهابارت جون آکاڻيون بہ ٻڌائيندو هو جيڪي اسين سنڌيءَ ۾ ئي لکندا هئاسين.

مون کي ياد اچي رهيو آهي... سنڌ جو پهريون ڪروڙپتي شايد پرمانند پوڃراج روهڑا هو جيڪو ڪپڙي جو واپاري هو. ڪابل، قندار بخارا، تاشقند ۾ هن جا دڪان هئا. هن کي ويدن جو گهڻو گيان هو ۽ سنسڪرت بہ ڄاڻندو هو. گهر ۾ پيئڻ جو پاڻي ٽامي جي ٽنڪيءَ ۾ ۽ ماني چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ کائيندو هو... پر ڪنهن کان وياج نہ کائيندو هو. اُن وقت هُو شڪارپور ۾ پوڃراج سنسڪرت پاٺشالا هلائيندو هو. شڪارپور ۾ هن جي نالي تي اسٽاڪ ايڪسچينج هو جتي سون چانديءَ ۽ ڪرنسيءَ جو سٽو هلندو هو.

1920ع ۾ هن جو خراب وقت شروع ٿيو. هُو ڪابل ويل هو پنهنجي ڪنهن ڪم سان، پٺيان هن جي گماشتي سندس نالي تي وڏو سٽو ڪيڏيو. جيڪو نہ هن جي اڌڪار ۾ هو ۽ نہ وس ۾ ۽ هارائجي بہ ويو. واپس اچي هن پنهنجي سڄي پونجي ڪٽڻ وارن کي ڏيئي ڇڏي. هاٿي هو پهرين جيان نہ رهيو هو. وري بہ هُو ٽامي جي ٽنڪيءَ مان پاڻي پيئندو هو... چانديءَ جي باسٽن ۾ ماني کائيندو هو. هن جا دوست گهٽا پئسي وارا هئا، اُهي سندس مدد ڪرڻ چاهين پيا، پر هن ڪڏهن ڪنهن جي مدد نہ ورتي. شان سان جي، شان سان مري ويو. بابا گهر ۾ اڪثر هن جو ذڪر ڪندا هئا. هُو چوندا هئا، "ڪنڊ هيٺ ڪري تہ سپ مرندا آهن، ڪنڊ مٿي ڪري مرڻ ئي اصلي ڪلا آهي."

اسان جي اسڪول جي بلڊنگ سان لڳ ڇوڪرين جو اسڪول هو جتي منهنجون پينرون پڙهنديون هيون. اُهو بہ ڇوٽين درجي تائين هو. ان کان اڳتي سيني کي ٻئي وڏي اسڪول ۾ وڃڻو پوندو هو ۽ ڇوڪريون تہ گهٽ ئي ويندیون هيون. ڇوٽين کان پوءِ اُنهن کي ڪٽ واري ڏرمشالا ۾ گرمڪي سکڻ موڪليو ويندو هو. اُن کان پوءِ گهر جو ڪم سکڻ ۾ ۽ پتيءَ

جي شيوا جو هنر سکڻ ۾ هُو پنهنجي عمر ضايع ڪنديون هيون. پر تڏهن "ضايع" ٿيڻ جهڙو پاوَ محسوس ڪرڻ جي چيتنا ۾ گهٽ ئي ڏسڻ لاءِ ملندي هئي. هونئن به مان عمر ۾ گهڻو ننڍو هوس.

ڀ هوءَ هتي ئي ڏسڻ ۾ آئي هئي... مان ڪلهي تي جهولو لٽڪائي، اسڪول مان موٽي رهيو هوس، ڏوڙ سان لٿپٿ. هوءَ به پنهنجي اسڪول مان موٽي رهي هئي. اُنهيءَ رستي تي، پر هوءَ اوتري ڏوڙ ۾ لٿپت نه هئي. ٻئي چوٽيون سامهون لٽڪائي... فراڪ پهريل، فراق جي هيڻان پاجامو... ڪيترن ڏينهن کان ڏسي رهيا هئاسين اسين هڪ ٻئي کي، ايندي ويندي کلندا هئاسين. اڄ به مشڪي ڏنوسين...

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هن هڪ پل بيهي مون کان پڇيو.

"نند..." مون پاڻ کي بيخوف ڏيکارڻ لاءِ ٿورو زور سان چيو.

"ها ته ڏيري ڳالهاءِ نه. ايترو زور سان چو ٿو ڳالهائين؟"

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مون ٿورو شرم ڪندي پڇيو.

"ڄاڻي ڇا ڪندين؟ ڪنهن جو پٽ آهين؟" هن جي آواز ۾ ٿورو به ڦوڳ سنڪوچ نه هو. مون بابا جو نالو ٻڌايومانس. هن ڪنڌ لوڏيو.

"چوٽين کان پوءِ ڇا ڪندين؟ پڙهندين؟" هن گڏ هلندي چيو.

"خبر نه آهي، جيئن بابا چوندا..." منهنجي منهن مان نڪري ويو. پر اُن وقت مان ڪجهه اهڙو جواب ڏيڻ چاهيان پيو جنهن ۾ بابا نه هجي، بس مان هجان.

"ڀ تون...؟" سامهون ايندڙ ڇوڪرو ڏسندي ئي مون پڇي ورتو.

"مان ته پڙهنديس... مان نه مجيندیس بابا جي ڳالهه..."

هن جي چهري تي فخر هو ڀ هئي بي فڪري. هن جي هلڻ ۾ بيپرواهي هئي ڀ وارن ۾ لهرائيندو الهڙپڻو... منجهند جي اُس ۾ هُوءَ ڳاڙهي ٿي رهي هئي ڀ بي فڪر هلي رهي هئي.

تيستائين ڇوڪرو اچي ويو هو. هن مون کي اک سان اشارو ڪيو ته وڃي رهي آهيان ڀ ٻئي پاسي هلي ويئي بغير نالو ٻڌائي، پر مُون ٻئي ڏينهن ئي ڄاڻي ورتو هو. پوءِ ائين ئي ٿيڻ لڳو هو ته گهر واپسيءَ مهل

اسان ٻئي ٿوري دير گڏ هلي پوءِ پنهنجي پنهنجي رستي تي هليا ويندا هئاسين.

اُن وقت تہ نہ، پر پوءِ بابا مون کي هڪ ست ٻڌائي هئي:

"سِڪُ رمز وجود ويجائڻ جِي."

اِن کان پهرين جو مان وجود ويجائڻ جي رمز سکي سگهان، اسين جدا ٿي وياسين.

شڪارپور استيشن کان لڳ پڳ ڏيڍ ميل پرتي لکيدر ٽهيل هو. هن شهر جي بناوت بہ گهڻن پراڻن شهرن جهڙي آهي، جيئن بخارا، سمرقند، اِستامبول، ڪابل، قندار وغيره. پراڻي وقت ۾ شڪارپور هڪ قلعي جيان هوندو هو. اچڻ ويڃڻ لاءِ اٺ دروازا هوندا هئا. پوءِ پٽيون پڇي پيون هيون، صرف "در" رهجي ويا آهن. شهر پنهنجون ٻانهون ڦهلائي اڳتي نڪري ويو آهي.

اُنهن اَٺن درن ۾ هڪ آهي "لکي در". هن کي شڪارپور جو نڪ بہ چوندا آهن. لکي در کان اندر ويندي ئي هڪ شاهي مسجد ڏسڻ ۾ ايندي آهي. چوندا آهن، هن کي ڪنهن افغان بادشاهہ ٺهرايو هو. اڳتي ويڃڻ تي هڪ ننڍي بازار شروع ٿيندي آهي. ان کان پوءِ هڪ ڊگهو چبوترو ايندو آهي، اُتان ڊڪ بازار شروع ٿئي ٿي... لڳ پڳ هڪ ميل ڊگهي... ويڪري محض 10_8 فوٽ... مٿان ڍڪيل... اُس ۾ پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ. ڪنڌ مٿي ڪر تہ بجليءَ جي ٽنبين جي وچ تي وڪوڙيل تارن جا ڇُڳا... هنن ڇُڳن جي وچ ۾ بہ مکڙين جا ڄارا... گهاٽا دڪان... گهٽو ڪري ڪپڙي جا... وڏي گهما گهمي... ايندي ويندي.. هڪ ٻئي کي سڏ ڪندا ماڻهو... بلڪل بيتڪلف... دڪانن جي پوئتان حويليون. هڪ هڪ حويليءَ ۾ ڪيترائي گهر. هڪ گهاٽو ۽ مضبوط پاڙو. سيني کي سيني جي خبر. بلڪل پاڙ کان وڍيڪ ٻئي جِي، پاڙ کان وڍيڪ ٻئي جي خوابن جي. گڏيل ڇُلهيون... گڏيل جيون... ڪنهن کان وڍيڪ دوري بہ اسان کي

ڊيجاريندي آهي ۽ وڏيڪ ويجهڙائپ ۾ ته ڇا ڪا اهڙي جڳهه ۾ آهي، جتي ڪوئي بغير پَوَ جي رهي سگهي؟

ڊڪ بازار جي اندر ئي سامي شير جو هڪ ننڍو مندر هو جنهن کي هاڻي "مينا بازار" ناهي ڇڏيو ويو آهي. ڊڪ بازار کان پوءِ "سُٺ بزار" جتي سوتي ڪپڙو ۽ ڏاڪا گهڻا ملندا آهن. ان کان پوءِ هُنڊي بازار... جتي جويلرس سون چاندي۽ جو واپار ڪندا آهن. جتي ڊڪ بازار ختم ٿيندي آهي، اُتان پسارڪا دڪان شروع ٿيندا آهن.

گهمندي گهمندي مان ڊڪ بازار جي چبوتري تي چڙهي ويس. دڪان هڪ هندوءَ جو هو. دڪان ۾ بابا نانڪ جو فوٽو لڳل هو... ٻالو ۽ مردانو ۾ هنن سان ساڻ هئا ۽ ان ٿوري دير فوٽو کي نهاريندو رهيس... دڪاندار منهنجي ۾ ۾ اچي ٻيهي رهيو. منهنجا ڪپڙا ئي ٻڌائين پيا ته مان ٻاهران آيو آهيان ۽ هن کي اِهو به ٻڌائڻ جي ضرورت نه هئي ته مان هندستان مان ئي آيو آهيان. دڪاندار هڪ خوش نما مشڪ سان فرج مان ٽڏي بوتل ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏيئي چڏي، مون هن کي "شڪريه" چيو ۽ اسان اُتي ئي ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. مان سنڌ جي بدلاوَ بابت پڇي رهيو هوس. هو چئي رهيو هو ته سموري انساني سيبيتا ئي منجي ويئي آهي. شين، انسانن جي جڳهه وڃي ورتي آهي. هن ترقيءَ جو گهوڙو ڪٿي وڃي ٻيهندو اِها ته اسان کي به خبر نه آهي. هتي عام طور بمن جا ڏماڪا ٿيندا رهندا آهن، ماڻهو مرندا رهندا آهن، ڪنهن کي ڪوبه فرق نٿو پوي، اسين اهڙي ڏرم کي بچائڻ ۾ لڳل آهيون، جنهن بابت ڪنهن کي ڪجهه خبر نه آهي، جنهن جي قيمت ماڻهوءَ کان تمام گهٽي آهي. هي ڏرم ڪتابن ۾ درج آهي ۽ جنهن کي جدا جدا ماڻهو جدا جدا طريقي سان پڙهندا ۽ سمجهندا آهن. هن ڏرم جيترن ماڻهن جو رت پيتو آهي، اوترو رت ايترين جنگين ۾ نه پيتو آهي.

پوءِ هن مون کي منجهند جي ماني آفر ڪئي. مون مڃي ورتي. ماني کائي مون هن کي چيو مون کي بوتن بازار وڃڻو آهي...

"هي رستو اُنهيءَ پاسي ويندو آهي؟"

مون پچيومانس تہ هن پنهنجي هڪ نوڪر کي مون سان گڏ موڪلڻ چاهيو... مون صاف منع ڪري ڇڏي هن، هڪ اڇي ڪاڳر تي هڪ نقشو ٺاهي ڏيئي ڇڏيو. مان تيز تيز قدم وڌائيندو اُتان هليو ويس. هي مون کي نٽو سڃاڻي، وري به ايترو پيار سان پيش آيو. هي هڪ هندو سنڌي آهي... شڪارپور ۾ مسلمان وڌيڪ آهن... هندو گهٽ... "گهٽن" ۾ "ٽورن" کي هميشہ پاڻ تي ۽ پنهنجي جيوَن جي ملهن تي خطرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سو اسين هندو گهر ۾ پڪا هندو هوندا هئاسين... ٻاهر ڪچا هندو، مسلمانن سان نباهڻو پوندو هو.

شڪارپور ۾ ئي نہ، بلڪ سموري سنڌ ۾ هندن کي "واڻيو" چيو ويندو هو، يعني واپار ڪرڻ وارو. واپارين جي نظر هميشہ فائدي کي ڏسندي آهي. اُنهيءَ طرز تي مسلمانن سان وهنوار ۾ به اِهائي سوچ ڪم ايندي هئي. هندو چوٽي رکندا هئا. چوٽي هنن جي سڃاڻپ هئي. مون ڪڏهن به شڪارپور ۾ بنا چوٽيءَ وارو هندو نہ ڏٺو هو... پلي هو ننڍي چوٽي رکي.

شڪارپور جا سنڌ ورکي جيکي اڪثر ڪابل، تاشقند ۽ بخارا ويندا هئا، اُهي به چوٽي رکي ايندا ويندا هئا.... ان ڪري مسلمان انهن کي "چوٽيءَ وارو" چئي سڏ ڪندا هئا. اِها ڳالهہ هندن کي نہ وٺندي هئي. عام طور مسلمان اڻ پڙهيل ئي هوندو هو. اُنهن ۾ پڙهيل لکيل اُنهيءَ کي مڃيندا هئا، جيڪو قرآن شريف جون آيتون ٻڌائي سگهي. هُو پلي پڙهي لکي نہ سگهن، پر آيتون ٻڌائي سگهندا هئا. هندن کي هندي ڏاڍي مشڪل لڳندي هئي. منهنجي اسڪول جو ماستر سانولداس شاستري، هندي پڙهائيندو هو. ماستر هو سخت، پر هن جون ٻڌايل پنج تنتر جون ڪهاڻيون اسان جي نازڪ من تي گهري ڇاپ ڇڏيندیون هيون. منهنجا ٻہ مسلمان دوست هوندا هئا، جن جي نالي کان پوءِ علي لڳندو هو. سو مان اُنهن کي علي چئي سڏ ڪندو هوس... پنج تنتر جون اُهي ڪهاڻيون علي پائرن کي ٻڌائيندو هوس ۽ هو وڏي ڏيان سان ٻڌندا هئا... اُنهن ۾ نہ رام هوندو هو نہ رحيم... اُهي اُنهن ماڻهن جون ڪهاڻيون هيون، جن جي آتما

اجا تائين "انسان" هئي، اُنهن جي سنگهرشن جون، اُنهن جي هار جيت، دک تڪليف، اُنهن جي سفر جون ڪهاڻيون، ڪهاڻي پنهنجي آتما سان ٻڌڻ ٻه هڪ ڪلا آهي... اُن کي پنهنجي اندر جڳهه ڏيڻ... اُن سان ڳالهه ٻولهه جي هڪ پُل ٺاهڻ.... هيءَ ڪلا علي پائرن ۾ هئي. مان ماستر سانولداس کي ٻڌندو هوس... علي پائر مون کي .... ڪهاڻيون لکڻ اُنهيءَ دوران سکيس. ٻڌندي ٻڌندي اُهي اسان جي اندر هڪ رستو ٺاهي وڻندڙ ڏيون آهن... بيحد سنهو ۽ اڻ ڏٺو رستو... جنهن ۾ بس ساهه ايندو ويندو آهي... پر صرف ساهه ئي نه، ٻيو ٻه گهڻو ڪجهه اُهي پاٽيءَ وانگر چپ چاپ اندر لهي ويندڙيون آهن... پاٽيءَ جو هي جهلملو هميشه اسان جي اندر ڪنبندو آهي... اسين نه جاڻ ڪيترا ڀيرا هن ۾ پنهنجين خواهشڻ جو ڇهرو ڏسندا آهيون. پوءِ ڪنهن رات جڏهن اسين اُن زمين تي پير رکندا آهيون، اسان جا پير آلا ٿي ويندا آهن.

مان بوٽن بازار کان ٻاهر اچي ٿو وڃان...ٻاهر پاڇين جا گاڏا لڳل آهن... لوڪل پاڇي مارڪيٽ... پيڙ آهي... گاڏي وارا سستي پاڇي وڪڻي، گراهڪ پٽائڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ زور زور سان رڙيون ڪري رهيا آهن. مان اُن گوڙ کان نڪرندو پري ٿو هليو وڃان.

مان هڪ بلڊنگ جي سامهون بينو آهيان... هتي ئي اُهو امڪان ڏيڻ آهي، جنهن کي ڳولهي سگهجي ٿو. بلڊنگ پراڻي ۽ زبون ٿي چڪي آهي. جيڪي ماڻهو هتي رهندا هئا، اُهي هاڻي هتي نٿا رهن ۽ بلڊنگ مهاجرن پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي آهي. اهڙي هڪ نه، ٻيون ٻه بلڊنگس آهن، جن جا تالا ڀڄي اوپرا ماڻهو رهڻ لڳا آهن. ڪيترن ته هنن جا فرش کوٽي ڇڏيا ۽ اندر ڏيڻ کجهه چانديءَ ۽ سون جا سڪا، کجهه پراڻا زيور ٻه کوٽي ڪڍيا، جيڪي ان اعتبار ۾ ڏاڍي رکيا ويا هئا ته ڪڏهن نه ڪڏهن هُو موٽندا ضرور. پر چا سڀ کجهه کوٽي ڪڍي سگهجي ٿو؟ اُهو ڪي، جيڪو زيورن يا چانديءَ جي ٽُڪرن جي شڪل ۾ نه آهي... اُن کي ڪيئن کوٽجي؟

هوءَ اِنهيءَ بلڊنگ ۾ ئي رهندي هئي، اِها ته مون کي خبر هئي. هاڻي؟ خبر ناهي؟ مان ٽيڪ اُنهيءَ در جي سامهون وڃي بيٺس ۽ ٿوري بعد مون گهنٽي وڄائي.

جنهن در کوليو ڪوئي سنڌي مسلمان هو... ڪجهه پل منهنجو چهرو ڏسندو رهيو...

"ڪنهن کي ڳولهي رهيا آهيو؟" هن جو آواز منهنجي من جي سُڪل کوهه ۾ خالي لوٽي وانگر ڪِريو. مون اُن کي ڪِرڻ ڏنو....

"اسين سڀ ڪنهن کي نه ڪنهن کي ڳولهي رهيا آهيون...."

اوچتو مون کي هڪ گهري اُداسيءَ گهيري ورتو. مان ڏاڍو ٽڪجي پيو هوس. پراڻي ائڊريس تي پراڻا ماڻهو هاڻي نٿا رهن ۽ مان نئين ائڊريس ڪٿان آڻيان؟

"اڇو... اندر ته اڇو." هن ٿورو پٺتي ٿي مون کي اڇڻ جي جڳهه ڏني. مان هن سان گڏ هن جي بيٺڪ ۾ اچي ويس ۽ اِن کان پهرين جوهو ڪجهه چوي، مان اُتي رکيل هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

"پاڻي پياريانءِ؟ پر مون وٽ الڳ گلاس ڪونه آهي. منهنجي گلاس ۾ پيئندءِ؟" ڇا هو هن جي آواز ۾ جو منهنجون اکيون پرجي آيون....

"مان توهان جي گلاس ۾ پيئندس..." مون آهستي چيو.

هُو مشڪندو ڪنڌ لوڏيندو اندر هليو ويو. مان گهٽي ڏيان سان اُها بيٺڪ ڏسي رهيو آهيان... هي هن جو گهر هوندو هو. ڪاڏي هليا ويا؟ هندستان ته هُو وڃڻ ئي نه چاهيندا هئا... ته ڇا اُنهن جڳهه مٽي ڇڏي؟ سامهون پتين تي ڪانچ لڳل هئا، جن جي اندر ڪٻٽن ۾ هندو ديوي ديوتائن جا فوٽا سجيل هئا. مان حيراني سان اُهي ڏسندو رهجي ويس. پوءِ اُتي اُنهن جي سامهون وڃي بيهي رهيس.... اُهي ساڳي طرح رکيل هئا، جيئن ڪنهن به هندو گهر ۾ هوندا آهن. ته ڇا هن مسلمان اِهي ڦٽي نه ڪيا؟

"پاڻي ونو..." پٺيان آواز آيو...

"ڇا توهين هنن بابت ڪجهه ٻڌائي سگهو ٿا، جيڪي هيءَ گهر ڇڏي ويا آهن؟" مون چيو.

"اُنهن کي تہ مان بہ ڳولهي رهيو آهيان..." هُو منهنجي سامهون بيٺو آهي. هڪ ٽري ۾ پاڻيءَ جو گلاس ۽ بسڪيٽ هئا. جيڪي هن منهنجي سامهون رکي ڇڏيا.

"توهان ڇو؟" منهنجي وات مان نڪتو.

اسين هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهيون.

"مان پهرين حيدرآباد جي عامل ڪالونيءَ ۾ رهندو هوس... ورهاڱي جي هڙ ۾ ڇاڙ ۾ هيڏي اچي ويس. هي گهر ملي رهيو هو سو خريد ڪري ورتم. مون کي خبر نہ آهي تہ اصل هي ڪنهن جو هو؟ بس اهو سمجهي سگهان ٿو تہ ڪنهن هندوءَ جو هو؟" هو ٻڌائي رهيو آهي.

"ڇا توهان گهر جي مالڪن کي ڪڏهن نہ ڏٺو آهي؟"

"نہ... ڪڏهن نہ...."

"توهان هي هندو ديوي ديوتائن جون تصويرون ڇو سنيالي رکيون آهن؟"

"مون کي ڪو حق ڪونهي تہ مان ٻئي جي ايمان ۽ ڌرم جي بيحرمتي ڪيان. توهين هندستان مان آيا آهيو نہ؟ وڃي ٻڌائجو اُتي، تہ هِتي بہ اُنهن جو ايمان محفوظ آهي. سنڌو درياهہ سمنڊ ۾ غرق نہ ٿيو آهي. ايڏا بشير اُن کي سنيالي رکيو آهي. مان هنن کي روز ململ جي ڪپڙي سان صاف ڪندو آهيان. جڏهن هو واپس ايندا، مان اُنهن کي موتائي ڏيندس."

منهنجي اندر جي درياهہ جو بندُ ٽٽي پيو. مان اُٿيس ۽ بشير جي گلي سان لڳي روئڻ لڳس. چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ تہ نہ هو. جيڪو هو نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا ڇئي ڇڪو هوس. هو بہ جذباتي ٿي ويو ۽ ڏيري ڏيري منهنجي پٺي ٽپورڻ لڳو.

"ڇگو سائين... اڇو ويهو. ڪجهہ کائو پيئو. ٻڌايو تہ توهين ڪنهن کي ڳولهي رهيا آهيو؟"

مان ويٺس تہ هن پاڻي ڪٽي ڏنو...

"بشير ڀاءُ، توهان کان پهرين جيڪي هن گهر ۾ رهندا هئا، توهان کي خبر آهي، ڪيڏانهن ويا؟"

"نہ، کا خبر کانھي. هي سامان اُنھن جو آهي يا ڪنھن ٻئي جو اها به خبر نہ آهي، پر توهين؟"

"جيڪي هتي رهندا هئا، اُنھن جون ڇھ ڏيئرون هيون... هڪ جو نالو هو سنڌو. مون کان ٿوري وڏي هئي اُن وقت... مان اُن کي ئي...."

"آڇا... تہ اِها ڳالھ آهي. توهان اچڻ ۾ گھڻي دير ڪري ڇڏي برادر. هو هندستان تہ نہ هليا ويا آهن؟"

"هونہ پيا وڃڻ چاهين... اِهو مون ٻڌو هو..."

"تہ هاڻي؟"

"ڇا ڪوئي رستو آهي؟"

"هڪ رستو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي... جنھن کان مون هيءُ گھر خريد ڪيو هو... تمام جھونو ماڙھو آهي... هتان جو پراڻو باشندو... جيڪڏھن هُو ڪجھ ٻڌائي سگھي تہ....؟"

"ڇا هنن مورتين کان سواءِ ٻيو به ڪجھ هو؟ گھر جي ماڙھن جا ڪجھ ڦوٽا يا ڪاڪر پٽ؟"

"نہ، مون تہ نہ ڏٺا آهن. ائين به ٿي سگھي ٿو گھر ٻيو يا ٽيون پيرو وڪاميو هجي."

"مون کي اُن شخص وٽ وڃي هلو... هن ئي مھل." مون شديد وياڪلتا مان چيو.

"هن ئي مھل؟ ڇا ڪنھن سپني ۾ آهين برادر؟"

"ها سپني ۾ ئي تہ آهيان. هڪ سپني جي ٻيڑيءَ تي ترندي هيستائين آيو آهيان.... هاڻي جڏھن اچي ئي ويو آهيان تہ ڇا ٻيڑيءَ کي ائين ئي ٻڌي وڃڻ ڏيان؟"

"مان بغير هن سان ملئي واپس تہ نہ ويندس؟" منھنجي اندر مان ڪنھن چيو. مون کي خبر نہ آهي. بس مون هن جو آواز اُنھيءَ طرح ٻڌو جنھن طرح بشير ٻڌو.

"اڇا، توهين ڪجھ ڪائو تہ، مان وڃي ٿو هلانوَ...." هن ٿوري نرميءَ ۽ پيار سان چيو. مون ڪنڌ لوڏيو بس.

هو اندر وڃي ڪجھ ڪٽي آيو ٿالھيءَ ۾. مون چپ چاپ ڪائي ورتو بغير ڪجھ چوڻ يا سوچڻ جي. اُن وقت مان ڪٽي ۾ نہ هوس. نہ ماضيءَ ۾، نہ مستقبل ۾، نہ حال ۾. اُن لمحي مان بس هوس... اُميد جي ننڍڙي ٽمڪندي لؤ تي ٻيئل. جيڪا ڏسڻ ۾ نہ پيئي اچي، پر جنھن جي هٿ جو احساس هو بس.

هُو وري اندر هليو ويو. شايد پنھنجي بيگم کي ڪجھ چوڻ يا پنھنجي ٽوپي پائڻ.

ڀ هاٿي اسين هڪ پراٿي زبون بلڊنگ جي سامھون ٻيئل هڪ ٻڊي سان ڳالھائي رهيا آهيون. ڳالھائن ۾ هو ٻئي پيا نفيس اُردوءَ ۾ مان ٻيئو ٻيئو شڪر پيو ڪيان تہ هي ٻڊو ايڏا زنده آهي. نہ تہ مان ڪٽي ڳولھيان ها. هن ڏاڍي ميري سلوار خميص پاتي هئي. ڇڻ تہ گھٽن ڏينھن کان سنان بہ نہ ڪيو هجائين... اوچتو مون کي ڪجھ سجھيو ڀ مون هن جي هٿ تي پنجين سئين جو نوٽ ڪٽي رکيو. هن جي چھري تي چمڪ اچي ويئي ڀ هو گھٽي اُتساھ سان پنھنجي ماضيءَ کي ياد ڪرڻ لڳو. پوءِ هُو اندر هليو ويو ڀ اسين ٻاھر بيھي انتظار ڪرڻ لڳاسين. ٿوري دير ۾ هُو اندران ڪاڳر قلم ڪٽي آيو ڀ اُن تي ڪجھ لکيرون ٽاهي، بشير کي ڪجھ سمجھائڻ لڳو. هُو جنھن علائقي بابت ڳالھائين پيا، اُهو منھنجي لاءِ اجنبي هو. منھنجي اندر انتظار جي ٻلي پاڻ کوئي ڪسوئي وينو آهي. ڪڏھن ٿوري ڪڙڪي تي سجاڳ ٿي هيڏانھن هوڏانھن تڪڻ ٿي لڳي ڀ ڪڏھن، "هاڻ کوئي نہ ايندو" مڃي، سمھي ٿي پوي. مان هن ٻليءَ جي عمر جا نٽو ڇاڻان.

اسين وري هلڻ لڳا آهيون. بشير جي اسڪوٽر تي، هن جي ٻڌايل ائڊريس تي. مان وري هن شهر کي غور سان ڏسڻ لڳو آهيان... هُو ڪٽي ٻاھر نہ آهي، منھنجي ئي اندر گم ٿيل آهي. مان اُنھن ڏنڊلن رستن تان وري گذرڻ لڳو آهيان... نہ ڇاڻ ڪيترن ڏنگن ڏڻن رستن تان گذرندي اسين ڪٽي پھچي ٿا وڃون ڀ اوچتو اسڪوٽر بيھجي ٿو وڃي.

هيءَ هڪ ايڪا پراڻي بلڊنگ آهي. بلڪ هن علائقي جون سڀ بلڊنگون پراڻيون آهن. جن جي بالڪنين ۽ ڪپڙا پيا سُڪن. سامهون ڪليل نالين جي آسي پاسي ۽ ٻار کيڏي رهيا آهن. وچولي عمر جون عورتون اڇن وڃن ٻيون ٽيون. مرد گهٽ ٿا ڏسجن. اُهي پنهنجن دڪانن تي هوندا. هي شايد هنڌن جو علائقو آهي. ڇو جو بشير مون کي ٻاهر ئي ڇڏي ڏنو آهي....

"هاڻي مون کي موڪل ڏي برادر... اڳتي جو سفر توکي اڪيلي ئي ڪرڻو آهي...."

"گهڻو شڪريہ برادر... مان هي احسان ڪڍهن لاهي نہ سگهندس..." مون هن جو هٿ پڪڑي ورتو. هو ڪلڙ لڳو...

"جيڪڏهن هوءَ ملي ٽي وڃي، هن نمبر تي فون ڪري ٻڌائي ڇڏجو. احسان ڇُڪجي ويندو." هن منهنجي هٿ تي پنهنجو ڪارڊ رکيو ۽ منهنجي ڪلهي تي ٽپڪي ڏيئي هليو ويو.

منهنجي دل هن جي لاءِ احسان سان ڀريل آهي.

منهنجا جهجهڪندڙ قدم اڳتي وڌي رهيا آهن... منهنجي آسي پاسي ڪان ايندا ويندا ماڻهو مون تي وڌيڪ ڌيان ڏني بغير پنهنجن ڪمن ۾ مصروف آهن...

مان ٿوري دير آسي پاسي ڏسڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان تہ ڪنهن ڪان پڇان... منهنجي پاسي ڪان هڪ جوان ڇوڪري گذري رهي آهي... سلوار ڪڙتو... متي تي رئو ڍڪيل...

"مسٽر رميش لعل هتي ئي رهندا آهن؟" مون بغير وڌيڪ سوچي پڇي ورتو. هاڻي هيستائين تہ اڇي ويو آهيان تہ جيڪو ٽيٽو آهي سو ٽئي.

"بابا دڪان تي آهن..." هن چيو. اِهو ٻڌندي ئي مان پورو لُڏي ويس.

هن مون کي متي کان پير تائين ڏٺو. پوءِ مشڪي...

"هندستان کان آيا آهيو؟"

"توکي ڪيئن خبر پيئي؟" منهنجي زبان مان نڪري ويو.

"اُتي ئي اهڙا ڪپڙا پائيندا آهن..." هن کي پنهنجي ڄاڻ تي فخر آهي. هن جي چهري تي مُشڪ آهي... معصوم فخر واري.. اکين ۾ بي فڪري..

مان نيڪ جڳهه تي ٻيٺو آهيان. مان هن جوان سهڻي نينگر کي ڏسان ٿو جا ٿوري ٿوري هن جهڙي ئي لڳي رهي آهي. ڇا هوءَ پنهنجي ٻالپڻ ۾ ائين ئي نه پيئي لڳي؟ نه. مان ڪجهه ياد نٿو ڪري سگهان. اندر جي تصويرن تي ويساهه نٿو ڪري سگهجي. اهو مان پنهنجي آزمودي تي چئي سگهان ٿو. اوچتو مان پگهرجي ويس. هڪ عجيب گهبراهٽ مون کي پڪڙي ورتو. ڇڄي وڃ... ڇڄي وڃ... هتي ڇا ونڊ آيو آهين... ڇا ڏيڻ.. ڇا چوندين ته مان ننڊ آهيان... اُهو جيڪو توسان ڪلندو هو؟ ته؟ ڇا چوندي هوءَ؟ ته هن ڪل جو پيڇو ڪندي ڪندي توهين هيستائين هلي آيا؟ ۽ مان ڇُري ٻه نه سگهيس. ڇڻ ته ڪوڪي سان ڪنهن پير نوڪي ڇڏيا هجن...

"توهين بابا سان ملڻ آيا آهيو؟" هن جي آواز مون کي ٻاهر ڪڍيو.

"مان هڪڙي سوڪڙي ڪٽي آيو آهيان تنهنجي بابا ۽ امان جي لاءِ... هيءَ؟" مون پنهنجي هٿ وارو پئڪيٽ هن کي ڏيکاريو... هيءَ اُلهاس نگر جي منائي آهي. جنهن کي هتي خاص طور تي پسند ڪيو ويندو آهي. مان بس ڪٽي آيو هوس. بغير ڪجهه وڌيڪ سوچي. پئڪيٽ ڏسي هوءَ مشڪي.

"امان متي آهي. سڏ ٿي ڪيانس... اندر هلو."

تڏهن. بلڪل تڏهن. هڪ عورت بالڪنيءَ ۾ پرگهٽ ٿي. سُڪل ڪپڙا لاهڻ... وچولي عمر جي... خوب گورو رنگ. ڇڻ اُس ۾ پچي راس ٿيو هوس. هلڪي رنگ جو سلوار ڪرتو ۽ متي تي رئو ڍڪيل. منهنجي اندر هڪ ساهه ڪڇي نڪ کان ٻاهر نڪتو... اُن شڪل ۾ مون هڪ پراڻي شڪل ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جو عڪس ايتري جدوجهد کان پوءِ به ڏنڊلو نه ٿيو هو. پر شايد اهو ڪٽي گهڙو اندر هو ۽ ايتري جلدي ڏسڻ ۾ به نه پيو اچي. مان هن عورت جي زندگيءَ ۾ ڇو هليو آيو آهيان؟ هيءَ سپ ڪجهه وساري چڪي هوندي. مان هن کي ياد به ڏياري ڇڏيان

ته چا ٿيندو؟ ۽ چا ياد ڏياريندوسانس؟ پنهنجي ڏيءَ سان بيٺل اجنبي شخص کي هوءَ غور سان ڏسي ٿي....

"هي ڪير آهن پٽ ۽ هنن کي چا کپي؟" هن مٺان آواز ڏنو.

"امان... هي مهمان آهن... هندستان مان آيا آهن..." هن مٽي ڏسنا ي ماءُ کي چيو. هوءَ اِستري غور سان مون کي ڏسي رهي آهي. هاڻي مون ڪنڌ مٽي ڪري سڏو هن جي اکين ۾ ڏنو. جيڪڏهن ڏسي سگهندي هوندي ڏسي ونندي نه ڏسي سگهي ته به ڪا ڳالهه ڪانهي. مان اِن قابل نه ٿيو هوندس ته ڪوئي ڏسي.

چوڪريءَ مون کي ڏنو ۽ مٽي هلڻ جو اشارو ڪيو.

مون پئڪيٽ هن جي طرف وڌائيندي چيو:

"امان کي چئجانءِ ڪوئي بمبئيءَ مان آيو آهي."

"توهان جو نالو؟" هن پئڪيٽ ونندي هڪ نظر مٽي ماءُ تي، ٻي مون تي وجهندي پڇيو.

"نند..." مون جهجهڪندي چيو...

"۽ تنهنجي ماءُ جو نالو چا آهي؟"

"سنڌُو... ۽ منهنجو...."

مون آخري نظر اُن بالڪنيءَ تي وجهي وداع جو هٿ مٽي ڪنيو....

مان هن کي گهٽو ڪجهه چوڻ چاهيان پيو... "ڏس، منهنجا ڪپڙا آلا آهن. مان پريم جو سمنڊ پار ڪري هتي پهتو آهيان. وقت ڪيڏانهن نه ويندو آهي اسان کي اڪيلو ڇڏي اُهو هميشه اسان جي اندر موجود هوندو آهي، جهڙو جو تهڙو. تون اجا به اُتيئي آهين، پنهنجي اُنهيءَ روپ ۾... اُنهيءَ دائمي روپ ۾. تي ڏهاڪا گذري ويا آهن. پر تو مان ٿي هڪ لمحو به نه گذريو آهي. اِها ئي پريم جي دائميت آهي. مان توکان صرف هڪ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو... چا مان ڪنهنجي اندر اوترو ئي جيئرو آهيان؟ چا مان توکي ٿورو به ياد آهيان؟ ۽ چا اهو ايترو وڏو سوال آهي، جنهن جو جواب گهرڻ مان ايترو پري هليو آيو آهيان؟

خبر نہ آهي. نہ جاڻ اسان ڪنهن ٻئي کي جاڻڻ چاهيندا آهيون يا پنهنجو پاڻ کي يا هڪ ٻئي کي پنهنجي دل ڏيکارڻ چاهيندا آهيون... پريم سان پريل دل. بس مان توکي ايترو ئي چوڻ چاهيان ٿو... هي جو سمنڊ پکڙيل آهي اسان جي ۽ن دنيائن جي درميان، مان هميشہ هن تي تري ايندو ۽ ويندو رهندس تنهنجي هڪ جهلڪ جي لاءِ. تيستائين اسين پنهنجن ٻارن کي وڏو ڪيون ٿا. پوءِ جڏهن گهٽا سال گذري ويندا ۽ اُن وقت اسان وٽ شايد وقت هوندو ڪجهہ چوڻ ٻُڌڻ جي لاءِ... ۽ تيستائين هي ڪپڙا ۽ اُس ۾ سُڪي چڪا هوندا... ٽي سگهي ٿو هنن کي مَٽڻ جو وقت ۽ اچي وڃي... تہ اسين نوان ڪپڙا پائي ملنداسين... بلڪل نوان نڪورا ۽ تڏهن ۽ هڪ ٻئي کي سڃاڻي ويندا سين. ڇو جو سڃاڻپ تڏهن جي آهي، جڏهن هي ڪپڙا ۽ نہ هئا. ڪپڙا تہ گهٽو پوءِ نهيا... اِنساني سيپيتا کان گهٽو گهٽو پوءِ. تون ٻڌي رهي آهين نہ... مان وري ايندس... مان هر هر ايندس ۽ چوندس توکي... اُهو جيڪو اڄ تائين نہ چئي سگهيو آهيان....

مان تنهنجي در تائين اچي سگهيس ۽ توکي ڏسي سگهيس. اِهو ئي منهنجو نصيب آهي. سڻو آهي تو مون کي نہ سڃاتو. سڻو آهي، تون هن دک کان دور رهين. سڻو آهي، منهنجن سوالن جو جواب ڪڏهن نہ ملي. گهڻن سوالن جو جواب نہ ۽ ملڻ گهرجي. جنهن پريم ۾ سوالن جو جواب نہ ملندو آهي، اُهو پريم ڪڏهن ختم نہ ٿيندو آهي."

❋



ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل ڪتابن جي فهرست

9-ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد. فون: 0333_2607541

اي ميل: mlmintel@yahoo.com

(1)	ميرا درد (اردو شاعري)	لال چند لال	(ختم ٿيل)
(2)	پپهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا)	ريٽا شهاڻي	(ختم ٿيل)
(3)	بارش سوچي ٽي (نثري ٽُڪرا)	ايوب ڪوسو	(ختم ٿيل)
(4)	جمال ابڑو ۽ جديد.... (مونوگراف)	ادريس جتوئي	-/100 روپيا
(5)	آنسو (اردو شاعري)	لال چند لال	-/120 روپيا
(6)	رشتن جو رقص (ڪهاڻيون)	ريٽا شهاڻي	(ختم ٿيل)
(7)	زندگي هڪ وار وري (شاعري)	شريڪانت صدف	-/150 روپيا
(8)	ميگهه ونس اتهاس (تاريخ)	تيرٿداس اُميداڻي	-/350 روپيا
(9)	ڪلجُگ جو ڪاپڙي (شخصيت)	ليکراج ڪي. راماڻي	(ختم ٿيل)
(10)	ويد اُپديش (اردو) (مذهب)	تيرٿداس اُميداڻي	-/50 روپيا
(11)	ڪوتا - ڦُلواڙي (شاعري)	ولي رام ولپ	-/200 روپيا
(12)	تانڊن متي تهڪ (شاعري)	منصور ملڪ	-/120 روپيا
(13)	آلا نيٺ بهارن جا (شاعري)	فياض ڌاهري	(ختم ٿيل)
(14)	در ڪليو ئي رهيو (ريڊيائي افسانا)	امين ارباب	-150/ روپيا
(15)	صاحبو! (اردو شاعري)	دانش مهدي	(ختم ٿيل)
(16)	سڃاڻ جون سمرتيون (يادگيريون)	ريٽا شهاڻي	-/120 روپيا
(17)	سنڌو لکت جي پاڃ (تاريخ)	عطا محمد پنيرو	(ختم ٿيل)
(18)	ووڙيم سپ وٽاڻ (مهر جوئي)	اشتياق انصاري	(ختم ٿيل)
(19)	پاڻ هُر تڙيون مايون (ناول)	گوبند خوشحالاڻي	-/120 روپيا
(20)	ٻارن جون بيماريون (ميڊيڪل سائنس)	ڊاڪٽر بشير احمد	-/50 روپيا
(21)	ڏسمبر جي اڪيلائي (شاعري)	بخشل باغي	-/130 روپيا
(22)	جيجي (فن ۽ شخصيت)	مرتب: نصير مرزا	(ختم ٿيل)
(23)	فاتح ڪربلا (تاريخ)	ترجمو: حسين بخش لغاري	(ختم ٿيل)
(24)	اور گنگنائون اُسي (اردو شاعري)	شاهد قريشي	-/160 روپيا
(25)	سمي صحرا، سمي دريا (نثري مضمون)	مرتب: آزاد انور ڪانڊڙو	-/ 200 روپيا
(26)	مڙڻا پاڻ (ڪهاڻيون)	ولي رام ولپ	-/180 روپيا
(27)	چلي گئي وه آکر بهي (اردو شاعري)	شاهد قريشي	-/160 روپيا
(28)	Globalization viz a viz Pakistan	Prof. Fakhrunisa Talpur	-/80 روپيا
(29)	The Glorious Past	(Reviews) Dr. Kazi Khadim	-/400 روپيا
(30)	ڇا لاڙسجي پر آهي امن!؟ (شاعري)	ابراهيم ڪوسو	-/100 روپيا
(31)	آئرويدڪ آسان علاج (صحت)	ترجمو: ڪيمپال شرما	(ختم ٿيل)
(32)	گيتا ٻوڌ (ڏرمي پُستڪ)	مهاتما گانڌي	-/60 روپيا
(33)	بوتيڪ کان بيڊ روم تائين (ڪهاڻيون)	اڪبر سومرو	-/150 روپيا
(34)	ٽي نه سگهيس شاعر (شاعري)	نصير مرزا	-/150 روپيا
(35)	پٽڪي ويل سپنا (ناول)	عزيز پنيرو	-/175 روپيا
(36)	ميري شاعري ميري صليب (اردو)	شيخ اياز	-/75 روپيا
(37)	شهيدن جي علمدار (بينظير پٽوتي شاعري)	قاضي ايازمهيسر	(ختم ٿيل)
(38)	انيس انصاري: فن ۽ شخصيت (شخصيت)	اشتياق انصاري	-/200 روپيا

(39)	گهاريل گهڙيون (آتم ڪٿا)	عبدالحميد ميمڻ	-/250 روپيا
(40)	شاهه جو گنج شاهه لطيف جا بيت)سهيڙيندڙ:	سڳهڙ الهداد جنجهي	-/1000 روپيا
(41)	ڪوءِ جي ڪٿا (آتم ڪٿا)	سوز هالائي	-/250 روپيا
(42)	متيءَ ۾ ملاوٽ (ڪهاڻيون)	قاضي خادم	-/200 روپيا
(43)	وِڪريل ماڻهو (ناول)	فاروق سولنگي	-/250 روپيا
(44)	اکڙيون ڏيل ڏينا (شاعري)	عامر سيال	-/150 روپيا
(45)	اڪٽ ڪهاڻي-ڪبير (ناول)	ريتا شهاڻي	-/140 روپيا
(46)	سفر در سفر (سفرنامو)	ريتا شهاڻي	-/250 روپيا
(47)	اوڪا پنڌ پيار جا (ناول)	ڪلا پرڪاش	-/150 روپيا
(48)	سامي سچ وڙاءِ (ناول)	مراد علي مرزا	-/300 روپيا
(49)	اُجهاميو برن (ڪهاڻيون)	ماڪن شاهه رضوي	-/250 روپيا
(50)	سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڌرم جا..(تاريخ)	عطا محمد پنهيرو	-/250 روپيا
(51)	منهنجي ڪهاڻي ڪجهه نئين (آتم ڪٿا)	گڻيش ٻالاڻي	-/130 روپيا
(52)	شهر جي ڳالهه (ناول)	اڪبر سومرو	-/250 روپيا
(53)	گورک:فطري حُسن جو تفريحي ماڳ(سياحت ۽ تاريخ)	اشتياق انصاري	-/240 روپيا
(54)	دل جي دفتر مان(ساروٽيون)	قاضي خادم	-/450 روپيا
(55)	سائل ڪوش (سنڌي-سنڌي لغت)	پروفيسر سترامداس سائل	-/850 روپيا
(56)	چنڊ، سمنڊ ۽ پٿر اکيون(شاعري)	سليمان سولنگي	(ختم ٿيل)
(57)	وڇڙي ويل زندگي(شاعري)	گلشن لغاري	-/150 روپيا
(58)	ائين ڀلا ڪيئن هوندو؟(مضمون)	عبدالقادر جوٽيجو	-/140 روپيا
(59)	ساروٽيون (يادگيريون)	قاضي خادم	-/350 روپيا
(60)	چنڊ چهرا (خاڪا)	ماهتاب محبوب	-/250 روپيا
(61)	سچ جي ڳولا (تصوف ۽ انسانيت)	تيڪر متائي	-/150 روپيا
(62)	هلي ڏسجي هندوستان(سفرنامو)	الطاف شيخ	-/450 روپيا
(63)	ويجها ٿيا وصال کي(شاعري)	غلام محمد جنجهي	-/275 روپيا
(64)	ڪوڪيئن چوي ڪوڪيئن چوي نامر جليل	ترتيب: مختيار احمد ملاح	-/300 روپيا
(65)	پيار جي هڪ بي صدي(ناويلا، ڪهاڻيون ۽ تاثر)	رفيق سومرو	-/250 روپيا
(66)	Ishtiaq Ansari (Trourism) Gorakh: Beautiful Resort of Sind		-/300 روپيا
(67)	اندر روح رهيام (يادگيريون)	قاضي خادم	-/ 350 روپيا
(68)	سنڌ جون ڏنڊون (تاريخ، سياحت ۽ ماحوليات)	عزيز رانجهاڻي	(ختم ٿيل)
(69)	اندر اُڃ اُکير(شاعري)	اسير ڏاهري	-/150 روپيا
(70)	فاني جڳ لافاني ماڻهو (سوانحي خاڪا)	حميد سبزوئي	-/250 روپيا
(71)	جوئي آهيان سوئي آهيان-امر جليل	ترتيب: مختيار احمد ملاح	-/300 روپيا
(72)	رُوبرو (جيون سنهنڊي مضمون)	ريتا شهاڻي	-/150 روپيا
(73)	سنت تريڪر صاحب (ڏرمي جاڻ)	سهيڙيندڙ: راڄا رام چوهاڻ	-/100 روپيا
(74)	پٽڻ جون پُڪارون (شاعري)	ع غ تبسم	-/200 روپيا
(75)	رابيل مُکڙي (نثري ٽڪرا)	محمد انور بلوچ	-/180 روپيا
(76)	رِڻ تي چانڊوڪي (شاعري)	ايوب ڪوسو	-/200 روپيا
(77)	خوبصورت ادبي چهرے (ادبي شخصيات)	محمد لقي راجپوت	-/200 روپيا
(78)	پير اڃا مون پنڌ ۾ (يادگيريون)	قاضي خادم	-/500 روپيا
(79)	لڙيو پئي لاڙ تان سورج (اسٽوريز)	امين ارباب	-/150 روپيا
(80)	اُوچا پنڌ پهاڙ جا (آتم ڪٿا)	عبدالستار ڪورائي	-/200 روپيا

(81)	عُمر اوڻي اباڻن جا (خاڪا)	عزيز گوپانگ	300/- روپيا
(82)	جهڙو ساڻ سُڃڻڻ جو (شخصيت)	مرتب: موهن مدهوش	750/- روپيا
(83)	خواب اکين ۾ پلجن (شاعري)	اسير ملاح	200/- روپيا
(84)	ڳالهڙيون ڪتيون ناهن (يادگيريون)	قاضي خادم	500/- روپيا
(85)	ديس نماڻو ارڙا ماڻهو (ڪالم)	محمد انور بلوچ	180/- روپيا
(86)	زيرِ عشق پيش حُسن (خاڪا ۽ تاثر)	عزيز گوپانگ	250/- روپيا
(87)	ريتا شهاڻي-سنڌ هند جي ڪهاڻي (شخصيت)	مرتب: موهن مدهوش	300/- روپيا
(88)	هٺ يوگي (ناول)	تارا ميرچنداڻي	300/- روپيا
(89)	ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب (تنقيدي مضمون)	هيرو شيوڪاڻي	250/- روپيا
(90)	علمِ عروض (شاعري فن جو گيان)	سترامداس 'سائل	80/- روپيا
(91)	سنڌ هيرن کاڻ (خاڪا)	رسول بخش درس	250/- روپيا
(92)	سنڌ جون سون ورنيون ديون (هندو ليکڪ)	پروفيسر عبدالستار بلوچ	350/- روپيا
(93)	سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام (تحقيق)	قاضي فضل سليمان	350/- روپيا
(94)	حياتِ ڪوثر (آتم ڪٿا)	مرزا علي بخش ڪوثر	100/- روپيا
(95)	آجپي جي آجري باک: محمد ابراهيم جويو	تاج جويو	150/- روپيا
(96)	رقص منهنجي روح جو (شاعري)	سجاد مهر	200/- روپيا
(97)	شاهه جو رسالو (بمبئي وارو ڇاپو)	ڪليان آڏواڻي	600/- روپيا
(98)	سعودي سعادت (حج جو سفرنامو)	محمد خان جروار	200/- روپيا
(99)	ايلشبا (ناول)	محمد انور بلوچ	200/- روپيا
(100)	پونا ايڪسپريس (سفرنامو)	موهن مدهوش	350/- روپيا
(101)	پکا ۽ پنهوار ڪُني مون ڏٺهن ٽيا (سنڌ جو سفرنامو)	وينا شرنگي	250/- روپيا
(102)	اُسات (ناول)	هري همٿاڻي	150/- روپيا
(103)	پوءِ به چندا ڪيلو (شاعري)	زبير سومرو	300/- روپيا
(104)	تي نندا ناول (ناول)	موتيلال جوتواڻي	200/- روپيا
(105)	يادِ يادِ هڪ زندگي (يادگيريون)	قاضي خادم	300/- روپيا
(106)	ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان (ڪهاڻيون)	تارا ميرچنداڻي	400/- روپيا
(107)	ادبي سفر (مضمون، مقالا، افسانا ۽ شاعري)	قاضي خادم	400/- روپيا
(108)	وڃايل وارث (ناول)	ايوب ڪوسو	250/- روپيا
(109)	پهرين جنوري (ڪهاڻيون)	انور ابڙو	250/- روپيا
(110)	اُجهاميو ٻران (ناول)	ظفر جوٽيجو	300/- روپيا
(111)	هاءِ وي (شاعري)	موهن همٿاڻي	300/- روپيا
(112)	حشو ڪيولراماڻي: ..شخصيت (ساروٽيون)	مدد علي سنڌي	200/- روپيا
(113)	ادبي سفر -پاڳوبيو (پيش لفظ مهاڳ، تنقيد)	قاضي خادم	400/- روپيا
(114)	گيان شناسي (تحقيق: اساسي سنڌي ادب)	ڊاڪٽر غلام علي الانا	500/- روپيا
(115)	درد جو سفر (ڪهاڻيون)	عزيز ڪينجهرائي	250/- روپيا
(116)	برف سي لڙڪ (اردو شاعري)	جاويد سوز هالائي	150/ روپيا
(117)	سنڌي لکت جا اصول (تعليم)	پروفيسر رستم خاصخيلي	130/- روپيا
(118)	لچمڻ ڪوملا جا خط (خط)	مرتب: رڪيل مورائي	150/- روپيا
(119)	هُنگ اوڙ (شاعري)	فياض ڏاهري	200/- روپيا
(120)	نجم عباسي: جديد انقلابي فڪر جو ترجمان (تحقيق)	ڊاڪٽر ريحانہ نظير	700/- روپيا
(121)	هڪ مهمان چوڪري (ناول)	انور ابڙو	300/- روپيا
(122)	جتي سنڌي اُتي سنڌ (پروفائيل)	ذوالفقار هاليپوتو	300/- روپيا
(123)	ڪتابِ زندگيءَ جا ورق (آتم ڪٿا)	پروانو پٽي	450/- روپيا
(124)	پاڇو (چوند ڪهاڻيون)		150/- روپيا
(125)	ڏرتي ڏاڪاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	300/- روپيا

(126) آدرشي ناريون(عورت شخصيتون)	ارجنداس بي. ناروائٽي	200/- روپيا
(127) شاھ جو رسالو(سِٽ وار سمجھاڻيءَ سان)	استاد لغاري	1400/- روپيا
(128) نندِ سپنا جاڳ سپنا (شاعري)	عرفان قادري	200/- روپيا
(129) اوڙاھ (ناول)	غلام نبي مغل	750/- روپيا
(130) ڪلياتِ باجھي (شاعري)	مرتب: استاد لغاري	650/- روپيا
(131) تاريخ اسلام (تاريخ)	مترجم: حسين بخش لغاري	400/- روپيا
(132) سنڌ ۾ سنڌي (تحقيق)	فضل سليمان قاضي	800/- روپيا
(133) صوبائي خودمختياريءَ مرڪزي سياست(تحقيق)	فضل سليمان قاضي	400/- روپيا
(134) لمحي جو سواد(ڪھاڻيون)	رزاق سھتو	400/- روپيا
(135) ماڊل گرل محبت ۾ چترڪار(ڪھاڻيون)	غلام نبي سومرو	300/- روپيا
(136) وفا جي سفر ۾ (شاعري)	سُپاش بابو	300/- روپيا
(137) وطن جا وڻ ۽ زندگيءَ جو سفر (ساروٽيون)	پير جي نڪر	200/- روپيا
(138) ڪُليل اکين جا سپنا (يادگيريون)	قاضي خادم	350/- روپيا
(139) ڪُماڇ (ناول)	اڪبر سومرو	350/- روپيا
(140) ماھتاب محبوب (فن ۽ شخصيت)	مرتب: ارم محبوب	800/- روپيا
(141) ھنج نہ آيا ھيل (شاعري)	سرواڻ سنڌي	400/- روپيا
(142) ساري ڌرتي پنھنجو ديس (ادب ۾ نوبل انعام ماڻيندڙ)	ذوالفقار ھاليپوٽو	260/- روپيا
(143) آواز نگر ۾ ايڪٽيھ سال (ريڊيو ساروٽيون)	ماڪن شاھ رضوي	350/- روپيا
(144) نندڙو چنڊ (ناول)	انور ابڙو	360/- روپيا
(145) سون ورنيون سِٽون (سِٽ وار سمجھاڻي)	شارح: استاد لغاري	700/- روپيا
(146) اندر جي عدالت (ڪھاڻيون)	ريحانہ نظير	300/- روپيا
(147) لبيڪ اللّٰھُم لبيڪ (مڪي جو سفر نامو)	محمد انور بلوچ	800/- روپيا
(148) Simple Handbook of the Criminal Court's Practice	Adv. Vishandas Pabani	150/- روپيا
(149) Muhd. Hussain Turk: A man with mission	Compiled by: Dr. Kazi Khadim	500/- روپيا
(150) سنڌ ۾ ارغون ۽ ترخان قبيلي جي حڪومت(تاريخ)	ڈاڪٽر ممتاز پٹو	260/- روپيا
(151) ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج(تنقيد)	جامي چانڊيو	600/- روپيا
(152) اڏورو داستان (يادگيريون)	قاضي خادم	500/- روپيا
(153) رنگ رتول (مھاڳ، تبصرا، خاڪا)	منظور جوڪيو	300/- روپيا
(154) روحاني ڪاميابيءَ جا ست اصول (سيلف)	ڈاڪٽر غلام سرور بگھيو	200/- روپيا
(155) گوڙنج ڦٽن تا (سنيھا ۽ ڪتيون مڙيون حقيقتون)	محمد انور بلوچ	460/- روپيا
(156) سرھي سيج، پاسي پرين (سفر نامو)	عنايت بلوچ	600/- روپيا
(157) تيھ منٽ (ڪھاڻيون)	اختر حفيظ	160/- روپيا
(158) راءِ ڏياچ (ناول)	ڪليم ٻٽ	140/- روپيا
(159) رسالو سچل سائين	مرزا علي قلي بيگ	600/- روپيا
(160) زمانو اڃا ٻار آھي (ڪالم)	حسين ڪپري	300/- روپيا
(161) پختاور مڪيءَ جي (ناول)	منظور ملاح	400/- روپيا
(162) آڪاش ڪان اڳتي (ناول)	محمد انور بلوچ	300/- روپيا
(163) پيار جي سيما (ڪھاڻيون)	محمد انور بلوچ	460/- روپيا
(164) One Unit and Sindh	Prof. Aijaz Qureshi	1400/- روپيا
(165) قصو ڪوتاھ (يادگيريون)	قاضي خادم	460/- روپيا
(166) Threads of Thoughts	Natasha & Aiman Mustafa	400/- روپيا



ها!

جيا جو هيءُ ناول هڪ ندي آهي.

جنهن جو نالو سندُ و آهي.

ءِ جنهن ۾ ناول جي ٻڪيه ڪردار،

جيڪو ناول جو اول ءِ آخري ڪردار آهي.

نندَ ءِ ناول رچيندڙ جيا جادواٽيءَ جا ڳوڙها گڏگڏُ وهي رهيا آهن.

سفر ڪري رهيا آهن.

اهڙو سفر جيڪو نه ڪٽندڙ آهي.

جڏهن سفر ختم ٿيندو آهي.

اُهو شخص جو انت هوندو آهي.

پريم جو انتُ نه ٿيندو آهي.

ائين انسان جو انت نه ٿيڻو آهي.

انتُ فقط شخص جو ٿيندو آهي.

باهرئين شخص جو.

اندريون شخص ته ڪنهن به روپ ۾ آوس زندهَ رهڻو آهي.

ائين جيئن:

"هن شهر ۾ هڪ شهر هو."

جو نائڪ نند!

جيڪو جيا جي ناول ۾ هاڻ شايد ڪنهن به انت کان بچي ويو آهي.

يا جيا اُن کي بچائي ورتو آهي، چا ڄاڻجي؟

رکيل مورائي

ڪراچي سنڌ

ISBN: 978-969-717-015-9

Price: Rs. 300-00

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.